
ھئنگ اوور
(شاعري)
فياض ڏاهري
kaptan abro

# هئنگ اووَر

[شاعري]

## فياض ڏاهري

کويتا پبليڪيشن
حيدرآباد- 2016ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## هئنگ اووَر: فياض ڏاهري


کويتا پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر-119

ڪتاب جو نالو: هئنگ اووَر
شاعر: فياض ڏاهري
موضوع: شاعري
ڇاپو: پهريون
سال:© 2016ع
ٽائٽل: ڪپتان ابڙو
ڪمپوزنگ: روهن مڪواٽو
ڇپائيندڙ: ڪويتا پبليڪيشن، 9-ربي چيمبر،
حيدرچوڪ، حيدرآباد، سنڌ. فون: 2728541
ڇپيندڙ: انٽيل ڪميونيڪيشنز حيدرآباد، سنڌ
قيمت: 200 روپيا


اسٽاڪسٽ:
**حيدرآباد:** ڪويتا بُڪ شاپ، ذوالفقار بُڪ ڊپو، سنڌيڪا بُڪ هائوس، فڪشن هائوس، سنڌي ادبي بورڊ بُڪ اسٽال،
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي بُڪ اسٽال، فرينڊس بُڪ پوائنٽ، ڊفينس پلازه، ڪاشف بُڪ ڊپو حيدرچوڪ، ڪنگ پِن بُڪ شاپ- پريس ڪلب
**ڪراچي:** ايس. اي بُوڪ ڪارنر (اردو بازار)، رائل بُڪ هائوس، توڪل اڪيڊمي اردو بازار، ثقافت ڪاتو بُڪ شاپ، ڪاٺياواڙ بُڪ اسٽور
**ڀٽ شاهه:** شاهه لطيف بوڪ اسٽال، درگاهه ڀٽ شاهه، **ميهڙ:** ساحر ڪتاب گهر (ڪوندي) 03468948535
سٽي پريس بُڪ شاپ، ثقافت ڪاتو بُڪ اسٽال، توڪل بُڪ ڊپو **سکر:** عزيز ڪتاب گهر، الفتح نيوز ايجنسي
**اسلام آباد:** سعيد بُڪ بئنڪ، **خيرپورميرس:** تهذيب نيوز ايجنسي، نيشنل بُڪ اسٽال، **ميرپور ماٿيلو:** هائوس آف ناولٽي،
**لاڙڪاڻو:** رابيل ڪتاب گهر، مهراڻ ڪتاب گهر سامهون سپنا لان، **شڪارپور:** گل ڪتاب گهر، وسيم ڪتاب گهر
**دادو:** ممتاز بُڪ ڊيپو **مٺي:** ٿر ڪتاب گهر، **عمرڪوٽ:** العزيز بُڪ ڊيپو ٿر ڪتاب گهر،
**سانگهڙ:** المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، **بدين:** مرچو مل بُڪ ڊيپو محمد هاشم بُڪ اسٽال- پريس ڪلب
**سجاول:** سنڌ ڪتاب گهر، **ڊگهڙي:** اڪرام بُڪ ڊپو (03442930628)


**ISBN: 978-969-9329-65-4**


# HANG OVER
## [Poetry]

*By Fayaz Dahri*


First Edition: © 2016
Title: Kaptan Abro
Composing & Printed by: Intel Communications,
Hyderchowk, Hyderabad. Tel: +92 22-2728541
Published by: Kavita Publication, 9-Rabi Chamber,
court road, Hyderchowk, Hyderabad-Sindh.
**www.kavitapublications.com**
email: mlmintel@yahoo.com
Price: Rs. 200-00

ارپيان ٿو

## پنهنجي امڙ پياريءَ

جي نانءِ،

جنهن کان مون پنهنجي ٻولي

جا پهريان لفظ ٻُڌا، سکيا ۽ سمجهيا

۽

منهنجي ٻولي کي جديد ٽائينڊ ڙ ڪردارن

سائين ماجد ڀرڳڙي،

امر فياض ٻرڙو،

علي حسن ملاح،

شبير ڪنڀر ۽

صائمہ اصغر

کي.

- فياض ڏاهري

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”هئنگ اووَر“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب نامياري شاعر **”فياض ڏاهري“** جي نظمن جو مجموعو آهي. مبارڪ لاشاري لکي ٿو:

”فياض ڏاهري جو ”هينگ اوور“ نظمن جو اهو گلدستو آهي جيڪو پاڻ ۾ سنڌي نظم جي حوالي سان هڪ ارتقائي ڪائنات رکي ٿو. جنهن ۾ انساني احساس تہ ٽمٽار آهن ئي پر جديد حسيت، جديديت، جديديت پڄاڻان (ماڊرنزم، پوسٽ ماڊرنزم) ڪلاسيڪيت، رومانويت، روايتن ۾ غير روايت پسندي، بغاوت، انقلاب، قوم پرستي، انسان پرستي کان ويندي ذاتي پيڙا جي پڻ جديد تاريخ رکي ٿو. متن جي حوالي سان اهڙي ڪهڪشان سان ٽٻ هوندي بہ وٽس فني اڻت ۽ ٻولي جو سياءُ پڻ ٻنهه شاندار آهي جنهن ۾ وزن و بحر کان ويندي ٻولي جي خوبين ۾ تجنيس حرفي، ترنم، رواني، اڻ ڇهيل محاورا، عڪس ۽ ناپيد ٺيل لفظن جو استعمال پڻ جهجهي تعداد ۾ سندس خوبصورت ترين تخليقن جو ساکي آهي.“

هي ڪتاب **ڪويتا پبليڪيشن** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو. لک ٿورا پياري فياض ڏاهريءَ جا جنهن هن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ـ مهاڳ | مبارڪ لاشاري | 07 |
| ـ پنهنجي پاران | فياض ڏاهري | 37 |
| **هئنگ اووَر** | | **41** |
| ـ سنگيت ناٽڪ ”ڪبوتري“ | | 159 |

# مهاڳ

1982ع ۾ زاڪ ڊيريڊا کان هڪڙي انٽرويو ڪندڙ پڇيو تہ "اوهان جي فلسفي ۾ ماءُ ڪير آهي؟" چوتہ زاڪ ڊيريڊا رد تشڪيل يا جديديت پڄاڻان واري فلسفي واري لاڙي جو سڀ کان منفرد ۽ انوکو فلسفي رهيو آهي، جنهن پنهنجي ساختيات پڄاڻان واري لاڙي ۾ رد تشڪيل جي ٽيڪنيڪ تحت ڳالهين، ڊسڪورس ۽ شين جو رد تشڪيل يعني خيال جا ٻيا ڪيترائي لڪل رخ پيش ڪري، سوچڻ ۽ فڪر جا انتهائي نوان ۽ اڻ ڇهيل زاويا ڏنا آهن. انهن زاوين سبب سموري دنيا جي ڊسڪورس جو محور ئي تبديل ٿي ويو آهي. جڻ تہ روايتي طرح جيڪڏهن سج اوڀر کان اڀري رهيو هو تہ بنهہ گهٽ ماڻهن کي خبر هوندي تہ اهو سج اولهہ، ڏکڻ يا اتر کان بہ اڀري سگهي ٿو. هي اُهو زاويو هو جيڪو ماڻهو صرف روايتي طرح رهي رهي ٻيو رخ پلجي ويا هئا جڻ تہ انهن کي (ردتشڪيل ذريعي) نئين انداز ۾ سوچڻ جو ريناسان يعني نئين جاڳرتا ملي هجي. بيشڪ تہ رد تشڪيل، پوسٽ ماڊرنزم ۽ ساختيات پڄاڻان سوچ ۽ فڪر جا هڪڙا نوان ريناسان Renaissance يعني نئين جاڳرتا جا پنڌ آهن.

زاڪ ڊيريڊا تمام گهري سوچ ۾ هليو ويو. چوتہ اهو هڪڙو غير معمولي سوال هو ۽ غير معمولي سوال ان ڪري بہ هو ان جو جواب ڏيندڙ غير معمولي انداز ۽ زاويي جو ماڻهو هو. جنهن سوال تي ڊيريڊا پڇندڙ کي اپريشئيٽ بہ ڪيو تہ جواب ڏيڻ لاءِ وقت بہ گهريائين. گهري سوچ مان ڪجهہ ساهي پٽي چوڻ لڳو تہ "فلسفي ڪڏهن بہ ماءُ نہ هوندا آهن پر پيءُ هوندا آهن چوتہ منهنجي لاءِ فلسفي هڪ مذڪر جنس آهي". سندس جواب ڏيڻ جو انداز پڻ سوال جي رد تشڪيل ڪرڻ جو نمونو هو. سندس جواب ۾ انتهائي وڏا فڪر ۽ فلسفا لڪل آهن، چوتہ فلسفي تي حاوي فڳر (خاڪو يا شڪل) هميشہ جنس مذڪر يعني مغرب ۽ طاقت آهي، جنهن کي جيڪڏهن logocentrism يا يورپ مرڪزيت Eurocentrism جي پسمنظر ۾ ڏسجي تہ ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويندي. شايد انهي پيرايي ۾

ڪير بہ نہ سوچي ۽ اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ سمورا سوچيندڙ فيمينزم يعني عورتازاد بابت سوچين تہ ڊيريڊا جو اشارو فيمنزم واري نقطي ڪي اپارڻ هجي، پر سندس جواب بينڪي مطالعو جيڪا ايڊورڊ ڊبليو سعيد جي زاويي ۾ آهي سو بہ جهلڪي رهيو هو تہ حڪمرانن جي تاريخ جي ڊسڪورس جو غلبو جيڪو مشل فوڪو جي زاويي ۾ آهي سو بہ موجود هو تہ پوسٽ ماڊرنزم جيڪو ٽيري ايگلٽن، هسرل، ليوي اسٽراس ۽ خود ڊيريڊا جي زاويي ۾ آهي ۽ فيمينزم جيڪا سائمن ڊي بووا ۽ ڪيٽ چوپن جي زاويي ۾ آهي سي سمورا فڪر سندس جواب ۾ سمايل آهن. سندس رد تشڪيل چوي ٿو تہ هر شيءِ متن جي اندر آهي ۽ متن کان ٻاهر ڪجهہ بہ نہ آهي (Of grammatology) Everything is in a text and there is nothing outside it اتي ئي سمورو ڪجهہ بيان ڪيل آهي ۽ اتي ئي سمورو ڪجهہ لڪايل آهي. سندس انهي طريقي تحت ڪابہ ڳالهہ متن کان ٻاهر نہ آهي. تنهنڪري ئي سوال ڪندڙ سدائين ذاتي زندگي جي انوکن اسرارن بابت سوال ڪري ڪائنس اهم ڳالهين جو رد تشڪيل سمجهڻ پئي چاهيو. سندس رد تشڪيل موجب ٻولي هڪ لغت وانگر آهي جتي هڪ لفظ جي معنيٰ ڏسڻ لاءِ ٻئي لفظ جو سهارو وٺڻو پوندو آهي ۽ انهي لفظ لاءِ وري ڪو ٻيو لفظ.....ايستائين جو اها سرڪل ڦري وري ساڳئي لفظ تي اچي بيهندي آهي.

انهي سرڪل يا ٻولي ڪي سميٽڻ لاءِ آف گرامٽالوجي ۾ ڊيريڊا هڪ اصطلاح Differance يعني افتراق يعني نظريہ افتراقيت (پڙهو گوپي چند نارنگ جو ساختيات ۽ پس ساختيات) جو استعمال ڪيو جيڪو Difference يعني ”مختلف“ وارو اصطلاح نہ پر ان کان بلڪل الڳ اصطلاح آهي. ٻنهي لفظن جي انگريزي هِجي ڏسجي تہ خبر پوندي تہ R کانپوءِ افتراق ۾ a آيل آهي جڏهن تہ هيٺين اصطلاح يعني فرق واري لفظ ۾ e حرف استعمال ٿيل آهي، سچو فرق انهي هڪڙي اکر سبب آهي جيڪو رد تشڪيل ڪي منفرد بڻائي ٿو. اهو ڊفرانس ظاهر ڪري ٿو تہ ٻولي هڪڙي لڙهي ۾ پوئيل مالها وانگر آهي، پر ان ۾ مڻڪا لامحدود معنائون يا شڪيلون رکن ٿا. جيئن موناليزا جي مرڪ الڳ الڳ زاين

ڪان الڳ ڪيفيتون ظاهر ڪري ٿي، تيئن ٻولي ٻين زاوين کان ٻيون صورتون ظاهر ڪري ٿي. دلچسپ ڳالهه اها به آهي ته پڙهڻ ۾ تجزيي جي انهي حڪمت عملي کي پوسٽ ماڊرنزم يا ساختيات پڇاڻان ٻولي جي کيڏ Language Play ۾ ٻولي جي پئروڊي Parody جو نالو ڏيئي ڪيترائي پيراڊاڪس Paradox پيدا ڪري ٿي. انهي پيراڊاڪس کي سمجهڻ لاءِ اسان کي وري ڊيريڊا جهڙن مفڪرن ڏانهن رجوع ڪرڻو ٿو پوي. انهي ڳالهه جي مثالن کي ادب يا شاعري ۾ سمجهڻ لاءِ اسان کي فياض ڏاهري جهڙن يگانن شاعرن کي پڙهڻو ۽ پرکڻو پوندو. جيڪي ٻولي جي انهي کيڏ ۾ ڪيترائي پيراڊاڪس کٽي ڊفرانس جو مظاهرو ڪن ٿا. جيڪو هن لکڻي جو موضوع آهي.

آخر ڊيريڊا کي اهو چوڻو پيو ته ”ماءُ فلسفي جي لاءِ رد تشڪيل پڇاڻان Post-Deconstruction جو انتظار ڪرڻو پوندو جنهن ۾ منهنجون پوٽيون ۽ ڏهٽيون ٿي سگهن ٿيون جيڪي رد تشڪيل کي توثيق ڏينديون. اهي عورتون جيڪي ڪم ڪرڻ سان گڏوگڏ سوچينديون، تڏهن ڪا فلسفي منهنجي ماءُ ٿيندي. جيڪا هن وقت تائين نه آهي. چوته مون وٽ فلسفي جو فگر پيءَ وارو آهي“. هتي ڪا به ڳالهه اڻ ٿيڻي يا مافوق الفطرت نه آهي پر سوچڻ جو هڪڙو زايو آهي. ٻي طرف ساڳيا سوال ڪيترن ئي مفڪرن کان پهرين به ڪيترائي دفعا پڇيا ويا هوندا ۽ ڪيترائي منفرد جواب آيا هوندا. پر هر دور جي فڪر جو پنهنجو رستو ۽ دور جون پنهنجون هڪڙيون گهرجون ٿينديون آهن جن کي ڪونه ڪو ماڻهو پنهنجي ورسٽائيل فن ۽ تخيل جي ذريعي پوريون ڪندو آهي.

ارتقاءَ جو ڏاڪو ترقي به تڏهن ڪندو آهي جڏهن دور جي نزاڪتن پٽاندڙ مفڪر ۽ قوي اچي گهرجن کي پوراڻو جو پاڻي ڏيندا آهن، پنهنجو رت ست کپائيندا آهن. سوچ لاءِ مِڪ ولوڙيندا آهن ته تڏهن وڃي هي بيحرم ڏاڪو چُرندو ۽ اڳتي وڌندو آهي ان سڀ لاءِ چارلس ڊارون جي ارتقاءَ واري نظريي Survival of fittest جي توقعات سان سلهاڙجڻ به ضروري هوندو آهي. دور ۽ وقت جي انهن ڏنگڙاين ۽ انگڙاين جي پورائو لاءِ هر دور ۾ انوکا سوچيندڙ ذهن ۽ قوي پيدا ٿيندا آهن، جيڪي پنهنجي

ماضي جي ڪلاسيڪيت، روايتن، تهذيبي ۽ تمدني ويليوز کي ساڻ کڻي دور سان مهاڏو اٽڪائي پنهنجي Being کي Becoming ڪري ڏيکاريندا آهن تہ هن ڌرتي ۽ ٻولي ۾ هي سوچ، فڪر ۽ فلسفو پڻ هيئن موجود آهي ۽ پنهنجي حيثيت توڙي شناخت بچائي سگهجي ٿو. اهڙو اظهار فياض ڏاهري جي نظم ”زيوس ديوتا“ ۾ شدت سان ياد اچي ويو ۽ وڏي هڪجهڙائي محسوس ٿي. جيستائين سندس ڪتاب ”هينگ اوور“ جي مهاڳ لاءِ ٻي ترتيب يا متن ڏي هلجي، ايستائين سندس نظم مان حظ وٺجي تہ هلندڙ وچور کي سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي:

عڪس هر هڪ جي الڳ تاريخ آهي
۽ سندن پيڙا بہ پنهنجي، درد پنهنجو،
غم خوشيءَ جا گيت ڳائيندڙ فهم ۽ فڪر پنهنجو،
فرد پنهنجو
هر تصور جي اڳيان تصوير آهہ
۽ پنيان آهي مصور ڪائناتي گئلري ۾......

عڪس جي تجزيي جي علم لاءِ اسان کي نشانين جي علم يعني Semiotics ڏانهن واجهائڻو پوندو جيڪو انوکو علم ۽ تجزياتي فن هجڻ سان گڏ ساختياتي فلسفي جي بنيادي ڏاڪڻ آهي. في الحال انهي بحث کان هٽي مٿين ڳالهہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪبي تہ هر دور ۾ پنهنجا پيراميٽر يا فياض ڏاهري چواڻي عڪس آهن، انهن عڪسن جي پنهنجي تاريخ آهي ۽ ڪا بہ تاريخ پيڙا، درد، غم، خوشي، فهم ۽ فڪر ڪانسواءِ نہ جڙندي آهي. وري اهي سمورا لقاءُ انساني وجود ڪانسواءِ بي معنيٰ آهن يعني پيڙا، درد، غم، خوشي، فهم ۽ فڪر صرف انسانن سان ئي سلهاڙيل آهن نہ تہ پٿرن، يا ميدانن ۾ اهي بي معنيٰ آهن. اجا اڳين تهہ خاني ۾ وڃي ڏسجي تہ اهي پوڳنائون سهڻ ڪانپوءِ ئي قومون زندهہ رهي پنهنجي وجود ۽ شناخت بچائي سگهن ٿيون. مثال طور ڪا اهڙي قوم آهي دنيا جي تاريخ ۾ جيڪا قوم انهن پوڳنائن ڪانسواءِ زندهہ رهي هجي؟ يا اهڙي ڪا قوم جيڪا اڄ زنده آهي سا انهن پوڳنائن کان بچي هٽي پهتي هجي؟ دنيا جي

تاريخ ۾ اهڙا مثال ورلي هوندا. هي صرف اڪرن جو ڊسڪورس يا لفظن جي جنگ بجاءِ انساني تجربو آهي، جيڪو ادبي ۽ ثقافتي پهراڻ ۾ اسان آڏو پيو جهلڪندو آهي. ٻي صورت ۾ جيڪڏهن ان جي تصوير ڪيڏي سامهون رکجي ته شايد هيانءُ ڏري پوي ۽ پيانڪ تاريخ کي وري ڏسڻ به گوارا نه ڪجي. پر جي ادب ۽ ثقافت ۾ اهي پوڳنائون بيان نه ٿيل هجن ته انساني تجربي جي تاريخ ڪڏهن به واضح نه ٿئي، نڪي انسان ذات پنهنجي گذريل ڏاڪي جي نسبت موجوده ڏاڪي ۾ ڪا ترقي ڪري سگهي. فياض ڏاهري جي هن نظم جي پسمنظر ۾ اسان سيميوٽڪس جي حوالي سان عڪسن مان تاريخ، تاريخ ۾ پوڳنائن، پوڳنائن ۾ انساني ارتقاءَ تي جنهن آساني سان پهتا آهيون، اها ڳالهه يعني ارتقاءَ توڻي انساني سفر ايترو آسان نه آهي، نڪي اهو سمورو تجزيو ايترو آساني سان اجوڪي دور تائين پهتو آهي پر ان لاءِ هڪڙن عملن ۽ انهن جي رد عملن مان به گذرڻو پيو آهي. انهن جي مثالن لاءِ به اسان کي هرويرو فياض جي ساڳئي نظم کان ٻاهر وڃڻ جي ضرورت نه پوندي جو هو ان سموري پيڙا جي عڪاسي پڻ ڪري ٿو:

ساريون تصويرون ڪٽن ٿيون آڱريون،
پيڙ ۾ چهرا سجاڻن پنهنجي سرجڻهار جا،
ڪائناتي گئلري ۾ ڪيئي تصويرون،
تصور ۽ مصور ڪيترا،
آڱريون پنهنجي ڏندن ۾ ڏئي چٻاڙڻ ٿا لڳن...

انساني ارتقاءَ خود حيران آهي ته ڪٿان ڪان ڪيئن هن جُڳ تائين پهتي آهي، جتي ڇا ڇا ممڪن نه آهي؟ جتي جو انسان، صرف انسان نه آهي پر سڀ ڪجهه آهي. سموري مشينري سندن اندر سمايل آهي جنهن تي خود مصور حيران آهي ته هي سڀ ڪيئن خلقجي ويو آهي؟ نتيجي ۾ تصور ۽ مصور ٻيئي ڏندن ۾ آڱريون ڏيئي چٻاڙڻ ٿا لڳن. اهو تاريخ ۾ الفريڊ نوبل جي ڊائنامائيٽ جي ايجاد کان ويندي روس جي ڪلاشنڪوف جي ايجاد تائين ۽ سيموئيل بيڪيٽ جي ويٽنگ فار

گوڊو تائين جا تخليقڪار خود حيران رهيا آهن تہ اهو سمورو ڪيئن ٿيو آهي. پر انهن جي اندر ۾ منفي زيوس ديوتا نہ هو نہ منجهن ”انا“ جو اهو اناڙي وجود Philistine وينو هو جيڪو فياض چواڻي:

رنگ سپ بي رنگ ڪوٺي
سوچ ڪي تالا هٽي
عقل تي چٽرون ڪري
برش سپ ساڙي ڇڏي..
............
پنهنجي ئي پاڳل پٽي ۾
پل اجهي ٿو پل جلي ٿو
روز پنهنجي ٻوٿ تي دانگي ملي ٿو.

هي انا جي اها هوڏي فطرت آهي جنهن ارتقاءَ کي زنجيرون پئي وڌيون آهن ۽ فطرتي توازن واري ڦيٿي کي پئي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر فياض انهي منفي انا جي لاڙي ۽ سوچ کي انتهائي تز ائنتي ڪلائميڪس ۾ آڻي ٿو تہ ايئن ڪرڻ سان هو (انا جو ديوتا) پنهنجي ٻوٿ تي دانگي ملي ٿو. فياض جي نظم زيوس ديوتا جي روشني ۾ اسين سميوٽيڪس جو اطلاق تہ پروڙيوسين پر دنيا جي هر دور جي پنهنجي پنهنجي عڪس بہ ڏٺي سين تہ ساڳئي وقت نظم ذريعي ڪائنات ۾ موجود ڪوجهاين جي رد تشڪيل جا بنهہ طاقتور اولڙا پڻ ڏٺا سين، جيڪي زاڪ ڏيريڊا پنهنجي ساختيات پڃاڻان واري مطالعي ۾ پيش ڪري سوچ جا نوان زاويا ڏنا. ساڳئي پسمنظر ۾ فياض جي ڪتاب ۾ هڪ خوبصورت نظم ”اوجاڳو“ آهي جيڪو جڻ تہ صدين جو اوجاڳو بطور هڪ ارتقاءَ آهي، بطور هڪ وقت آهي، پيڙا آهي. اهو اوجاڳو ديس واسي دراوڙ آهي جيڪو هر دور ۾ پنهنجي وقت ۽ ظالم سان وڙهيو آهي. سندس نظم جي شروعات ڏسو:

ندي ڪناري ڇانو ڇمونءَ جي
ٽڪريءَ جي دامن ۾ دريا

**ساري وادي سونهن_نگر آ**

هي اهو ديس واسي دراوڙ آهي جيڪو پنهنجي جاڳ جي آدرش ۾ ديس جو نقشو چٽي ٿو پر هو ان ديس ۾ ڇا آهي؟ سندس حيثيت ڪهڙي آهي؟ اهو اهم سوال آهي. ڇوتہ سنڌ واسي سدائين ديس جي دنگن جي حفاظت جي ويڙهاند ۾ وقت گذاريو آهي. سندن شناخت سپاهي واري آهي هو وردي نہ هوندي بہ سدائين ثقافتي، ٻولي، تهذيب. رواداري ۽ امن جي وردي ۾ رهندڙ سپاهي آهي. سندن ويڙهہ جو نقشو هيئن چٽيل آهي:

پار نديءَ جي هل هلاچو
ويري لشڪر ڪاهي آيو
ماڻهن چرڪي دانهن ڪئي آ
گهوڙا گهوڙا راجا راجا
مان بہ اٿان ٿو
پنهنجن ساٿين ساڻ ڊڪان ٿو
تلوارن جي جنگ لتاڙي
وار ڪيان ٿو
وار سهان ٿو
عضوو عضوو رت توڙيو
ننڊ وڪوڙيو
ڌرتي ڪيڏا سڏ ڪري ٿي
ننڊ ڦٽي ٿي
.......

ڌرتي ڪيڏي متجي وئي آ
ليڪن سڏ تہ ساڳيو آهي
ڪيڏا جڳ ستو آهيان پر
اکڙين ڪي اوجاڳو آهي.

سندس سمهڻ باوجود بہ اوجاڳي جو پيرا ڊاڪس انتهائي معنيٰ خيز آهي تہ سمهڻ اصل ۾ ننڊ نہ آهي پر جدوجهد آهي. جنهن جو تت اوجاڳو آهي. يعني سمهڻ ايترو جو زنده رهي سگهجي ۽ جاڳڻ معنيٰ وجود جي جنگ وڙهڻ. جيئن تہ سنڌ واسي يا تمدني انسانيت سدائين انهي اوجاڳي مان گذري هت پهتي آهي، جيتوڻيڪ سموري ڌرتي يا دنيا جو گولو متجي ويو آهي پر بينڪيت، يلغار، استحصال ۽ حاڪميت وارو چيلينج تہ ساڳيو آهي تہ انسان ڪيئن نہ اوجاڳو ڪندو؟ تنهنڪري سندن نظم "اوجاڳو" صرف ننڊ قتل هجڻ وارو اوجاڳو نہ آهي پر ارتقاءَ انسانيت ۽ حق سچ آهي. هي تہ سمورو وقت آهي، پيڙا آهي ۽ "سروم دکم دکم" آهي.

فياض ڏاهري جو هي ڪتاب "هينگ اوور" نظمن جو اهو گلدستو جيڪو پاڻ ۾ سنڌي نظم جي حوالي سان هڪ ارتقائي ڪائنات رکي ٿو. جنهن ۾ انساني احساس تہ تمثار آهن ئي پر جديد حسيت، جديديت، جديديت پڄاڻان (ماڊرنزم، پوسٽ ماڊرنزم) ڪلاسيڪيت، رومانويت، روايتن ۾ غير روايت پسندي، بغاوت، انقلاب، قوم پرستي، انسان پرستي کان ويندي ذاتي پيڙا جي پڻ جديد تاريخ رکي ٿو. متن جي حوالي سان اهڙي ڪهڪشان سان ٿب هوندي بہ وٽس فني اٽت ۽ ٻولي جو سياءُ پڻ بنهہ شاندار آهي جنهن ۾ وزن و بحر کان ويندي ٻولي جي خوبين ۾ تجنيس حرفي، ترنم، رواني، اڻ ڇهيل محاورا، عڪس ۽ ناپيد ٿيل لفظن جو استعمال پڻ جهجهي تعداد ۾ سندس خوبصورت ترين تخليقن جو ساکي آهي. انهن سمورن نہ سهي پر ڪجهہ اهم ڳالهين جو تفصيلي ذڪر ڪرڻ جو پوري ڪوشش ڪبي خاص ڪري متن جي حوالي سان جيڪا فڪر منجهن سمايل آهي تن ۾ شاعري مُڪي طرح هنن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿي. جهڙوڪ سندس نظمن ۾ جديد حسيت ۽ پوسٽ ماڊرن مظهريا لقاءُ Modern Sensibility and Postmodern Phenomena and Conditions، ان بعد ڪلاسيڪي روايتون، جديد ۽ انوکا مشاهداتي نظم، مزاحمت، داخلي پيڙا، سهيوڳي دور جي درد جي عڪاسي ۽ رومانويت پسندي جا عنصر ڪافي آهن. انهن نظمن جي تجزين جي اندر ئي ٻولي جي خوبصورتين، تشبيهن ۽ اصطلاحن جي سموئڻ جي ڪوشش ڪبي

پر وري بہ مک محور سندن فڪر ۾ متن ئي هوندو ڇوتہ فياض جي شاعري گهڻ رخي هئڻ ڪري ڪيترن ئي حوالن سان تجزيي ۽ تشريح ۾ اچي سگهي ٿي ۽ ڪيترائي زاويہ ڪيڙي جي ٿان جي تاڪين جيان کلندا ويندا جيڪو فطري عمل آهي.

”هينگ اوور“ انگريزي جو محاورو Phrasal verb آهي پر هن ڪتاب ۾ اهو نالو بطور اسم يا صفت جي صيغي ۾ رکيل آهي پر هيٺين تشريح کي فعل جي صيغي ۾ پڻ پڙهي سگهجي ٿو. جنهن جي پهرين معنيٰ تہ ”ڪنهن اڻ وڻندڙ صورتحال\ ياد يا خوف ۾ رهڻ“ آهي تہ ڪو ماڻهو پنهنجي ماضي جي يادن ۾ گم يا ڪويل رهيو آهي، جڻ تہ:

> ياد ماضي عذاب هي يا رب،
> ڇين لي مجھ سي حافظہ ميرا!

يعني اهڙي صورتحال ۾ رهڻ ئي هينگ اوور آهي پر فياض وٽ هرويرو اهو پڇتاءُ هجڻ بجاءِ ويتر ان سان مزاحمت آهي هڪ هٿيار آهي ۽ آپٽيمزم آهي. پر ان جي ٻي معنيٰ جيڪا آڪسفورڊ ڊڪشنري ٻڌائي ٿي تہ ” unpleasant physical symptoms experienced after drinking too much alcohol “ يعني تمام گهٽي الڪوحل پيئڻ ڪري اڻ وڻندڙ جسماني علامتن جي ظاهر ٿيڻ واري تجربي مان گذرڻ هينگ اوور آهي. هينگ اوور جي ٽين ۽ گهٽو ڪري هن ڪتاب جي نالي سان مشابهت رکندڙ معنيٰ هن ريت آهي تہ “a practice, tradition etc. that remains after everything associated with it has been changed or lost” يعني ڪنهن شيءِ سان لاڳاپيل هر ٻي شيءِ جي تبديل ٿي وڃڻ يا وڃائجڻ کانپوءِ جي عمل يا روايت کي هينگ اوور چئبو آهي. مطلب تہ ڪنهن ماڻهو سان تعلق رکندڙ هر شيءِ مڪمل طور تي تبديل ٿي وڃي يا وڃائجي وڃي، ان کانپوءِ سندن جيڪو عمل يا عادت ظاهر ٿئي ان کي هينگ اوور چئبو آهي. الئہ ڇو مون کي ان ڏس ۾ ”جيئي پٽو“ جي نعري جي روايت يا ڪلچر ياد اچي رهيو آهي تہ نہ اهو پٽو رهيو آهي نہ اهو ”جيئي“ رهيو آهي تہ هي سموري ماجرا جو ڇا مطلب جو سموري سنڌ

پيئي لوڙي ۽ امير سنڌ جو عوام گند جي ڍير تي اچلايل ڪچري واري ماني پئي کائي؟ يا جيئن اسان جي انتهائي سهڻي شاعر وفا ناٿن شاهي جڏهن محترمہ بينظير پٽو 88ع ۾ پاڪستان واپس آئي هئي تہ شعر لکيو هئائين تہ ”فيصلو ضمير جو ووٽ بينظير جو“. اڄ انهي ضمير جي فيصلي جي سنڌ واسين کي ڪيتري قيمت چڪائڻي پئي آهي جو نہ اها بينظير رهي آهي نہ شهيد ڀٽي ۽ شهيد راڻي واري پ پ رهي آهي، تہ ڇا اڃا بہ ووٽ ساڳيو؟ اهوئي تہ هينگ اوور آهي جو ان سان سلهاڙيل هر شيءِ ختم ٿي وئي آهي پر هي جسماني (يعني سياسي، سماجي، تعليمي، معاشي) اپاهج بڻايل سنڌ جي عوام ان ”نعري“ يعني هينگ اوور تي لٽڪيل آهي، جو ڪيس بنا ڪنهن الڪوحل پيئڻ جي ايئن بڻجي وئي آهي. فياض ڏاهري جو هينگ اوور وارو نظم بہ هيئن آهي تہ:

حواسن تي پلاٽي بار ڪيڏو ٿي حياتي،
تصور ٿا بنا ترتيب جي ڊوڙن،
عجب هي انتشار آهي
ڪباڙيءَ جي ڪباڙي جيئن نظر ۾ نظريا آهن.

ظاهر آهي تہ اهڙي حالت ۾ حواسن تي پاڙي زندگي بار ئي ٿيندي آهي، جو حواس بہ ڪيترو ڪنهن کي سهيڙيندا. هي تہ تحت الشعور يا لاشعور آهي جيڪو خودڪار مشينن جيان کائڻ، پيئڻ، جيئڻ، جمڻ، ٻار ڄڻڻ، سمهڻ، اٿڻ جو ڪم پيا ڪن. نہ تہ اهي شيون حواسن سان سر انجام ڏئي ڏئي انسان ٿڪجي پوندو آهي. جيڪڏهن انسان شعوري طور يعني حواسن تي پاڙي هلي تہ شايد چند قدم کان وڌيڪ هلي نہ سگهي. حواسن تي پاڙي ڳالهائي تہ چند جملا، چند ڏينهن يا چند سال بہ درست نہ ڳالهائي سگهي، ڇاڪاڻ تہ شعوري ترتيب ڏاڍو مشڪل مرحلو آهي. ڇو تہ انسان جا گهڻا عمل تحت الشعور يا لاشعور جي خزاني جو نتيجو آهي. تنهنڪري سمورا نظريا ڪباڙيءَ جي ڪباڙ جيان پيا هوندا آهن. نظم جي ابتدائي سٽن ۾ شعور جو وهڪرو يعني Stream of Consciousness تہ آهي ئي پر اهو بہ هينگ اوور جو نتيجو آهي. اوهان ڪنهن کي دارُو ڏوڪايو پوءِ ويهي سندن بي ترتيبي ڏسو. جيتوڻيڪ حواسن تي پلاٽي

زندگي جي بار ٿيڻ جو تصور تجربيت پسندن Empiricist فلسفين لاءِ ناقابل قبول آهي، ڇوته انهن مطابق ته علم جو مکيه ذريعو Source of Knowledge سندن علم العلم Epistemology موجب انساني حواس ئي آهن، جنهن سان انسان ٻيو علم حاصل ڪري سگهي ٿو يعني پنهنجي حواسن جي تجربي مان ڪنهن علم کي ثابت ڪري ٿو. ٻي صورت ۾ اهو علم مافوق الفطرت آهي، جيڪو انساني حواسن ذريعي ثابت نه ڪري سگهجي. اهو بحث پنهنجي جاءِ تي پر شاعراڻو تخيل ٻڌائي ٿو ته انساني حواس تي ڀاڙي انسان ڪيڏو ڀوڳيو آهي يا ڀوڳي ٿو يعني ”الا! ڏاهي م ٿيان“ واري صورتحال آهي جيڪا اڳتي هلي هي صورت وٺي ٿي ته:

سڄايل هن مفڪر ذهن سارا فڪر ڪان آجا
عقيدن جي نمائش ۾
ڳنڍي پنهنجي ئي پر ۾ جن رکيا پنهنجا تصور
علم جي هر ڪير ڏارا سان
ڏکر آ چاڻ جو ڪيڏو
سموري سوچ ٿي جهولي حوالن جي هندوري ۾
زبانن لئہ نه ڪو مڪتب نه ڪو ممبر ضروري آ
صدين جي باشعوريءَ تي مڙهي وئي بي شعوري آ
.........
عجب هي انتشار آهي
نه پتر آهي
نه ئي ڪو روج راڙي ۾ ٻڌل گهر آ
لڳي ٿو هينگ اوور آ
اهوئي هينگ اوور آ.

يعني انهن حواسن تي رڳو علم جو ڏاڪو ته آهي پر چاڻ جو ڏکر آهي (اها درجا بندي امريڪي تعليمدان ۽ نفسياتدان بينجمن بلوم بجاءِ پائلو فريري واري آهي) ۽ بي شعوري مڙهيل آهي جنهن سبب سمورا ويليوز وڃايل آهن. تنهن هوندي به ڪين ڪو احساس نه آهي تنهنڪري اها سموري صورتحال هينگ اوور آهي. جيڪا ”جيئي پٽو“ به آهي ته

”فيصلو ضمير جو بہ آهي“. پر اڄ نہ اهو ضمير آهي نہ ئي ان ضمير جي فيصلي جو ڪو احساس آهي. اها صورتحال صرف سنڌ نہ پر سموري دنيا جي صورتحال آهي جيڪا پوسٽ ماڊرن صورتحال چئي ٿي تہ لاس يعني نقصان تي پڇتائڻ بجاءِ ان کي سيليبريٽ ڪريو ۽ ان مان لطف حاصل ڪريو. فياض جو هي نظمن جو ڪتاب ”هينگ اوور“ ئي ان ڪري آهي جو اها پوسٽ ماڊرن سيليبريشن Celebration آهي ۽ انهي صورتحال کي بهترين نموني سان اظهاري ٿو.

”هينگ اوور“ ۾ جديد دور جي جديد تقاضائن تحت عالمي وايو منڊل ۽ ٽيڪنالوجي واري عڪس بندي جي پيرايي ۾ سندس نظمن ۾ ”ڊيجيٽل گيم Digital Game“، ڊيجيٽل جنريشن Digital Generation “، ”شيشا بند شهر“، ”ڊرنڪن برال Drunken Brawl “، ”ڊيجيٽل دور جا ٻار“، ”هڪ بيو اولھہ“، ”رات مهل“ وغيره ڳٽائي سگهجن ٿا، جيڪي پنهنجي بلند تخيل ۽ تيز مشاهدي سان استوار ٿيل نظم آهن ئي پر منجهن جديد حسيت Modern Sensibility پڻ موجود آهي. مثال طور سندس نظم ”شيشا بند شهر“ ۾ جديد حسيت جي حوالي سان بلبن جو پوندا ڏيڻ ۽ ٿي وي جي اوناڙ ڪرڻ، جهڙوڪ:

بلب پوندا ٿا ڏين
پل اپل اوناڙ ٿي ٿي وي ڪري
..........
سوچ جي ساون وڻن ۾
روز واهيرا جلن ٿا
خواب سارا ايش ٽري ۾ چار هينان ٿيا دفن
ڪيئن پهرايان دليلن کي چريائيءَ جو ڪفن......
.........
جسم شيشي جي شهر ۾ قيد آ
واءُ سان اڏري ويو وجدان آ.

بلبن جو پوندا ڏيڻ هڪ پوسٽ ماڊرن Satire آهي تہ ساڳئي وقت تي وي جي اوناڙ پنتي پيل ماڻهن ۾ قومن لاءِ هڪڙي اوناڙ آهي جيڪا هڪ طنز يعني ستاير پڻ آهي تہ تين دنيا وارا رڳو ڪنزيومر آهن هن گلوبل مارڪيٽ جا جتي جون عادتون اشتهارن جون غلام آهن. جن وٽ پنهنجا خواب ردي يعني ايش ٽري جي هيٺان دفنايل آهن ۽ اهي مغربي ايجادن جا عادي قيدي آهن. تنهنڪري سندن جسم شيشي جي شهر يعني LCD, LED, Smart Screen ۾ قيد آهي جتي وجدان جي اچڻ جو سوال ئي نہ آهي. ڇا هي ايڏو سارو وجداني ڪيفيت جو نقصان گهٽ آهي؟

ساڳئي طرح سان "ڊجيٽل دور جا ٻار" ۾ پوسٽ ماڊرن حالتن سان گڏوگڏ جديد حسيت ڀرپور طرح سان پئي جهلڪي، جنهن ۾ هر ٻار جي اوليت پنهنجي ۾ منفرد آهي. جتي انسان پنهنجي ارتقائي سڃاڻپ ۾ اصلي گهرجائن بجاءِ ايجادن جي ضرورتن جي ور چڙهي مارڪيٽ جي شين جي واپرائڻ واري ڪِل ٻڌجي ويو آهي جهڙوڪ:

"سرمد" کي کپي ٽي، ٻي پيڙ پشم جِي
"ليزا" ٽي چوي:
ٻيو پاءُ هجي ها، اپ_نير اکين سان،
هر وقت لڳي جئن آڪاش جيان گهر
ليزا جي مما ٽِي، حيرت جو سمندر:
معصوم سڌُن جي پرواز ڪٿي آ!
ٽا چنڊ نہ چاهن نئين "ايج" جا ٻچڙا...

سندس نظم پڙهي لاشعوري طور تي ڪلوننگ Cloning واري سائنس ڏانهن ڌيان ڇڪجي وڃي ٿو تہ ڪلوننگ ڪيئن نہ جديد جنريشن يعني ڊجيٽل دور جي ٻارن ۾ ڊجيٽل گهرجون پيدا ڪيون آهن، جيڪي پنهنجي پسند جي چمڙي Skin ۾ پنهنجي خواهش جا اپ_نير اکين وارا رشتا پيا ڳولين. جيڪي صرف ڪلوننگ واري سائنس ۾ ئي ممڪن آهي. پر في الحال تہ ڪلوننگ واري سائنس تي عالمي پابندي آهي. جيتوڻيڪ اهي خواهشون اسڪينڊنيوين ملڪن Scandinavian

Countries جي مائرن ۾ هونديون آهن. جنهن ۾ سوئيڊن، ناروي، ڊينمارڪ، فنلئنڊ، آئس لئنڊ وغيره شامل آهن پر ٿئنڪس ٿو انٽرنيٽ رابطن جي، اسان جي ڊجيٽل جنريشن وٽ پڻ ”ٽيبليٽ“ آهن، جنهن ۾ اهي ٻار ڪارون پيا ڊڪائن، ڊرائنگ واري پنن تي صوف يا نارنگين ۾ رنگ پرڻ بجاءِ ”پيزا“ ۾ رنگ پيا پرين. نيرن ۾ مکڻ جي جاءِ تي ”ميگي“ پيا کائين. ٻارڙن جي گيت يا ڪهاڻين جي جاءِ تي ”هيڊ فون“ جا ڪوپا لڳائي ”پيٽي شڪلا“ جا سانگ پيا ٻڌن. تنهنڪري جديد حسيت ۽ پوسٽ ماڊرن قدرن ٻارن کي جلدي بلوغت تائين پهچايو آهي ۽ اهي هاڻي ٻار ڪٿي رهيا آهن؟ اها حسيت ۽ پوسٽ ماڊرن صورتحال جي تصوير ڪشي فياض ڏاهري جي شاعري جو انوکو مثال آهي. نہ صرف اها حسيت پر جديد مارڪيٽ بہ اتي موجود آهي جتي عالمي منڊي پاران ايجادن کي ضرورت جي ماءُ بڻائي پيش ڪيو ويو آهي

نہ صرف ٻار، ٻار نہ رهيا آهن پر اسان جي ڊجيٽل دور جو ميچوئر ماڻهو پڻ هاڻي مين روڊن تي مرڪيوري لائٽنگ جي ٿنڀي تي پنهنجون اکيون چنبڙائي ويهي رهيو آهي. سندس نظم ”رات مهل“ پڙهي ڏسجي تہ محسوس ٿيندو تہ انهي اڪيلائپ جو شڪار هر عمر جو ماڻهو آهي. يعني گلوبلائيزيشن جي جادوءَ کان ڪير بہ پاڻ بچائي نہ سگهيو آهي. شاهہ صاحب چواڻي:

مون کي مون پريـن، ٻـڌي وڌو ٻار ۾،
ايا ايئن چون، تہ متان پاند پسائين!

اهڙي طرح جڏهن اسين سڀ ڪنهن بہ سرحدن جي باﺋونڊريز ڪانسواءِ ڪنهن بہ عمر جي فرق بنا ۽ ڪنهن بہ مسلڪ ڪانسواءِ انهي عالمي ٽيڪنالوجي کان بچي نہ سگهيا آهيون ڇاڪاڻ تہ اسان جا ڪيترائي وهنوار جڙ تہ ليپ ٽاپ، ايل سي ڊي، ڪمپيوٽر، واءِ فاءِ، انٽرنيٽ وغيره ڪانسواءِ اڌورا آهن ۽ انهن کان پري رهندڙ جڙ تہ پنٽي پيل انسان سڏجي ٿو. انهي حوالي سان فياض جي نظم جي هي منظرڪشيءَ ڏسو:

رات مهل

آسمان ۾
ستارا ڏسي نه سگهندو آهيان
مون پنهنجي اکين جو اسٽيڪر
مين روڊ تي
مرڪيوري لائٽنگ جي
ٿنڀي تي چنبڙائي ڇڏيو آهي.

اهو صرف رات جو ئي سمورو وقت ئي اسان جون اکيون مرڪيوري اسڪرين تي اسٽيڪر جيان چنبڙايل نه آهن پر اهو بيشڪ فيس بوڪ يا ٻيو ڪو سوشل ميڊيا هجي يا نيوز چينلس هجن سمورو وقت ئي ته اسان جو آسمان کان هٽيل غير فطري گهرجن جي سرگرداني ۾ گذري ٿو. جڻ ته سمورو دور هڪ گيم هجي يعني ”ڊجيٽل گيم“ وارو پوسٽ ماڊرن لقاءُ هجي. جنهن ۾ صرف اکيون نه پر اسان جا ذهن به هڪ انارڪي جي ور چڙهيل آهن. فياض ڏاهري پنهنجي شاهڪار نظم ”ڊجيٽل گيم“ ۾ اهو نقشو هيئن چٽي ٿو:

ذهن ۾ گهوڙا ڊڪن ٿا
پنهنجي پنهنجي فڪر جي راهن مٿان
سوچ جا سڀ سوار گهوڙن کي تڙن ٿا
حافظي جي ريس ڪورس ۾ وڏي ڇڪتاڻ آهي...

ريس ڪورس وارو ميدان جديد دور ۾ هڪ علامت آهي جيڪو معاشي ۽ ٽيڪنالوجيڪل ريس ڪورس آهي جتي پوري دنيا جا سامراجي حڪمران ۽ سندن طاقتون انهي ڇڪتاڻ ۾ مصروف آهن. اهو ريس ڪورس صرف پاڪستاني ڪرڪيٽر ۽ مذهبي ٻٽيل انضمام الحق جو ڪراچي ۾ ملير وارو ريس ڪورس نه آهي پر ملڪ جي حڪمران ٻن وڏين پارٽين جي حڪمراني به ريس ڪورس آهي ته بيوروڪريسي به هڪ ريس ڪورس آهي. دنيا جي انهي ڇڪتاڻ پنيان ته هاٽي وڪي ليڪس ۽ پاناما ليڪس واري ڇڪتاڻ به شروع ٿي وئي آهي، جيڪا جڻ ته هڪ ٻي سرد جنگ آهي. سمورو نظم ويندي نظم جي

ڪلائميڪس ۽ ائنٽي ڪلائميڪس تائين هڪ اجهل اظهار جي قوت آهي، جيڪا انسان جي اندر مائڪروڪوزم کان وٺندي عالمي منڊي واري ڇڪتاڻ ۽ حاڪم ۽ محڪوم جي گيم کان وٺندي سپر پاور واري طاقت يا گلوبلائيزيشن واري ريس ڪورس واري ڊجيٽل گيم پئي ڪيڏي وڃي. انهي ئي ڏس ۾ سندس نظم ”ڊجيٽل جنريشن“ بہ آهي جيڪا ڄڻ تہ ”ڊجيٽل دور جا ٻار“ جي تسلسل آهي. جنهن ۾ جديد دور جي ٻارن جي اوليتن کان اڳتي وڌي انٽرنيٽ جي ٽيڪنالوجي سان زندگي جي حقيقي ڪاروهنوار کي ماپيو ويو آهي تہ هي جنريشن جيڪا پوسٽ ماڊرن جدت واري آهي سا ڪيتري اسان کي پنتي ڌڪي وئي آهي. سندس نظم جون سٽون پڙهو:

ڊجيٽل جنريشن

ايڪيهين صديءَ جي
ڊجيٽل جنريشن
انساني تاريخ جي
پوسٽ ماڊرنسٽ جدت آهي
فور جي (4G) لائيف اسٽائيل واري ڪلچر جو حصو
اسان جا ٻار
اسان جي سمجهہ کان
سندن آءِ فون وانگيان
اوڪا ٿي ويا آهن
۽ اسان سندن لاءِ
پينٽيم سيريز جي
پراڻن ڪمپيوٽرن جهڙا..

آءِ فون جي ايڊوانس ٽيڪنالوجي جيڪا پينٽيم جو ڪمپيوٽرن کي پوئتي ڇڏي وئي آهي، اهو لقاءُ صرف ڪمپيوٽر جو نہ پر انساني ارتقاءَ ۽ سوچ جو پڻ آهي. ساڳئي وقت مارڪيٽ ۽ ڊپلوميسي بہ انهي

رفتارسان اڳتي وڌيل آهي. هاڻي تہ آءِ فون ۾ بہ ڪيتري ئي ايڊوانسمنٽ اچي وئي آهي.

جديد حسيت ۽ بين الاقوامي صورتحال جي پسمنظر ۾ فياض ڏاهري جو نظم ”هڪ ٻيو اولهہ“ پڻ شاندار نظم آهي جيڪو پنهنجي تاريخي محسوسات جو شديد رد عمل محسوس ٿيندو آهي تہ هڪ اولهہ جيڪو مسلمانن جي سجدن جو مرڪز يعني مذهبي ماڻن وارو اولهہ آهي پر هڪ ٻيو اولهہ آهي جيڪو استحصالي اولهہ آهي جنهن گذريل لڳ ڀڳ 500 سالن کان اوڀر ۽ ٻين علائقن کي ڦرڻ شروع ڪيو هو سو اڃا جاري آهي ۽ اڄ بہ روپ بدلائي استحصال پيو ڪري. فياض جي نظم ۾ هي سٽون انهي احساس کي ڪيڏي شدت سان پيون اپارين:

جتي گهرن ۾
اوڀر جي اونداهين ڪوئلي جي ڪاڻن
جي جوت جلي ٿي
۽ رڳن ۾ وچ اوڀر جو پيٽرول گردش ڪندو آهي
جينز جي پينٽن ۾
ڏکڻ ايشيا جي ڪپهہ ۽ پگهر شامل آهي...

اولهہ جي طاقتن وٽ سندن گهرن ۾ اوڀر جي ڪوئلي جو جلڻ، وچ اوڀر جو پيٽرول مشين ۽ گاڏين جي انجڻ ۾ گردش ڪرڻ ۽ جينز جي پينٽن ۾ ڏکڻ ايشيا جو پگهر ۽ ڪپهہ جو هجڻ وارا اصطلاح سندس شاعري جا عالمي اصطلاح آهن جيڪي بينڪي ادب جون انتهائي سگهاريون علامتون آهن تہ ساڳئي وقت مزاحمتي اهڃاڻ پڻ آهن. اسان وٽ بہ ٿر جو بي بها ڪوئلو موجود آهي جيڪو حڪمران قوتن جي اک ۾ آهي پر ان جي کوٽائي کانپوءِ ٿر جي اصل رهواسين کي ڪيترو فائدو ٿيندو ان جو اندازو بدين جي معدنيات مان ملندڙ مقامي ماڻهن کي فائدن ۾ ڏسي سگهجي ٿو تہ ساڳئي وقت گهوٽڪي ضلعي ۾ قادرپور گيس فيلڊ، ماڙي گيس فيلڊ، ايف ايف سي پاڻ فيڪٽري، اينگرو يوريا، تلو گيس فيلڊ، لبرٽي پاور پلانٽ، اينگرو پاور پلانٽ وغيره مان جيترو فائدو گهوٽڪي جي مقامي ماڻهن کي مليو سو ٿر جي ڪوئلي مان ٿر آباد ٿيندو

نا؟ جيترو گوادر مان اصل بلوچن کي فائدو ٿيندو هوندو. هي سموري تاريخ استحصال سان ڀريل آهي نہ صرف هڪڙو ٻيو اولهہ اسان جي سڄدن کان اڳتي آهي پر ان کان بہ خطرناڪ اولهہ اسان جي ٻچي تي ويٺا آهن جيڪي اسان جي ريسورسز سان گڏ اسان کان اسان جي سجدن جا بہ پيچاٽا ڪري رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ هڪڙو شاعر ان کي علامتن ۾ ئي اظهاري جديد مزاحمت جو سڏ ڏئي سجاڳ ڪري سگهي ٿو. مٿي ذڪر ڪيل ڪجهہ نظمن کان سواءِ ٻين بہ ڪيترن ئي نظمن ۾ جديد مزاحمت، استحصال، جديد حسيت، پوسٽ ماڊرنزم ۽ جديد اظهار جا نمونہ ملن ٿا جيڪي ٻولي جي خوبين سان گڏوگڏ فني جڙاوت ۾ بہ نمايان آهن.

فياض ڏاهري جي شاعري ۾ صرف جديد دور جي تقاضائن جو اظهار نہ آهي پر هن پنهنجي شاعري يعني نظمن ۾ احساس توڙي موضوعن سان ورتاءُ ۾ ڪلاسيڪي روايتن کي بہ نہ وساريو آهي ۽ انهن کي اجا سگهاري انداز ۾ پيش ڪيو آهي جن مان ڪجهہ نظم جهڙوڪ ”ٽلتي مٿان چنڊ“، ”نواڻ“، ”ڪجين جي شهر جي ڇوڪري“، روئڻ جي ريت“، ”شاعري_1 ۽ شاعري 2“ڪجهہ اهڙا نظم آهن جن جا يا تہ موضوع ڪلاسيڪي آهن يا انهن کي پيش ڪلاسيڪل انداز ۾ ڪيو ويو آهي. ڪلاسيڪل جو هتي مطلب رڳو راڳ رنگ وارو جهڙوڪ سندس نظم ”هرڻ اکي“ يا ”سمبارا“ آهن اهڙا نہ پر انهن نظمن جا موضوع تہ جديد آهن پر انهن کي ڊيل ڪلاسيڪل ويليوز جي انداز ۾ ڪيو ويو آهي جهڙوڪ ”روئڻ جي ريت“ نظم ۾ روئڻ جي ريت کي ڊجيٽل دور جي قدرن بہ متاثر نہ ڪيو آهي تہ روئڻ جي ريت يا ڪاوڙ کي جديد دور جي ڊالرز، روپين، يورو يا ريالن تي بہ تبديل نٿو ڪري سگهجي يعني سچا جذبا ڊجيٽل دور جي ايجادن آڏو بہ مٽي نہ سگهيا. روئڻ ۽ روئي محبوب کي پرچائڻ هڪڙو ڪلاسيڪي قدر آهي پر ان جي متبادل طور جديد حربا بہ ذڪر هيٺ آهن تنهنڪري روئڻ جي ريت ۽ نهنائي جو متبادل نہ آهي. تنهنڪري اهو ڳانڍاپو ڪلاسيڪي آهي.

روئان رهن نہ سپرين، آيل ڪريان ڪيئن؟
مونکي چاڙهي چيئن، ويو وٽجارو اوهري!

(شاھ صاحب)

شاھ صاحب وٽ وڻجاري کي روڪڻ لئہ روئڻ کان وڌو ڪو وڪر نہ هو. تنهنڪري آخري حربي طور روئي بہ ڏنائين. پر ان ڪانپوءِ وڻجاري جي وني سرينڊر ڪري ويهي رهي. اهو ويليو يعني قدر ڪلاسيڪي ويليو آهي. اسان جي شاعري ۾ ان ڪري اهڙي ٽريٽمنٽ کي ڪلاسيڪي انداز لکجي ٿو.

ان ڪلاسيڪي وارتاءُ يعني ٽريٽمنٽ کي فياض ڏاهري جي نظم "نواڻ" ۾ پڻ ڏسي سگهجي ٿو جتي رشتن ۽ شجري جي پيرايي ۾ سمورا لڳ لاڳاپا ڳٽي ٻڌايل آهن تہ نواڻ ڪٿي آهي؟ سندس ابتدا ڏسو نظم جي؛

روز چوي دل ڳول نئون ڪجھ
ڇا ڇا روز نئون مان ڳولهيان
منهنجي نالو قبيلي سان گڏ
منهنجي پيءُ جو نالو ساڳيو...

ايئن اهو ساڳيو انداز هلي ٿو جيڪو تسلسل ڪيترن ئي منفرد ڳالهين کي آشڪار ڪري ٿو. جهڙوڪ:

ممتا پنهنجو جسم مٽائي
منهنجي زال ۾ ظاهر ٿي آ
پنهنجي ٻارن جي صورت ۾
ساڳي ممتا ساڻ ملان ٿو
امڙ بدران ڏيءُ ننڍي کي،
امڙ ڪوني سڏ ڪيان ٿو..
.....
جيون هڪڙو گول چڪر آ.

جيون جي انهي گول چڪر ۾ ڪيترين ئي رشتن جون ڳنڍيون سلجهايل آهن جنهن ڪري هن نظم جي پيشڪش presentation جي

ڪري ڪلاسيڪي نياءُ وارو نظم چئجي تہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. اهڙي طرح سندس نظم ”ٿلتيءَ مٿان چنڊ“ پڻ تاريخي شعور ۽ روايتن جي ساکي قدرن ڪري پڙهڻ سان هڪڙو اتساهہ ملي ٿو. هي نظم تاريخي شعور، ڪلاسيڪي ورثاءُ سان گڏوگڏ هڪ اميد پيدا ڪندڙ نظم آهي جنهن طرح جا فيض احمد فيض جا نظم آهن. پر فياض وٽ انهن نظمن جي وابستگي لاءِ پنهنجي ڌرتي جا تاريخي ڪردار موجود آهن جن جي تاريخي تسلسل تي پنهنجو پيغام استوار ڪري نظم کي پيش ڪري ٿو.

اهڙي ئي طرح ”ڪجين جي شهر جي ڇوڪري“ نظم جي پيشڪش ۽ ٽريٽمنٽ ڪلاسيڪي آهي جنهن ۾ خاص طور تي جيڪو رومانوي ماحول پيدا ڪري وري ان کي ڪجين جي شهر جي آسپاس واري ماحول سان سينگاريو ويو آهي اهو ڏاڍو لپائيندڙ آهي جنهن جو مثال پڙهو:

ٻڪي تي ريل گاڏي جئن
زمانن کان
ايامن کان
انهيءَ جي ڪوڪ نندڪي ٻنيءَ واري ٻنل ويلي
سماعت ۾ ٻُري هوندءِ
پرهہ جي ماڪ ۾ وهنجي
نشيلي هير سا هلڪي رلي هوندءِ
غزل تنوير جو جنهن ۾
تڙپو هوندو ٿِي ڳاڙهو گل، خوشبو سا
تعارف تر سندو هوندي
اڙي جانان انوکي اپسرا آهين....

سمورو ماحول ئي نشيلو، رومانوي ۽ ڪلاسيڪي روايتن سان مهڪيل آهي جڻ تہ نظم پڙهڻ سان سوين سال پٺتي هليو وڃي مير علي نواز نازَ ۽ باليءَ جي دور ۾ پهچي رومانس مان حظ پيو وٺجي. نظم کي اهڙو ماحول ڏيڻ لاءِ نہ صرف شاعري جي متن ۾ گهڙي وڃڻو ٿو پوي پر تاريخي شعور کي بہ سلهاڙڻو ٿو پوي، ان سان گڏ جنهن موضوع تي نظم لکجي ٿو تہ ان موضوع جا لوازمات بہ ڪتب آڻڻا ٿا پون. انهي پسمنظر ۾ مٿي

ذڪر ڪيل فياض جا نظم پنهنجي منفرد ٽريٽمنٽ سبب ڪلاسيڪي مزاج جا نظم چئي سگهجن ٿا. انهي ڪلاسيڪي مزاج ۾ رومانوي نظمن ۾ هڪڙو نظم ”وصيعت“ پڻ تخيل جا اهي اولڙا ٿو پسائي جيڪي اسان جي من کي لياڻ لاءِ سڦل ٿيندا آهن. ان ۾ هڪڙي ٽريجڊي ته آهي ئي پر نظم جي استعارن ۽ تشبيهن سان ٽريٽمنٽ بلڪل لاجواب آهي. سندس نظم پڙهي حظ وٺجي:

وصيت

بهار جي پوباڙيءَ ۾
جڏهن سج
چرپيليءَ جي رسم نڀائيندي
ٽانڊن تي پير ڏئي هلڻ لڳي
ٻاڦ پاڻيءَ جا موتي چٽڻ جي جنون ۾
پنهنجو وجود وڃائڻ واري هجي
۽ برف پنهنجي هڏ ۽ ماس کي
بي رنگ رت ۾ تبديل ڪري ڳرڻ شروع ڪري
ته پڪ سان اها وڇوڙي جي مند هوندي
مان اهڙي مند ۾ مرڻ پسند ڪندس
اها وصيت ڪندي ته
منهنجي مرڻ کان پوءِ
منهنجي ميت کي
نديءَ جي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ کان پهريان واري
آخري پل تان
درياهه ۾ اڇلايو وڃي
ڇو ته مان زندگيءَ سان پيار ڪندڙ
هڪ بزدل شخص آهيان
ان ڪري
مان پنهنجي محبوبه سان
مئي جيئري گڏ رهڻ جو واعدو

**نيائي ڪونہ سگھيس**
**وڇوڙي ۾ ئي وصال هوندو آهي**
**منھنجي مرڻ ويل**
**برف رجڻ جي مند ۾**
**مٿان منھنجي محبوبہ**
**نديءَ جي آخري پل وٽان گذرندي هجي**
**جيڪا**
**چار ڏهاڪا اڳ**
**پنھنجو هٿ منھنجي هٿ ۾ ڏئي**
**برفاني چوٽي پار ڪرڻ جي خواهش دل ۾ سانديي**
**ڪروڙين ٽن برف جي تھن هيٺان دٻجي ويئي هئي**
**۽ مان**
**پنھنجو واعدو نيائڻ بدران**
**سندس بدن مٿان ٽانيڪي ٽيل برف تان ترڪندو**
**زندگي جي پيرن ۾ اچي ڪريو هوس.**

بھار جي پوپاڙي جو سج پاران چر پيلي جي رسم نيائڻ، ٻاڦ جو پاڻي جا موتي ڇٽي پنھنجو وجود وڃائڻ، برف ۽ ڳرڻ کي وڇوڙي جي موسم سان تشبيھہ ڏيڻ ۽ انھن کي استعارو بڻائي رومانوي طرز اپنائي اظھار ڪرڻ فياض ڏاهريءَ جي نظم جو بھترين مثال آهي. اهو نظم پنھنجي سموري سٽاءُ ۾ اجھل آبشارن وانگر آهي. جنھن جي پڙهڻ سان جسم سان گڏ روح ۾ بيچيني پيدا ٿي پوي ٿي تہ وصيعت هيئن بہ ٽيندي آهي. نظم جو ڪلائيميڪس تہ مونکي دريا جي آخري پل وٽ اچلي چڏجو ۽ اينٽي ڪلائيميڪس تہ آئون برف تان ترڪندي زندگي جي پيرن ۾ اچي ڪريو هوس جڏهن تہ منھنجي محبوبہ جي جسم تي برفن جا تھہ ڄمي ويا هئا نظم جون اهڙيون حسناڪيون آهن جنھن وٽان اسان کي رومانويت جي پيچيدگي جو احساس ٿئي ٿو. انهي نظم ۾ اهڙا ڪيترائي تصور بحث هيٺ آڻي سگھجن ٿا. سموري نظم ۾ جمالياتي

حس انتهائي دل پذير آهن تہ سج، بهار جي پوپاڙي، برف، برف جو رجڻ، بي رنگ رت، ٻاڦ، پاڻي جا موتي، دريا جي آخري پل ۾ ٻيا اهڙا تصور جيڪي انساني حِسن کي متاثر ڪري جماليات پيدا ڪن ٿا ۽ نظم پنهنجو ڀرپور تاثر ڇڏي ٿو.

جديد حسيت ۽ پوسٽ ماڊرن مظهر، ڪلاسيڪي ٽريٽمنٽ سان گڏ فياض جي شاعري ۾ جديد ۽ انوکا مشاهداتي نظم آهن جيڪي فطرت کان ويندي انساني پهلوئن تي آڌاريل آهن جن کي پڙهي ڪري احساس ٿيندو آهي تہ مختلف منظرن کي هيئن بہ مشاهدي ۾ آڻي سگهجي ٿو. انهن نظمن ۾ ”ڪرفيو“ جهڙي نظم کي ڪير وساري سگهي ٿو. جيڪو خوبصورت مشاهدن جهڙوڪ ستارن جو چور ٿيڻ، چنڊ جو چوڪيدار ٿيڻ، خلا جو جهنگل ٿيڻ کان ويندي سج جو جرنيل ٿي ڏينهن جو ڪرفيو هٽڻ جو مشاهداتي اظهار بنهہ وڻندڙ آهي. نظم جي باري ۾ وڏيڪ لکي پڙهندڙن جون راهون نٿو روڪي سگهجن تہ پڙهندڙ پاڻ ئي پڙهي لطف حاصل ڪن. جيتوڻيڪ سائنسي حوالي سان اهو سوال اٿاري سگهجي ٿو تہ سج جيڪو گئليڪسي (Galaxy) جو ننڍو ستارو آهي سو جرنيل ٿي ٻين وڏن ستارن کي چورن جيان ڪيئن ڀوڙائي سگهي ٿو؟ پر ڇاڪاڻ تہ سج ڌرتي کي سڀ کان ويجهو ستارو آهي جڏهن تہ ٻيا ستارا ڪيئي نوري سال پري آهن ۽ ٻيو وري انساني ۽ شاعراڻي مشاهدي ۾ اهو ممڪن آهي ۽ ان لقاءُ کي ايئن پروڙي ۽ خيال ۽ انداز جي ندرت سان اظهاري سگهجي ٿو.

ڪرفيو جيان سندن نظم ”ننگي فطرت“ جو مشاهدو پڻ پنهنجي انفراديت سبب نمايان بيٺو آهي. ”ڪرفيو“ نظم جي پيٽ ۾ هي نظم ڪافي رومانوي ۽ محبت وارن لقائن تي آڌاريل آهي جنهن ۾ انسان جي جبلتي نظر حاوي آهي جيڪو ڪراچي جي ساحل جي منظر ڪشي آهي. سندن خوبصورت سٽون آهن تہ:

اڇي ڏس تہ اپ جي ڪشادي پڌر ۾
اڇي مرمرين چاندني ٻاڦ جي

نرم نازڪ بدن ۾ اجالو آڻي ٿي
ٿو محسوس ائين ٿئي
ٿڌيءَ ماتريءَ جي مٿان برف باريءَ ۾
موتين جو اڻکٽ خزانو ٿو برسي
هي رنگين ڪپڙن ۾ ملبوس نو عمر
نوخيز ڳڀرو جوانيون
سڄي رات فطرت جي عريان تخليق
جو سچ تہ ننگو نظارو پسن ٿيون
اڃي ڏس او شاعر...

جڏهن تہ سمورو ماحول ئي نوخيز جواني جي مرمرين جسمن ۽ رنگن سان ٽمٽمائي پيو ۽ نظم پڙهندڙ جڏهن تہ شخصي طور اتي موجود آهي ۽ سمورو لقاءُ ۽ سمورا منظر نہ صرف ڏسي پيو پر مختلف حواسن جي مدد سان محسوس بہ ڪري پيو. جي زندگي اهڙي ٿي پوي جهڙو شاعر جو تخيل ۽ خيال آهي تہ ٻيو ڇا گهرجي. اهڙي طرح "نظم هڪڙو جهول ۾" هڪ خوبصورت مشاهداتي نظم آهي جنهن جو ماحول پڻ اسان جي ڪلچر ۽ تاريخي ماڳن جي گواهي آهي جنهن جون خوبصورت سٽون آهن تہ:

تون بہ تنها، مان بہ تنها، شاعري
ذهن جي ڪينجهر مٿان جڏهن
نيرڳين وانگي لٿي
۽ پڙاڏن سانت کي چيري وڌو
جرُ لُڏيو لهرون اُٿيون ، گم ٿي ويون
سانت موتي رات کي ڀاڪر وِڌا
پئي اجان سرندو سفيدي تان لٿو
چنڊُ ويڙهي چيلهہ پنهنجيءَ کي چَمنڊُ
مون جهپيو آ نظم هڪڙو جهول ۾

پڙاڏن جو سانت کي چيري اچڻ، جر جو لڏڻ، لهرن جو اٿڻ ۽ وري گم ٿي وڃڻ، وري سانت جو موتي اچي رات کي ڀاڪر پرڻ، وري چنڊ جو

چيلهہ ۾ چمند ويڙهي سُرندي سِرڪندي گسڪندي سفيدي تان لهڻ ۽ ان ڪانپوءِ هڪڙو نظم جهول ۾ جهپڻ انتهائي شاندار پروسيس آهي شاعري سرجڻ جو. هي لقاءُ تہ بنهہ مسحور ڪن آهي جڻ تہ نوري جا ناز آهن جنهن تي ڪيترائي ڄام موهجي شاعر ٿي سگهن ٿا. شاعري ٿيڻ کانپوءِ بہ اهڙي لطف ۾ هجڻ بهرحال وٽندڙ ڪيف آهي.

فياض جي نظمن جي هن مجموعي ۾ ڪيترائي اهڙا پهلو آهن جيڪي جديد نظم جي گهراجن کي پورو ڪن ٿا جنهن ۾ ڪيترائي اولڙا مٿي ذڪر هيٺ اچي چڪا آهن جڏهن تہ ڪيترائي نظم جا پاسا جهڙوڪ سندس شاعري ۾ مزاحمت سان ٽمٽار نظم جيڪي مزاحمت کي پڻ نئون رخ ڏين ٿا مثال طور پاڙيائپ ۽ داخلي ڪمزورين کي وائکو ڪري بيان ڪرڻ جيئن سندس نظم ”باغي تخم“ ۾ آهي تہ اهو باغي تخل يا بغاوت ڪندڙ روح ڪٿي آهي؟ ”بلڊ شيڊ“ ۽ ”خوف 1، 2، 3“، ”موت 1 ۽ 2“، ۽ انهن کان بہ اڳتي ”منتشر رد عمل“، ”اهڃاڻ“، ”رڻ ڪچ ۾ رات“، ”پهاڙن مان پڙاءُ“، ”رائيگان“ اهڙا مذاهمتي نظم آهن جيڪي مزاحمت کي داخلي طور ۽ پڻ خارجي طور تي اڀارين ٿا ۽ مزاحمت کي رڳو وڙهڻ سان منسوب نٿا ڪن پر ان سان گڏوگڏ پنهنجي ڪردار ۾ استقامت، همت، بلندي ۽ برداشت کي بہ ظاهر ڪن ٿا. شهر جانان جي سيريز وارا نظم تہ جڻ ڪراچي جي ڦرجڻ تي هڪڙا نوحا آهن.

ساڳئي نموني سان فياض جي شاعري جو اهم حوالو نظمن ۾ داخلي پيڙا جو درد آهي جيڪو ايئن لڳي ٿو تہ جڻ هر انسان جو داخلي درد آهي. انهي موضوع تي آڏاريل ڪيترن ئي نظمن مان ڪجهہ هي آهن ”ضبط جا زنجير“، ”رم راتيون“، ”ٽٽيون چوڙيون“، ”تمنا جو بر“، ”تون ڪٿي آن“، ”روح روپوش“، ”مان بہ تہ ننڊ کيان ٿو“، ”وڇوڙو“ ۽ ڪجهہ ٻيا اهڙا نظم جيڪي شخصي وابستگي سان سلهاڙجي شاعري پرسپيڪٽو کان نظارو پسائين ٿا. سندس شاعري جي وڏي خوبي بہ آهي تہ هڪ نظم ۾ ڪيترائي انساني پهلو اجاگر ٿيل نظر ايندا آهن جتي هو One for all ۽ All for one جو مجسمو هوندو آهي. اهڙي گهڻ رخي شاعري ئي پنهنجو مفهوم ايندڙ دورن ۾ زنده رکي سگهي ٿي.

سهيوڳي دور جي درد جي عڪاسي هن ڪتاب جي ڪيترن ئي نظمن ۾ نمايان پيو جهلڪندو آهي جنهن جي پسمنظر ۾ اسين ماضي، حال ۽ مستقبل کي ڏسي سگهندا آهيون. ايڊورڊ سعيد پنهنجي ڪتاب ”سامراج ۽ ثقافت Culture and Imperialism “ ۾ لکي ٿو ته ماضي ڪڏهن به هڪ جاءِ تي اچي ليڪو ڪڍي بيهي نه رهندي آهي پر اها مخصوص انداز ۾ حال سان گڏ مستقبل لاءِ سفر ۾ هوندي آهي. هن اها ڳالهه عراق جي ڪويت تي حملي ۽ امريڪا طرفان عراق تي پهرين حملي جا مثال ڏئي ٿو ته ماضي گواهه آهي ته عربن هميشه نان عرب ماڻهن کي هيسائڻ لاءِ وسان نه گهٽايو آهي ۽ انهن سدائين سامراج کي خوش ڪرڻ لاءِ ايئن ڪيو آهي اهو سوچي عراق ڪويت تي قبضو ڪيو هو جڏهن ته امريڪا جو ماضي پاڻ کي آزادي پسند ۽ قومن کي آزاد ڪرائڻ واري هجڻ ڪري عراق سان ٽڪر ۾ آيو ۽ پهرين خليج واري جنگ ٿي، جيتوڻيڪ ان جا ٻيا به ڪيترائي سبب هئا پر ثقافتي طرح اهي ڳالهيون ڪارفرما هيون. فياض جي شاعري پڻ ماضي سان گڏ حال جو حالتون پڻ سلهاڙي هلي رهي آهي سندس نظمن ۾ ”شهر جانان 1، 2 ۽ 3“، ”رويا“، ”اقبال جرم“، ”ابارشن“، ”وقت کان اڳ ۾“ ۽ ٻيا ڪجهه نظم سندس سهيوڳي دور جي شعور ۽ احساسن جا ساکي نظم آهن جيڪي دور جي مختلف تقاضائن ۽ انهن سان ٽريٽمنٽ جي ڪري پڙهندڙ تي ڀرپور اثر ٿا ڇڏين. انهن نظمن ۾ ابارشن واري نظم ۾ هڪڙي عجيب به واتي آهي ته چاهيندڙ هڪ طرف گليمر ۽ دنيا ته ٻي حشر ۽ ان کان وڏيڪ حساس قتل جو احساس آهي ته کهڙي پاسي وڃجي.

سهيوڳي دور ۾ نه صرف عام انساني حالتن جو اولڙو سندس شاعري ۾ واسيل آهي پر فياض جي نظمن جي تخيل ۾ 50ع کان پوءِ واري عرصي ۾ هڪڙي تمام وڏي سياسي خاندان يعني ڀٽو خاندان جي درد ۽ پيڙا کي نوحي ۽ اليجي جي شڪل ۾ اظهاريو ويو آهي جنهن ۾ شهيد مرتضيٰ ڀٽو جي قتل جي نسبت سان ”دائرن جو گهيرو“ اونداه انڌوڪار تي لکيل دل رئاريندڙ نظم آهي جنهن ۾ چڻ ته درد آبشارن وانگر پيو وهي. اهو نظم پڙهندي هڪڙي عجيب ڪيفيت طاري ٿئي ٿو ته هيڏو هاجو ٿيو آهي.

جڏهن تہ ”سفاڪ عهد“ ۽ ”طويل ساعتون“ نظم شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت جي حوالي سان Elegy آهن جن کي پڙهڻ سان سموري وارتا ۽ سمورو هاجو سامهون اڀري اچي ٿو تہ اسان سان ڪيڏو نہ ڪلور ٿيو آهي. تہ ساڳئي نموني سان ”لهو جي سرخ لالائي“ قومي احساسن لاءِ لکيل نظم آهي تہ ڪيس ورثي ۾ ڪيترن شهيدن جا لاش مليا آهن ۽ هو درد جي کهڙي ڀِٽ تي اچي پکا ڪوڙي بيٺو آهي ۽ درد جو درياءَ ڪيترو جهاڳڻو آهي.

نظمن جي انهي لڙهي ۾ جنهن ۾ هي جديد دور جي نظمن جو خوبصورت ڪتاب ”هينگ اوور“ پوئيل آهي تنهن ۾ ”نئين پڪار“ ۽ ”اڏامندڙ چمي“ بہ بهترين نظم آهن جيڪي پنهنجي موضوع سان گڏ ٽريٽمنٽ ۾ بہ منفرد آهن ۽ فنڪاراڻي انداز سان پيغام کي نظم جي لفظن ۾ پوبو ويو آهي. ”نئين پڪار“ نظم جڻ تہ سنڌ ڌرتي جي ڪر موڙي اٿندڙ جذبن جي ساکي آهي جنهن ۾ ڪنهن بہ تهذيب جي قومي تراني هجڻ واريون خوبيون موجود آهن جيڪي پنهنجي قدرن سان گڏوگڏ منفي قدرن جي انجام جا عڪس بہ بلڪل چٽا آهن تہ دنيا جي آمرن امن ۽ اهنسا کي چِڙي جيڪي ڪڏا ڪم ڪيا تن جي ڪري اهي انجام تي رسيا آهن. انهي تاريخي تسلسل ۽ شعور مان سکندي پنهنجي ضميرن کي جاڳائڻ جو هي لمحو سازگار آهي جنهن مان فائدو وٺندي شاهہ لطيف جي پيغام:

سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار!
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

جي نسبت ۽ فڪر تي آڏاريل سائين جي ايم سيد جي مول مٽي امن عالم، ترقي بني نوع انسان، بقائي باهمي ۽ اتحادِ انسانيءَ جو رستو ڳولجي ۽ پنهنجي مستقبل جون راهون ڪڍجن تہ جيون سڦل ٿي سگهي. سمورو نظم جڻ تہ انسانيت ۽ امن جو قومي ترانو آهي جيڪو هڪ فڪر رکندڙ شاعر ئي تخليق ڪري سگهي ٿو. ساڳئي طرح ”اڏامندڙ چميءَ“ نظم پڻ هڪڙو تاريخي درد جو داستان رکي ٿو. نظم جو پسمنظر تہ ڏاڍو رومانوي آهي جڏهن تہ نالو پڙهڻ سان فلائينگ ڪس يعني اڏامندڙ چمي

جو رومانوي احساس جاڳي پوي ٿو ۽ نظم جي شروعات ۾ پڻ ايئن لڳي ٿو جهڙوڪ:

تنهنجو جنم

باک ڦٽيءَ ويل گلشن جي رنگين نفاستن وچ ۾ ٿيو هو
تو مني پاڻيءَ جي نديءَ ڪناري عمر گذاري آهي
تڏهن ته
توکي هڪ اڏامندڙ چمي به پڇائي آلو ڪري سگهي ٿي
ايڏي نفاست ۽ نزاڪت جو اڏامندڙ چميءَ سان سندس بدن
آلو ٿي سگهي ٿو ڇو ته سندن جنم باک ڦٽيءَ ويل رنگن جي
نفاستن اچ ۾ ٿيو هو.

اهو اهڙو خوبصورت اميجينيشن ۽ تخيل آهي جيڪو پڙهندڙ جي روح ۾ گلن جي هڳائن جيان رچي ويندو آهي. پر اهو اڳتي هلي ايترو المياتي Tragic ٿئي ٿو جو دنيا ۾ غربتن بابت ڄاڻيندڙ مواصلاتي رابطن سان لاڳاپيل ماڻهو به حيران ٿي ويندا ته هيڏي الميي واري به ڪا سرزمين ۽ اهڙي مخلوق ڪا ٿر ۾ رهي ٿي! سندس المياتي سٽون پڙهو:

منهنجا چپ ڪنهن نرم ڳل تي
آلي چمي نه ٿا ڏئي سگهن
اهي خشڪ آهن
صدين جي اڃ کان اجهاڻل
ڇو ته آءُ واريءَ ۾ وسرام ڪندڙ
صحراءِ ٿر جو ڄائو
هڪ ٿوهر آهيان.

اهو صرف ٿوهر نه آهي پر سمورو ٿر آهي ۽ ٿر ۾ اڃ ۽ بک جي داستان جي پيڪ آهي ته انسان يا ٿوهر ايترا اجايل آهن جو سندن چپن تي چمي جي آلاڻ جيترو پاڻي به نه آهي. هي ته ڄڻ نه رڳو گجيو نه راڙو ٿيو پر ڪنهن بينام زندگي جي وجود جو وسرام آهي. ”هينگ اوور “ ۾ فڪري طرح سمورا نظم ڏاڍا سگهارا ۽ پنهنجي پسمنظر ۾ جانداز نظم

آهن جيڪي جديد دور جي تقاضائن ۽ شاعري جا امٿ مثال ٿي سگهن ٿا. پر جي هي شاعري اردو، انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿين ته نه صرف پنهنجو جاندار پيغام دنيا تائين پهچائي سگهي کي حيران ڪندي پر پنهنجي تاثر پڻ زنده رکندي آهي ڇوته هن شاعري ۾ ايتري سگهاري جان آهي. نه صرف موضوعن پر ترنم ۽ نغمگي جي حوالي سان پڻ نظم ڪڏهن ڪڏهن گيت لڳندا آهن جهڙوڪ "هرڻ_اکي"، "سمبارا "، "آزاد انسان" وغيره اهڙا نظم آهن جيڪي ترنم، رواني ۽ تجنيس حرفي سان ڀريل آهي جيڪو نه ڳائيندي به پڙهڻ سان ايئن لڳندو آهي ڄڻ نظم خود بخود ڳائجي رهيا هجن. هن ڪتاب جا سمورا نظم جن مان هر هڪ جو انفرادي طرح ذڪر ڪرڻ ضروري نه آهي پنهنجي پر ۾ ڀرپور نظم آهن. مونکي يقين آهي ته سنڌي ۾ نظماڻي شاعري تي جديد دور ۾ دور رس اثر ڇڏيندو ۽ نظماڻي شاعري کي هڪ نئين قوت عطا ڪندو ڇوته هن نظمن ۾ فڪر جا انتهائي وڏا ۽ گهرا سرچشما آهن. نظمن کان هٽي ڪري جڏهن سندس سنگيت ناٽڪ تي نظر ڊوڙائبي ته سندس ناٽڪ ۾ بلا جي تخيل سان گڏ تخليقي فڪر پيو جهلڪندو نظر ايندو. ناٽڪ نه صرف انساني معاشي ۽ سماجي صورتحال جو آئينو آهي پر انساني جذبات سان ڀُر اهڙو مي جو پيالو آهي جنهن جي پيئڻ جي تڙپ انساني معاش جي قيمت کان ڪيترا ڀيرا وڌيڪ آهي. جواني تڙپندي نظر ايندي، فطري خواهشون جلندي نظر ايندي ۽ انساني صورتحال جنهن ۾ غربت، هيڻائي، بيوسي ۽ اهڙيون ٻيون حالتو وري قرباني جي جذبي جون طلبگار نظر اينديون. ناٽڪ جي صنف جيڪا ڄڻ ته ننڍي ڪنڊ جي پنهنجي ڪُک مان ڄميل آهي تنهن ۾ اهي رنگ ياتا لليتا کان ويندي شيخ اياز جي نظميه ناٽڪن تائين اڃي پنهنجو جلوو خوب پسايو آهي. انهي ۾ اها نکار نه اچي سگهي آهي يا اياز کان پوءِ جديد سنڌي شاعري ۾ ناٽڪ تمام ٿورڙي تعداد ۾ لکي وئي آهي جنهن جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا. انهن مان هڪ سبب هي به آهي ته انهن ناٽڪن جي اصل منزل اسٽيج تي پيش ڪرڻ آهي جڏهن ته اسان کي ملڪ ۾ گذريل ٽيهارو کن سالن کان سينيما يا اسٽيج ناٽڪن جي دور کي انگريزي ادب جي ڀيورٽن دور

Puritan Age جيان ڪچليو پئي ويو آهي. تنهنڪري انهن ناٽڪن ۾ مقداري يا معياري تبديلي نڪار جي اميد نٿي ڪري سگهجي. پر وري فياض صاحب جو ناٽڪ ”ڪبوتري“ پڙهڻ ڪانپوءِ اهو احساس ضرور ٿئي ٿو تہ سنڌي ناٽڪ اسان جي تخليقڪارن جي خمير ۾ موجود آهي رڳو انهن تخليقڪارن کي نکاري اڳيان آڻڻ جي ضرورت آهي. آئون انتهائي پر اميد آهيان تہ پڙهندڙ هن سنگيت ناٽڪ کي پڙهي داد ڏيڻ تي ضرور مائل ٿيندا. ۽ جيڪڏهن هھڙي خوبصورت ناٽڪ کي ڪنهن مناسب اسٽيج تي پيشڪش جو موقعو ملي ٿو تہ ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ نہ صرف ناٽڪ جي متن پر منجهن موجود موسيقي تي بہ جهومڻ تي مجبور ٿيندا.

آئون هن مهاڳ کي طوالت سبب اوهان پڙهندڙن ۽ فياض ڏاهري جي خوبصورت مجموعي ”هينگ اوور“ جي وچ ۾ وڌيڪ بيهڻ نٿو چاهيان جو اوهان پاڻ سندس نظمن ۽ نظماٽي ناٽڪ، سنگيت ناٽڪ ”ڪبوتري“ مان لطف وٺو.

چامشورو

03.08.2016

**مبارڪ علي لاشاري**

# پنهنجي پاران

هئنگ اوور مان اُيامي نڪتل نظم ”هئنگ اووَر“ انگريزي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنائن ۾ پهرين معنيٰ ان حالت کي ظاهر ڪري ٿي جيڪا الڪوحل جي سرس واپرائڻ بعد مٿي جي سور ۾ بدلجندي آهي. ٻي معنيٰ ان احساس جي موجودگي ظاهر ڪندي آهي، جنهن جو جنم ڪنهن گذريل يا گذاريل پل ۾ ٿيو هجي. ڪو تجربو ڪو مشاهدو يا مراقبو احساس بڻجي اپرندو هجي ۽ پنهنجي اثر ۾ هڪ قرض جيان ڀاري محسوس ٿئي. شاعراڻي ڪيفيت کي ڪلاسيڪيت آمد جهڙي الهامي معنيٰ ۾ به استعمال ڪندي رهي آهي. اها ڪيفيت معروض پيدا ڪري يا موضوع آڻي يا خارج ۽ اندر هاڙهوٻڻ ٿي جنمن، ان جي پڄاڻي شاعر لاءِ شاعريءَ جو اظهار ٿئي ٿي. اظهار جي اڻ تڻ ئي شاعر جو هئنگ اووَر آهي منهنجي سمجهه ۾ زندگيءَ جو! رومانس، معروض ۽ حالتن جو زهر ۽ فطرت جي جماليات جا جوهر ئي منهنجي هن هئنگ اووَر جا بنيادي محرڪ رهيا آهن. زندگيءَ جي رومانس جو ڪو انت ئي نه آهي نڪي ان کي ڪنهن مخصوص پيراميٽر تي محدود ڪري سگهجي ٿو. زندگي جو اهو رومانس اڻٻنگ جوڀن جون مستيون هجن يا محبتن جون مسافتون يا ڪيترائي ڏوڪا يا وفاداريون ۽ رسڪ هجن پر جواني ۾ رومانس کي پنهنجي هڪڙي معنويت آهي. زندگي جي رومانس ۾ وري ميچوئر سوچ، ڌرتي جو اونو انسانيت جو فڪر يا تخيلاتي جولاني به شامل ڪري سگهجن ٿا. رومانس صرف جيئڻ نه پر مرڻ به هوندو آهي! جيئندي به بار بار موت جو منهن ڏسڻ ۽ مرندي مرندي به اچانڪ زندگيءَ جي ياڪر ۾ پيڇجي پڪوڙجي وڃڻ پڻ هڪ عجيب رومانس آهي. رومانس جا اڻ ڳڻيا روپ ۽ تصور منهنجي هن مهل تائين گذري آيل زندگي جو سڏي يا اڻ سڏي واسطي ۾ رهيا آهن ۽ اهڙيون ڪوڙ لقائون به اکين آڏو ڪيترن ئي روپن ۾ گذريون آهن. زندگي جي رومانس جيان

معروض ۾ حالتن جو زهر پڻ منهنجي زندگي جو اهو عرق آهي جنهن منهنجي هئنگ اوور جي سفر کي شعوري سُرور بخشيو آهي. فلسفي تہ ايترو بہ چون ٿا تہ معروضيت ئي انسان جي داخليت ٺاهي ٿي ۽ ان تي زندگي جو تقريبن سمورو ڪاروهنوار آڌاريل هوندو آهي. اهو تصور لي ويگوسڪي Lev Vegostky واري خارجيت آهي، جنهن چيو هو تہ ڪاگنيشن جون ٺاهيندڙ بيروني حالتون آهن تنهن جي بنياد تي انسان جي داخليت پرورش پائي ٿي يا ايوان پاولوف Ivan Pavlov واري Stimulus هجي جنهن جو ريسپانس ۾ ري انفورسمينٽ هجي پر اهي سموريون لقائون معروضي تربيت تي آڌاريل هونديون آهن. اهڙي طرح منهنجي زندگي ۾ شاعري ۾ معروضيت جو وڏو عمل دخل آهي. نظمن جي سرجڻ ۾ معروضيت ۾ حالتن جو درد چڻ تہ منهنجي رت جا اڇا جزا White Blood Cells جيان آهن جيڪي انسان جو اميونٽي سسٽم يعني دفاعي نظام آهن تيئن منهنجي حالتن ۾ معروض جو وجود آهي. آئون نٿو ڄاڻان تہ اها معروضيت ۾ حالتن جو عمل دخل منهنجي زندگيءَ جي ڪهڙن پاسن کان ڦٽي نڪتل آهي؟ اهو منهنجي روزگار جي نوعيت ۾ حالتن مان ڦٽي نڪتل آهي يا مشاهدي جي حساسيت واري قوت آهي يا مطالعي جي اها ڪيفيت آهي جنهن تي پيٽائي سرڪار جي ”جيڪي پڙهيم، جيءَ لاءِ، سي ئي سيلهہ ٿيام“ واري سٽ جو مفهوم چانيل آهي؟ ان جو فيصلو ڪرڻ مون لاءِ ايترو آسان نہ آهي. جڏهن تہ فطرت جي جماليات ڪيترن ئي انساني لقائن جو بنيادي جز آهي. منهنجي ”هئنگ اووَر“ جو ڏهاڪو کن سالن کان وڌيڪ جو ڊگهو سفر بہ فطرت جي انهي جماليات جو اولڙو آهي جنهن مون ۾ پاولوف جو رِي - انفورسمنٽ Reinforcement وارو نقطو اوتيو آهي. دنيا بيشڪ پوسٽ ماڊرنزم کان الٽرا ماڊرنزم يا پوسٽ پوسٽ ماڊرنزم جو سفر طئي ڪري ڪٿي بہ وڃي پهچي پر انسان جماليات جي فطرت کان اڳتي نٿو وڌي سگهي. زندگي جي ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي انسان کي فطرت جي اسپيڊ بريڪر کي منهن ضرور ڏيڻو آهي. سماج بيشڪ شيشن جي بازارن ۾

عمارتن جو لطف وٺي، پر اهي شيون آبشارن جي تازگي جي متبادل نٿيون ٿي سگهن، جنهن سان زندگي هڪ ڪامل جيوت بڻجندي آهي. ڪائنات جون حسناڪيون جنهن ۾ چنڊ جو چمڪڻ، چانڊني جو سرور، ڪهڪشان جون رونقون، وڻڪاري جي اٿت ۾ تحليل ٿيل ٿڌڙي ڇانءُ جنهن سان جيڪا راحت ملي ٿي اها ايئرڪنڊيشن مان ناممڪن آهي. اربنائيزيشن Urbanization جي ور چڙهيل سماج ۽ ڌرتي تي صحرائن ۽ ريگستانن جو رومانس بنهه اوچو بيٺل نظر ايندو آهي. زمانو محبت کي ڪٽي ڪيترو بازاري بڻائي ۽ جبلت جي باهه ۽ اڄ اجهائڻ لاءِ ڪيترائي ماڈل ڇو نه گليمر ۽ ميڊيا جي دنيا ۾ آسمان تي پهچائي پر اصلي محبت ۽ وفاداري جنهن ۾ سوين رسڪ، خطرا ۽ پهرا هجن ان جو لطف نٿو ڏيئي سگهي. زندگي ۾ هزار آسائشون هوندي به جيڪا راحت محبوب جي مسڪراهٽ ۾ ملندي آهي اها پائڻ ڪنهن سائنسي ايجاد جي وس جي ڳالهه نه آهي. فطرت جي اها جماليات اوهان زندگي مان ڪيڏي ڇڏيو ته شاعري کي ڪهڙي معنيٰ ملي سگهي ٿي؟ ان جو جواب اسان جو هر ماڻهو ڏيئي سگهي ٿو. اهو پڻ منهنجي ”هئنگ اووَر“ جو محرڪ آهي.

هي ئي اهي قوتون هيون، جن مون کي وقت بوقت موٽيويشن ۽ اتساهه ڏنو آهي ته زندگي جا اولڙا ۽ حالتن جي انٽرپريٽيشن کي اظهار جو روپ ڏئي جيوت بخشجي. مون ڪوشش ڪئي آهي ته شعوري يا لاشعوري منهنجو ”هئنگ اووَر“ سنڌي نظم ۾ ماضي ۽ مستقبل جي پيچرن جي اها پُل هجي جيڪا جدت ۽ ڪلاسيڪيت جي روايتن جي انضمام هجي. جدت مان منهنجي مراد خيال جي ندرت، فڪر جا ورسٽائيل اولڙا، موضوعن جي وسعت ۽ ٽريٽمنٽ جي ترتيب آهي. جڏهن ته ڪلاسيڪيت مان مراد شاعري جي فني گهرج ڏانهن اشارو آهي جيڪا شاعري جي بنيادي گهرج آهي ته شاعري ۾ فڪر سان گڏ فني لوازمات جنهن ۾ وزن و بحر، قافيا رديف يا تمثيلون، تشبيهون ۽ استعارا هجن ۽ ڪلاسيڪيت ۾ موضوع پڻ ڌرتي جي تاريخي ورثي ۽ قوم سان سلهاڙيل هجڻ سان گڏ عالم انسان مان به الڳ نه هجي. فني حوالي سان

عروض جي اصولن کي مون عربي فارسي ۽ اردو جي تلفظ ۽ آوازن جي پيٽ ۾ سنڌي زبان جي تلفظ ۽ آوازن جي فارم ۾ موزون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ٿي سگهي ٿو ته ڪهنه مشق عروضين وٽ منهنجي اها بغاوت قابل قبول نه هجي پر مون کان اها گستاخي سرزد ٿي وئي آهي، جن لئه اڳواٽ معافي جو طلبگار آهيان. جيتوڻيڪ انهي بغاوت پٺيان سنڌي ٻوليءَ جي انجيئرنگ جي اسرندڙ سگهه ئي وڏو محرڪ آهي جنهن ڏانهن مون ارينا ۾ اشارو ڪيو آهي ته سائين ماجد پرڳڙي، امر فياض ٻرڙو، شبير ڪنيار، محترمه صائمه ۽ علي حسن ملاح جي ٽيم سنڌي ٻوليءَ کي سائنسي طرح پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۽ ان کي پنهنجو الڳ عالمي معيار ڏيڻ جو ڪم شامل آهي جيڪو اسان کي سڌ ٿو ڏئي ته اسان کي شاعريءَ جي عروض ۽ ٻين فني قاعدن کي ٻيهر ٺاهڻ ۽ لکڻ جي ضرورت آهي، جيڪو معيار اسان جي ٻولي تي مدار رکندڙ هجي. تنهن مان اهو واضح ٿئي ٿو ته اسين هڪ آزاد ۽ خودمختيار ٻوليءَ جا وارث آهيون. تنهنڪري اسان ڪنهن ٻي ٻوليءَ جي معيارن جي ٻيساکي تي ڇو هلون؟ انهي ڪوشش ۾ آئون ڪيترو ڪامياب آهيان ۽ اجا ڪهڙيون تقاضائون آهن اهو ته وقت ۽ اوهان پڙهندڙ ئي ٻڌائي سگهو ٿا.

فياض ڏاهري

دربيلو سنڌ

14_ آڪٽوبر، 2016ع

## ڊجيٽل گيم

ذهن ۾ گهوڙا ڊڪن ٿا،
پنهنجي پنهنجي فڪر جي راهن مٿان
سوچ جا سڀ سوار گهوڙن کي ڊڙن ٿا
حافظي جي ريس ڪورس ۾ وڏي چڪتاڻ آهي
علم، دانش، ماڻهپي جي روبرو
لوڀ، لالچ ۽ انائن مان جڙيل ڪو گيمبلر
ٿو سمورن شهسوارن جي ضميرن کي خريدي
۽ سڀن گهوڙن جي پيرن کي ڊڪڻ جي
دائرن ۾ ٿو ڪري قابو ائين
جو لڳي ٿو
ريس ڪورس ڪا ڊجيٽل گيم آهي
جنهن ۾ جٺاري ڪيڏندڙ
سوار سارا ورغلائي
۽ انهن کي ٿو اشارن تي نچائي
ڊوڙندڙ گهوڙا سڀئي
پنهنجي پنهنجي سوار جي
ذهن جي رفتار سان گڏ گڏ هلن ٿا.

علم، دانش، ماڻهپي کي ڪا وڏي طاقت

**ڪپي ٿي**
**ها، اجهل آٿت ڪپي ٿي**
**حافظي جي ريس ڪورس جو ٻه ڪو مهندار آهي؟**
**يا علمبردار آهي ؟**
**پنهنجي ڏاهپ ۽ پويتر سيبتائيءَ ڪي هلائي**
**۽ بچائي**
**شهسوارن ڪي جٿاريءَ جي نظر ڪان**
**۽ رسائي**
**ماٿهپي جي دنگ تي**
**جت افق تي فتح جي لالاڻ آهي**
**ڪوهسارن تي جتي بادل جهڪن ٿا**
**ذهن ۾ گهوڙا ڊڪن ٿا**
**حافظي جي ريس ڪورس ۾ وڏي چڪتاڻ آهي.**

## ڊجيٽل جنريشن

ڇاڻ جي تيز رفتار طوفان ۾
ٽاٻڙي ۽ ٻاتاڙجي پيل
ايڪيهين صديءَ جي
ڊجيٽل جنريشن
انساني تاريخ جي
سڀ کان وڏي
مزاجن جي جهنگ ۾ ڀٽڪندڙ
پوسٽ ماڊرنسٽ جدت آهي
فور جي لائيف اسٽائيل واري ڪلچر جو حصو
اسان جا ٻار
اسان جي سمجهہ کان
سندن آءِ فون وانگيان
اوکا ٿي ويا آهن
۽ اسان سندن لاءِ
پينٽيم سيريز جي
پراڻن ڪمپيوٽرن جهڙا.

# زيوس ديوتا

ڪيترا آهن مصور
ڪوڙ تصويرون ڪيون تخليق جن جي آڱرين
هر تصور جا انوکا ۽ اڇوتا عڪس آهن
عڪس هرهڪ جي الڳ تاريخ آهي
۽ سندن پيڙا بہ پنهنجي ، درد پنهنجو
غم ـ خوشيءَ جا گيت ڳائيندڙ فهم ۽ فڪر پنهنجو،
فرد پنهنجو
هر تصور جي اڻڳيان تصوير آهہ
۽ پٺيان آهي مصور
ڪائناتي گئلري ۾
هر مصور جا سجايل شاهڪار
۽ تصور جا نرالا رنگ ڪيئي روپ يا ٻهروپ ۽ جهٽڪا
شعوري لاشعوري برش جا
سڀ سرجڻهار پنهنجن سرجيل
شاهڪارن جا خدا بڻجي هلن ٿا
ساريون تصويرون ڪڍن ٿيون آڱريون
پيڙ ۾ ڇهرا سجاڻن پنهنجي سرجڻهار جا
ڪائناتي گئلري ۾ ڪيئي تصويرون،
تصور ۽ مصور ڪيترا
آڱريون پنهنجي ڏندن ۾ ڏئي چٻاڙڻ ٿا لڳن
ڪير آهي ؟

جو سڏائي علم آرٽ جو ادب جو سنگتراشيءَ
۽ چترڪاريءَ جو زيوس ديوتا
ٿو هلائي هوڏ پنهنجي
رنگ سڀ بي رنگ ڪوٺي
سوچ کي تالا هڻي
عقل تي چٽرون ڪري
برش سڀ ساڙي ڇڏي
هر تصورجي نرڙ ۾ نَيلَ ٺوڪي
هر مصور جي اکين ۾ گرم سيهو ٿو پري
ڪائناتي گئلريءَ تي نيٺ دعوي ٿو ڪري
قابض هجڻ جي.
۽ سمورن چترڪارن لئہ سندن مڪتبِ فڪر مان
ڪيئي فتوائون خريدي قتل جون
سڀني تصويرن جي بيهڪ هر تخيل جي اڏام ۾ ڏنل ترتيب
رنگن کي رَلائي هل ڪندڙ وجدان تي ڦيري منڊيئڙا
۽ پري ٿو رنگ شرمندا، ڪڏي ترتيب ۾ چائي عقل جي
علم جي ڇهري تي ڪارنهن
۽ انائن جي ڪباڙيءَ مان ڪڍي وجدان داغيل
هر تصور جو ڪري تبديل ڇهرو
ڪائناتي گئلريءَ تي ليڪ ڦيريندڙ هي زيوس ديوتا
پنهنجي ئي پاڳل پڻي ۾
پل اجهي ٿو پل جلي ٿو
روز پنهنجي ٻوٺ تي دانگي ملي ٿو.

## رُم راتيون

آڳ اوڳاڇي رهيون آهن هوائون
داڳ سوچن جو پڇي ٿو کوپڙيءَ ۾
مرچ ساوا عهد جي احساس جا
بک پيري جن ۾ بغاوت جي ڪڙاڻ
اڄ سنهينءَ ڪاتر ۾ ڪٽجي
تيل ڪڙهيءَ حالتن جيءَ ۾ ائين ٽڇڪن پيا
چو ته هٽڙي
باغيانه سوچ ئي ممنوع آ
فرد جي فطري اڪيلائيءَ اندر
رم راتين جو ازل کان دٻدٻو آ
روشنيءَ جا سپ ڪبوتر
کير رنگا نرم پر
ڦڙ ڦڙائيندا وڃن
اونداه جي بي انت پيچيده انڌيرن ۾ ائين پلجي
جو ڪڌهن احساس ڪر موڙي انهن جو
روشنيءَ جي آس ئي پالي نه ٿو
آڳ اوڳاڇي رهيون آهن هوائون
داڳ سوچن جو پڇي ٿو کوپڙيءَ ۾
آدمي کهڙيءَ جڳه جالي نه ٿو.

# ابارشن

هي معصوم ابهم هي انمول جيون
ستارو نئون آسمان جو
پنيون پل پنهنجي زمين جو زمان جو
هي تنهنجي ۽ منهنجي وجودن جو حصو
انوکن سرورن جي محبوب پل مان
ڇٽي گرڀ تنهنجيءَ سمايو جڏهن
تخيل ۽ تخليق فطرت جي مڏمست
پرجوش راهن مٿان گامزن ها
وفا ۽ محبت جو اهڃاڻ بڻجي
ازل کان هو تنهنجي انگن ۾ لٿو هو
اڃاتل سڳنڌن جو احساس ايندي
سڄو جسم تنهنجو ويو واسجي هو
مگر مون ته تو سان
محبت جا تنها
کئي سال تنهنجي
شبابن ۾ گم ٿي
گذارڻ ٿي چاهيا
سمندر تي، هوٽل ۾ يا پارڪن ۾
جوانيءَ جي مستي ۽ الهڙ شرارت جا لمحا
حجابن کان آزاد بڻجي
ورهائڻ ٿي چاهيا
مگر هاڻ مون کي لڳي پيو ته تنهنجي
شبابن جا دلڪش حسين دلربا ڏول بي ڏول ٿيندا

اچانڪ بدن ۾ هي چرپر نوبلي
۽ ڦهلاءَ عضون جو توکي بہ پنهنجي
فڪر جي فڪر ۾ پريشان ڪري ويو
سنهين چيلهہ ڇاتين جي سيڊول بيهڪ
گليمر جي اولين گهرجن منجهان آ
سڪين جو ن صلاحون ۽ طنزيہ ٽٽوليون
مٿان فيمليءَ جي پلاننگ جا هوڪا
۽ گمراهڪُن اشتهارن جي بارش
اجا توکي زياده ڪري ڪانشس ويا
ڇيو تو بہ هو ۽ پرين مون بہ سمجهو
جوانيءَ جي بي ربط پرجوش پل ۾
’پري گرپ‘ جو بار بهتر نہ ٿيندو
گليمر حوس ۽ پروپيگنڊا
قتل لاءِ سوچڻ تي قائل ڪري ويا
قتل سو بہ پنهنجي وجودن جي معصوم تخليق جو
مگر تنهنجي من ۾
حشر جو ڀيانڪ تصور اٿيو
اندر منجهہ منهنجي ڪو حساس شاعر بہ جاڳي پيو
حواسن تي ڇانيل ڪميٽي حوس جا
نوان نحس زنجير توڙي ڇني
اسان جي وجودن جي انمول حصي
جي ساهن جي ڏوري ٽٽڻ کان بچائڻ ۾ فاتح ٿيا پر
حشر جو مگر خوف گهر گهر تہ ناهي
سڄو ڏيهہ حساس شاعر تہ ناهي.

# ڪرفيو

ڪجهہ ستارا چور آهن
چنڊ چوڪيدار آهي
۽ خلا جڙ ڪو جهنگل آ .
جنهن تي واسو رات جو آ
ڪي وري پا ڳيا ستارا
جي ازل کان پنهنجي پنهنجي
جوءِ تي مضبوط ويٺي

اپ تي ڏاڪو ڄمايون ٿا وتن
ڪجهہ ستارا چور آهن
روز راهون ٿا مٿائن
روز چوريءَ تي وڃن ٿا
گهر ڏٺي جاڳيا تہ چور
بوٽ سپ لاهي ڀڄن ٿا
ٻوڙ ٻوڙان جي پٺيان
ڪئين باھ جا ڀالا ٻڪن ٿا
۽ جڏهن ڪنهن رات ڪاوڙمان اٿي
چنڊ چوڪيدار وانگي
ورَ ڪُنجي نيزو ڪڍي نڪري پوي ٿو
ڳئين ستارا ريت چوراڻي نيائي
منهن لڪائي ڪهڪشائن جي پٺيان
گم ٿي وڃن ٿا
هر گهڙي ڄڻ ڪيل آهي
سج ڪو جرنيل آهي
جنهن ازل کان پي هنيو آ
ڏينهن جو ڪرفيو سموري اپ تي.

## ضبط جا زنجير

دردَ باهيو هر زخم چهڪار ڪئي
ضبط جا زنجير ٽٽندا ٽا وڃن
ڪيترا اڏما سهيڙي حوصلو
ڪيترا واڪا لنوائيندو شعور
آئينا ٽوڙي ڇڏيا منهنجي سماج
ماڻهپي سارا لٽا لاهي ڇڏيا
۽ سڀئي دستور ننگا ٽا گهمن
وارثي عريان ڏانئڻ ٽي پئي

ڏند منهنجي ماس ۾ کوڙي کري ٿي
منهنجي سيني اعتمادن سان زنا
ساڙ تعصب جي ڄٽيل کوڙي انا
ڍير بارودن مٿان بيهي نچي ٿي ناچ وحشي
اختيارن جا سيئي ايوان انڌن جو هجوم
بدحواسي ۾ لتاڙي جو سڄي تهذيب ۽ اتهاس کي
گهاوَ منهنجا حال جو ڪاتب لکڻ لئہ تيار ناهي
پاڻ تي هر هر رکيو مون ضابطو
۽ ٻڌو هو درد کي ڪنڌَ ۾ پٽو
وات زخمن جا سبيم ٽاڪا هٽي
ضبط منهنجي تي ٿيا، بي ضبط اڄ احساس منهنجا
پنهنجي پنهنجي قيد کان بيزار ٿي
درد پۇنڪيو هر زخم ڇهڪار ڪئي
ضبط جا زنجير ٽٽندا ٿا وڃن.

## تمنا جو بر

روح جو آسمان خالي آ
ڪو بہ ٻوڙيو ڪڪر جتي ناهي
سار ساري سراب جهڙي آ
منهنجا محبوب تنهنجي نالي جا
ڪي بہ يادن ۾ گل ٽڙيا ناهن
زندگي دور جي پهاڙن تي
ڪيتري هيڪلي اداس آهي
خواب پنهنجا مگر مئا ناهن
آس راهون اجا ڦٽولي ٿي

ڪهڙي واديءَ ۾ آ جڇو ڳوليون
ڪيترا جڳ رڳو تمنا جي
بر ندوري ۾ پاڻ کي روليون
منهنجا محبوب تنهنجي نيڻن جي
نيري نيري اٿاهه ساگر ۾
ڪيستائين شعور کي ٻوڙيون
زندگي جهنگ ناهي يادن جو
زندگي پيڙ آ ايامن جي
جڳ سارو اداس گلشن جيئن
۽ اسان جو شعور مالهي آ
منهنجا محبوب ڪيئن اکيون ٻوٽيان
وقت جو وهڪرو سوالي آ
چانورو ڪنهن طرف رهيو ناهي
روح جو آسمان خالي آ.

## ننگي فطرت

ڪراچيءَ جي ساحل تي
آرهڙ جي ڪنهن چانڊني رات
ساگر جون مڏ مست لهرون
۽ مرڪيوري لائيٽنگ جا لهرون تڪيندڙ اُڀرا اجالا
سنجها ويل ڪيئن بيڪران سمنڊ مان
اُتي ڀاڦ شفاف آنچل جان اُڏِري
۽ خوابن جي اُجرن جزيرن سندا عڪس ٺاهي اٿن ٿا

ککر ڇڻ تہ آڪاس جي پاڪرن ۾
جُڳن جي ڪراڙي سمندر جي آهُن ۾
ڪيڏا ايامن جا آڙاهہ آهن
صدين جون لڪل خواهشون ڇڻ جلن ٿيون
هوا جي پرن مان نَمي ڪيئن ٿمي ٿي
اڇي ڏس تہ اپ جي ڪشادي پڌر ۾
اڇي مرمرين چاندني ٻاڦ جي
نرم نازڪ بدن ۾ اجالو اُٿي ٿي
ٿڌيءَ ماٺريءَ جي مثان برف باريءَ ۾
موتين جو اڻکٽ خزانو ٿو برسي
هي رنگين ڪپڙن ۾ ملبوس نوعمر
نوخيز ڇيرو جوانيون
سڄي رات فطرت جي عريان تخليق
جو سچ تہ ننگو نظارو پسن ٿيون
اڇي ڏس او شاعر...

☙✦❧

# رقص

رقص ۾ آ جڳ سارو
هيءَ حياتي ناچ ڏن آ
هر تصور جي سهاڻي ناچ گهر ۾
ٿي ٻڌي گهنگهرو تمنا
ڀاڪرن جي دائري ۾
هر ادا نچڻي لڳي ٿي
چپ لرزن ٿا، اندر جي
اڄ ناچو ٿي نچي ٿي
وقت پيي جڙ پل اپل جو
ڏاڏري تي ناچ آ
هر گهڙيءَ هڻندا هنبوڇيون
ٿا اڇن تنهنجا خيال
درد جن ۾ ڏا ڏنا ءِ
تاتنا جي تال تي ٿو
ڇير ڇمڪايون اڇي
ياد ميڙا ٿي ڪري
من جو مگرمان ٿو وڃي
هر تصور ۾ رقاصہ جو سهاڻو رقص آ
ناچ جو چوڏس نظارو
رقص ۾ آ جڳ سارو

## شيشا بند شهر

بلب پوندا ٿا ڏين
پل اپل اوناڙتي تي وي ڪري
ننڊ آکيرا جلن ٿا
سوچ جي ساون وڻن ۾
روز واهيرا جلن ٿا
خواب سارا ايش ٽري ۾ چار هيٺان ٿيا دفن
ڪيئن پهرايان دليلن کي چريائيءَ جو ڪفن
ڪيترا ڪاٺي وڪڙ ور ور هوائون ٿيون اچن
۽ ڪمهلو ٿو ڪڙو ڪڙڪي مگر

دل دريون ۽ بالڪونيون راهه ۾ روڪن پيون
هر نئين آواز کي
واءُ کي ناهي اجازت
منهنجي سوچن ۾ سمائي
زندگيءَ جي قيد مان احساس جي پرواز کي
واءُ ٿو منهنجو تڪي روڳي وجود
مان تڪيان هن جي پرن ڏي
جي ڇهن ٿا سرحدون اڏري فضا جون آخري
جسم شيشي جي شهر ۾ قيد آ
واءُ سان اڏري ويو وجدان منهنجو
هر فضا تي پير کوڙي
ڪهڪشائن کان پري
ويتر پري اڏري پڳو
زندگانيءَ جي انوکي راز کي
پل ڪٽي ناهي اجازت واءُ کي
منهنجي سوچن ۾ سمائي
زندگيءَ جي قيد مان احساس جي پرواز کي.

## هئنگ اوور

حواسن تي پلاڻي بار ڪيڏو ٿي حياتي
تصور ٿا بنا ترتيب جي ڊوڙن
عجب هي انتشار آهي
ڪٻاڙيءَ جي ڪٻاڙي جيئن نظر ۾ نظريا آهن
عمل جي پير ۾ ڪڪرا، ٽنگون ضربيل
مٿن تان مسئلن جي ٿي هوائي ۽ توائي سوچ ترڪي
ڪٽي گهمندو وتي هر آدمي پنهنجي هٿن ۾
حل مصيبت جو
سجيل آهن مفڪر ذهن سارا فڪر ڪان آجا
عقيدن جي نمائش ۾
ڳنڍي پنهنجي ئي پر ۾ جن رکيا پنهنجا تصور
علم جي هر ڪير ڏارا سان

ڏکر آ چاڻ جو کيڏو
سموري سوچ ٿي جهولي حوالن جي هندوري ۾
زبانن لئہ نہ کو مکتب نہ کو ممبر ضروري آ
صدين جي باشعوريءَ تي مڙهي وئي بي شعوري آ
ڪرپشن جي ڄمي ڪک مان
نچي ننگيءَ وئشيا جان پئي دولت
بگاڙي روپ_ ريکا ٿي برابر پائيبنديءَ جي
مفادن جي گڏيل جنگ ۾ هميشہ هار کاڌي سين
بغاوت ٿي وڃي بي درد دهشت ساڻ چيپاٽي
شعوري پختگيءَ سان ڪي صفون جوڙي سگهيا ناهيون
لڳل سر سان رهي ڳڻتي فقط شخصي مفادن جي
ٻڏيءَ ٻيڙيءَ منجهان هٿ ٽيل هريڙون ئي چڱيون آهن
مفادي خود پسنديءَ جو انا ۽ خود فريبيءَ جو
شعوري بي شعوريءَ جو
اڙي اتهاس هي کهڙو نشو آ جي حضوريءَ جو
اسان جي اجتمائي درد جو لاشو ويو لٽجي
عجب هي انتشار آهي
نہ پٿر آ
نہ ئي کو روج راڙي ۾ ٻڏل گهر آ
اهو لڳي ٿو هينگ اوور آ
اهو ئي هينگ اوور آ.

## ڊرنڪن برال (Drunken brawl)

واهہ ٺيڪيدار صاحب تنهنجون شاهي دعوتون
هي ڪريٽن تي ڪريٽ سڀ ولايت جو شراب
هر طرف ڊائمنڊ، گلاسن سان سجايل ٽيبلون
دوستيءَ جا دائرا سڀ معتبر
يار، يارانا سمورا تنهنجي لئہ چانئون ڇپرَ
تون بہ يارن يار آهين
معتبر مئخوار آهين
جام تي ٿو جام سيني سان ملائين

تو تہ ڳالهايو حواري هاڻ ڪجهہ مون کي بہ ٻڌ
مان الورا، مان اجنتا جي سموريءَ سنگتراشيءَ جو
اڪيلو سنگتراش
منهنجي عظمت جي اڳيان آ،
تنهنجي حيثيت پاش پاش
مان ڇهان ڪوري پٿر کي روح ٿو پرجي منجهس
تخليق جي تهہ تي پڇڙ واري نظر ڪاٿئون اچي

ماٺ ڪر ڙي سنگتراش
مان سياست کي دٻائي ٿو ڪڙيءَ هيٺان رکان
آنءُ سياستدان پيڙهين کان وٺي
تون ڏِکن جي ڏوڙ آهين، آءُ طاقتور سدائين
تون سڪي جي لئي سڪين ٿو، آءُ نوٽن تي نچان ٿو
مون مٿان اڀري پيو الهي پيو
منهنجي سياست جو سڪو چمڪي پيو

بس سياست جا خدا
مان رقاصا
تون رهين پيئندو سدائين منهنجي گهنگهرن جون هي
جهنڪارون گلاسن ۾ پري
تو چٽيا سينگار جا سڀ رنگ منهنجي جسم تان
هٿ تنهنجو ناچ گهر جي فرش تي ڪرندو رهي
منهنجي ٽوليءَ جون سموريون ناچڻيون
بزم جو هر فرد جن جي سونهن تي
پونئري جيان پرندو وتي

او ٽڪي جي ناچڻي
آنءُ موسيقار راڳي
ساز منهنجا
سر منڊل سرتال منهنجا

۽ مڌر آلاپ منهنجا
آڳريون منهنجون نچائن تنهنجي هر انگ کي
منهنجي سازن کان سواءِ
ڪيئن وَسائيندينءَ ادائن سان سندءِ سارنگ کي

تون ٻڌاءِ ڪهڙي بلا آن
وات ڦاڙي ڳالهه ڪهڙي ٿو ڪرين او مڱڻهار
تون وڃي طبلا وڄاءِ
مان هتان جو رئيس آهيان
منهنجي آڏو ڪير ايندو
ڪير آ جو منهنجي طاقت کي ڪٽيندو
مان ڪيان جي هڪ اشارو راڄ سارو
مون مٿان سر گهور ٿيندو.

او وڏيرا!
تنهجي طاقت هڪڙي موسم جيتري آ
آ پيشاهي منهنجي پيشي ۾ پلي آ
مان سمورين موسمن جو ڦول آهيان
مان سمورن حاڪمن وٽ هر دفعي مقبول آهيان
هر سماجي ڪار ۽ وهنوار جو اختيار مون وٽ
اختيارن تي عمل جي لاءِ صوبيدار مون وٽ
تنهنجي پٽڪي جو ٽُرو منهنجي ڪري
تنهنجي دل جو خوف ۽ هر حوصلو منهنجي ڪري

تون ٻـ ڪامورا پلا کهڙو پلو آن
آمرن جو پيچ لٽڪائو رهيو آن
مون ڏٺا آهن سيئي ڪرتوت تنهنجا
مان ازل کان انقلابي
تون ڏنڌوڙي ۾ شرابي
مان دليلن جي دنيا جو بادشاه
ڪرتا ڌرتا ڪورٽن جو، مان وڪيل
مان رکان قانون کي نوڪر جيان
تنهنجي اختيارن مٿان ٿوڪر جيان

تون وڪالت ڪر پلي او ڪامريڊ
مان صحافي،
مان صحافت ۾ رکان پنهنجا ٿريٽ
وقت جو مون کي چوڻ آ
تر سموري تي وچين تون راڄ ڪر
تون قلم جي نوڪ سان،
سرڪار جا نوڪر سپيئي تاراج ڪر
هر ڪمائيءَ ۾ حصيداري رکين
سپ جوا خانا اڏا هفتا سيئي
جي کلن تنهنجي اجازت سان کلن
اک صحافت جي مٿايو آ سماج
۾ سيئي ڪردار تنهنجي ڪئمرا ۾

ڪيترا ننڍڙا لڳن ٿا
نَئن زماني جو وڏيرو آنهه تون
پنهنجي حلقي جي صوبيداري بہ ڪر
پاءِ ڪردارن سمورن جي مٿان پيلي نظر

ڪير ٿيندو آن پٽيوالي جا پٽ
تون صحافت جي نہ واقف صاد ڪان

چؤطرف آواز الريا
گوڙ ٿيو
هر نڙيءَ مان رنپ نڪتي
۽ سمورن مئہ پياڪن جوش مان ٻانهون ڪنجيون
ٽيبلون اڇلائجن ٿيون ۽ گلاسن جي ٽنڻ جا هر طرف
آواز آهن
ڪجهہ گهڙين جي ڪشمڪش ۽ وات ويڙهائڻ ڪان پوءِ
موت جي ماٺار آهي
ڏوڙ هر ڪردار آهي.

## باغي تخم

وسي اجان بہ پئي مقتلن ۾ ويراني
سڪي اڏيءَ تان ويو خون نوجوانيءَ جو
لٽائي وقت سڄو چنڊ سان محبت ۾
حريف رات جا ڪارا ڪلور ڪاٽياسين
سوين سويرا پُري بيحسيءَ ۾ گذري ويا
صدا نہ مور ڪا گونجي پرهہ ڦٽيءَ ويرا
ٻڌو نہ ڪنهن بہ صبح ، ڪو زنجير جو ڪڙڪو
ڪڙين ڪي ڪٽ لڳي ۽ ٻسيون ٽيون ٻيڙيون
ٻريو نہ گيت بغاوت جو ڪنهن بہ ڪوليءَ مان
طويل دور ستم جو اجان ڪٽي ئي نہ ٿو
مهاڏو ظلم سان اٽڪائجي نہ ٿو اڄڪلهہ
اجان ڇو عشق_ڪڪوريل گڙيا نہ گاروڙي
ڪٽي آ درد_محبت جنون جي موڙي
بغاوتن جي صدا ساڻ مقتلن ۾ جا
جواني رقص ڪندي هئي سا گم ڪٽي آهي
سجائيندیون هيون زندان جيڪي ارڏايون
ڏنگو مزاج ۽ باغي تخم ڪٽي آهي.

ঙ✦ঙ

## بلڊ شيڊ

کهڙيءَ جنگ مان امن ڦٽو آ
کهڙي بم سان باهہ وساڻي
کهڙيءَ گوليءَ گل پوکڻ جي موسم آندي
کهڙي آ، سنگين ٻڏايو
جنهن جا گهاوَ بدن ۾ گم ٿي
ڌرتيءَ منجهہ دفن ٿيا آهن
هي جي ڦول مروڙين ويٺو
مس مکڙين مان مرڪيا آهن
تو گل گل کي گهاءُ رسايو
تن جي خوشبوءَ کي ڌرتيءَ سان
باک ڦٽيءَ جي هير ملايو
سوچين ٿو تو خون ڦٻايو؟
هيءَ جا ڌرتي سڪتي ۾ آ

ان جي غيض و غضب سان
گھور ملائي سگھندين؟
سارو عقل شعور لھوءَ ۾ لٽ پٽ آهي
رت جا ذهنن تان نيشان مٽائي سگھندين؟
جھر جھنگ جھوپن باهہ لڳائي
کھڙا محل بچائي سگھندين؟
اڻ واقف اتهاس کان آهين
تنهنجو ذهن لٽيري جھڙو
ڦر لٽ جي لئہ گڏجڻ تنهنجو
ڪانون جي ڪانگيري جھڙو
بدبودار هڏن تي جيڪي گڏ ٿيا آهن
۽ هي روح شهيدن جا ڄڻ سڏ ٿيا آهن
سڪتي مان ساڻيهہ ڪيڏي جي ساري ڌرتي جاڳائيندا
سڏ ورنائي هڪڙن جي پويان ٻيا ايندا
تون والار پسند ۽ قبضہ گير لٽيرو
جاڳي نيٺ بغاوت ليڪيو تنهنجو پيرو
تون جو گوليون پوکين ويٺو
تن مان تو لئہ گوليون ڦٽنديون
منهنجي ڌرتي ماءُ پٽن لئہ پار ڪيڏيا تب
مون لئہ تن مان لوليون ڦٽنديون
مون لئہ تن مان لوليون ڦٽنديون.

## چنڊ اپريو آ ٽٽل

ها مهيني جا اجان پويان پساه
رات ڪاري ڪنهن قلندر شخص جو ڪارو لباس
۽ ستارا ڄڻ چٽيون ان ۾ سفيد
چنڊ آهي ڄڻ تہ چاڏيءَ جو ٽٽل ڪوئي ڳنو
ڏنڊ جو آهي بسيرو ڪيترو
روشني مڌم لڳي ٿي
هر طرف انڌڪار آ
سوچ جو هر مورچو
ڪاراڻ ڪان بيزار آ

پر سمورا سياه پل
ٽا اچن ڪاراڻ جا ڪي
قافلا ڪاهيون اچا
پل انڌيرن ڪي هجي حاصل عروج
چنڊ اڀريو آ ٽٽل
عڪس ان جو پر اسان جي
روح تي چڙ نقش آ
آءُ اوپر ڏي ڏڪان ٿو
نيڻ ڳولن ٿا سويري جو سمو
چنڊ جي پويان صبح جي روشني آ
زندگيءَ جو رقص آ.

## سمبارا-1

او موهن جي نچڻي نينگر
ڇم ڇم ڇم ڇم تنهنجي جهانجهر
جنهن ۾ ڪو اتهاس رڙي ٿو
يا منهنجو احساس رڙي ٿو
تنهنجي ناچ ايامن تائين
ڇم ڇم چا تہ پڙاڏا آندا
منهنجي تانگهہ ترانا آندا
ڇيريون آنديون لاڏا آندا
تو ۾ تنهنجو دور نچي ٿو
منهنجي من ۾ مور نچي ٿو
ڇمڪي ڇير هوا ۾ هر هر
ڇلڪي نيڻ گهٽا جي گهاگهر
او موهن جي نچڻي نينگر
ڇم ڇم ڇم ڇم تنهنجي جهانجهر.

## سمبارا-2

دل چوي ٿي صديون
توتان واري ڇڏيان
او حسين ناچڻي!
ڇيلھ جي لوڏ تي
ٿيون لڏن لشڪرن جون صفون
وقت گھنگھرن جي جھنڪار سان ٿو ٻڪي
تنھنجي پيرن جي آهٽ سندي تال تي
صبح ساجھر ٿو سورج اٿي ننڊ مان
ٿھڪ گونجن پھاڙن ۾ گونجار ٿئي
هوش پنھنجا وڃائي ٿا جھرڻا وِهن
تار تارئون ندي ٿيو پوي
تنھنجي وارن جي ور ور وڪڙ ۾ پرين!
آ پريشان منھنجو مقدر اڃان
تنھنجو سارو بدن شاعري ٿو لڳي
استعارن سندا ويس اوڍيا انگن
ڪن ڪنن ڪن آ ڪنگڻن جي اتھاس تي
۽ نگاهن جو رڪجڻ به تاريخ آ
دلربا عڪس تنھنجي ادا جا ڇٽي
رنگ سوچن جا سارا سنواري ڇڏيان
دل چوي ٿي صديون تو تان واري ڇڏيان
او حسين ناچڻي!
او حسين ناچڻي!

## ساحل

سمنڊ سندي بيچيني ڏسندي
ڪارو چاڙ ڏڪي ويندو آ...
لوڙهيي پاڻيءَ سان ساگر جي
ساري اڄ اجهاڻي ناهي
۽ سنڌوءَ ۾ پاڻي ناهي
جو لهرن جا لب پسائي
طوفانن جي تؤنس گهٽائي
لهرون! جن ڪي پير ٻه آهن
تنهن ڪي ٻوڙن جنهن ڪي چاهن
جي ڌرتيءَ ڏي ڊوڙيرن ٿيون
ساهه وندن جو ساهه ڪڍن ٿيون
۽ سنڌوءَ جا نير اجهاڻل

ساگر لئہ چند بوندون آهن
پر جيوت جو جيون آهن
جهينگي جي سا جوت نہ ساڳي
پلا جن جا پار نہ ساڳيا
سو نہ تمر جو جوڀن جڳ مڳ
هيرُن جا ويچار نہ ساڳيا
ساحل تي سرهاڻ نہ ساڳي
ساوڪ جا آثار نہ ساڳيا
ناوَ مٿان ويچارا ماڻهو
پاڻيءَ وانگر ڪارا ٿي پيا
ڪيڏا نيڻ اجارا ٿي پيا
جل لئہ دريا واريءَ وانگي
بادل يار مياريءَ وانگي
روز مٿي ڪان گسندو آهي
ليڪن ظالم وسندو ناهي
۽ سنڌوءَ جو ميرو پاڻي
جيون جي هن ڦلواڙيءَ مان
ڇا سڀ رنگ اجهائي ويندو
يا هيءَ فطرت گهائي ويندو
سمنڊ سندي بيچيني ڏسندي
ڪاروچاڻ ڏڪي ويندو آ.

## رَوَيا

تلخ رويا ساڻ سمهاري
بستر تي مان ليٽيو آهيان
احساسن جي سورج مان اڄ
ڪيڏي نٽهڻ اُسَ وسي تي
دل جو گرم سمندر ٽيو آ
لهرن مان جا ٻاڦ اُڏي سا
سانت_نگر جي سرد جبل تي
ڪوهيڙي جان برف ڪِري آ
مند ڦري ٿي، برف ڳري ٿي
نيڻ ندين جو ڏيک ڏين ٿا
ڪنڌيءَ ڪنڌيءَ تي ڦول ٽڙن ٿا
لال گلابي رنگ رچن ٿا
گرم گهڙيون، برفاني لمحا
خوشبو، رنگ، ڪنارا، گلڙا
پوپٽ، نيڻ_ندين جا ڳوڙها
سندر لمحن جهڙا سپنا
سارا سانگ ڪٽي بستر ۾
تنهنجي رَوين جي ياڪر ۾
روز سمهاري ننڊ ڪيان ٿو
روز سمهاري ننڊ ڪيان ٿو.

## نظم هڪڙو جھول ۾

رات جو پويون پھر ۽ چاندني
چنڊُ ٿو چوٿيون سُفيدن جون چمي
لوڏِ تارن جي لڪي ڪيڏانھن وئي
تون بہ تنھا، مان بہ تنھا، شاعري
ذھن جي ڪينجھر مٿان جھڙ
نيرڳين وانگي لٿي
۽ پڙاڏن سانت کي چيري وڌو
جرُ لُڏيو، لھرون اُٿيون ، گم ٿي ويون
سانت موٽي رات کي پاڪر وِڌا
پئي اجان سرندو سفيدي تان لٿو
چنڊُ ويڙھي چيلھہ پنھنجيءَ کي چَمندُ
مون جھپيو آ نظم هڪڙو جھول ۾
چنڊَ اچليو يا سفيدي مان ڇٽيو
يا اُڏايا ياد جيڪي واءَ ۾
رنگ سي تنھنجا سِٽون بڻجي ڪريا.

## ٽٽيون چوڙيون

ٽٽيون چوڙيون
ڦٽي ۾ وار ڦاسي پيا
ٽِشوءَ سان ڊسٽ بن تي ويو اڏيکو آ
اڃا ڪمري اندر خوشبو ڦري ٿي
ٽڪل ناهي رُڱو بستر
بدن جي انگ انگ مان سور جا سيانتا اٿن ٿا
چپن جا نقش ٿا ڪي راز کولن
نگاهن جا سيئي منظر جهڙالا
پنل ڪا رات وارن ۾ لٽي هئي
ڳلن تي باک جا آثار آهن
وصل جي رات ويڙهيا وار پنهنجا
هوا مان پيار جا نغما چٽن ٿا
صبح جي روشني تي پير ڳولهي
وري ٿو وقت واٽن کي تڪڻ جو
وري ٿي ياد پنهنجا پاند کولي.

# تون ڪٿي آن

روح تي رم جهم وسي ٿي
يادگيريون رقص ڪن برسات جان
ڇن ڇنن ڇن جي سريلي تال تي
سار جي پايل وڄي ٿي
وار کولي دل نچي ٿي
۽ پڇي ٿي
تون ڪٿي آن!؟
رات پنهنجا نيڻ مهٽيا
۽ هوا اڌ رات ويلي
تنهنجي ساڙهي جي پلوَ سان کيڏندي
باک جو مون وٽ پڄي ٿي
خواب ۾ خوشبو ڀري ٿي
دل ٺري ٿي
تون ڪٿي آن !؟
چنڊ مرڪي ٿو جلي ٿو
توکي ڳولي ٿو ڦٿولي ٿو ڪٿائون درد جون
۽ گهٽائون نيڻ ٻوڙينديون اچن ٿيون
بند اکڙين جا پڇن ٿا
لڙڪ اوهيرا وسن ٿا
۽ پڇن ٿا
تون ڪٿي آن!؟
روح تي رم جهم وسي ٿي
تون ڪٿي آن!؟

## خوف-1

جوش نديءَ جي خاموشيءَ کي
اربيو نيٽ ٻڏي جي موسم
لانگھا سڀ ٻڏا واھڙ جا
ڍنڍون ڍورا خوب وھن ٿا
واھڙ جڙ درياھ لڳن ٿا
ٻوڏ پيريا جو بيٺ کي پاڪر
ڪڇيءَ کي سيرابي وئي چڙ

پاڻيءَ سارو جهنگ لتاڙيو
ليٽڙجي لس ليٽ ڪري ويو
پيرن هيٺان پيٽ ڪري ويو
ٻوڏ بچايا چند ٽپا
جن ۾ لانڍيون ۽ جهوپا
جڻ ٻيڙيءَ تي گهرڙا آهن
هاءِ پريشانيءَ پنهنجيءَ ۾
ماڻهو ڪيڏا تنها آهن!
ڇانيل خوف سڄي ٻيلي تي
چور ۽ ياڳيو گڏ ٻيڙي تي
ڪکڙ، ٻلو هڪ ڇني تي
بگهڙ، ڦاڙهو گڏ ٽبي تي
خوف وڃايو سارو چرپڻ
وحشين مان نڪتو وحشيپڻ
او ڇرَ: تون هر چيز ڪٺي وچ
پر ڏاڍن ڪي خوف ڏئي وڇ
پر ڏاڍن ڪي خوف ڏئي وڇ.

## خوف_ 2

تنهنجا سڀ هٿيار
تنهنجي هٿ جا يار ٽيڙ ڪان پهريان
منهنجي دل جو خوف بڻيا ها
تنهنجو وحشي چهرو
وحشت جون ريکائون پنهنجي
پيشانيءَ تي آڻڻ ڪان ڪجهہ پهريان
منهنجي سهميل ساهہ مٿان
اڻجاتل ڪو خوف ڪٽي نروار ٿيو هو
تنهنجا آدمخورن جهڙا ڏند
منهنجي رت ۾ پرجڻ ڪان ڪجهہ پهريان
مون کي چيرڻ ۽ ڦاڙڻ جو خوف ڪٽي
من آڱنڌ تي پهچي ويا ها
تنهنجا سڀ دستور
منهنجا هٿ ۽ پير ڪڙين سان جڪڙي
ڦاسيءَ جي ڦندي تي مون کي پهچائڻ ڪان پهريان
ڏپ واري آڪاٽي بڻجي
منهنجي عقل شعور کي پنهنجي مٽ ۾ پڪڙي
مهتي ۽ چيپاٽي ويا ها
تنهنجا سارا لشڪر، فوجون، گاڏيون، ورديون
توپون، ٽنئڪون، بم ۽ ميزائيل جهاز
منهنجي ڇاتي ۽ ڌرتيءَ جو سينو چيرڻ ڪان ڪجهہ پهريان
منهنجي اندر جي هالار جبل کي چيري
پٿر پٿر سان ٺهڪائي

سرنگھون ٿاهي
ان ۾ پنهنجي خوف جا ڊائناماِئٽ ڀري ۽ ڦاڙي ويا ها
تون سمجهين ٿو
تنهنجي جنگي چالن کان مون هارايو آ
ها مون هارايو آهي پر
ڇا تنهنجن هٿيارن آڏو
يا تنهنجي وحشي ڇهري کان
يا تنهنجي دستورن سامهون
يا تنهنجي فوجي طاقت کان
تون سوچين ٿو پر ايئن ناهي
ها مون پنهنجي گيدي پڻي کان هارايو آ
پنهنجي اندر ۾ جو پالي خوف رکيو مون
ان کان نيٺ شڪست آ کاڌي
تون هر دور جيان ڀل اڄ ڀي
پنهنجي طاقت کي ترقي ڏي
مونکي ڪو هٿيار نہ گهرجي
مون بس پنهنجي خوف جو هٽڪڻ
پنهنجي اندر پالڻ بدران
ان کي پنهنجي مٺ ۾ پڪڙي زور ڏنو آ
ها مون پنهنجي خوف کي چيپاٽي ماريو آ
منهنجي باغي گهورن کي تون
پنهنجي وحشي نظرن ساڻ اکيڙي ڏس
ڪائر جنگ کي ڇيڙي ڏس.

✦

## خوف۔ 3

ست سال پراڻي
ڪچي مٽي جي ديوارن مٿان
ڪرڙ جي پٽين واري جهرندڙ ڇت مان
جڏهن برسات
نيسارا ڪري اندر وهڻ لڳندي هئي
منهنجي امڙ
ڇت ڪرڻ جي خوف مان
سيني ٻارن کي
سڄي رات
رڌڻي واري منهہ ۾
سمهاريندي هئي
اڄ مان
توسان تنهنجي پسند جي موسم
گڏجي انجواءِ نہ ٿو ڪري سگهان
مينهوڳي مان اڄا بہ مون کي خوف ٿيندو آهي.

## انتظار

ساھہ آلا
بالڪوني
سرد جهوٽا واءَ جا
ننڊَ ڳَليون
بلب جاڳيل
دور اوندھہ جو بسيرو
نيڻ پٿر ۾ اياڳو روڳ
رستن تي نہ ڪو پاڇو نہ ڪو کڙڪو
آرزو سنگسار آهي

ماٺري ڪومل اکين جي
ماڪ ۾ ٽمٽار آهي
دائرا سوچن جا سوڙها ٿي ويا
گهاوَ جيون جي سفر جي ڏيگهه ماپيندا رهيا
ڪير ڪيڏو آ پراٺو؟
خواب جو ڪهڙو گهراٺو؟
ڏوڙ جو ڪنهن کان پڇاٺو؟
سرد وادين کان اڏي ايندڙ هوا کي ڇا پتو
بالڪونيءَ ۾ بدن جيڪو ڏڪي پيو
ڇا ته ان جي روح ۾ سگريون ٻرن ٿيون
۽ خيالن ۾ ايامن کان ڊبيل احساس جا آڙاهه آهن
سرد وادين کان اُڏي ايندڙ هوا کي ڇا پتو! !
انتظارن ۾ جواني ڪيئن جلي ٿي؟

## اڏ اکري نقاد

وقت جا ٿا نقاد سمجهائن
شاعري ڪر حسين ڳلڙن تي
ڀَڳهَرَ ۾ شل ڳلن جي ڳالهہ نہ ڪر
ماڪ وهنتل گلن جا رنگ نکار
قولَ ڇيپاڻجڻ جي ڳالهہ نہ ڪر
آڪَ وڄُ جي ستارون بوندن جون
ٿاڪِ ڪنهن چلوليءَ جي چولي تي
بيوفا بادلن جي ڳالهہ نہ ڪر
ماڻ موسم مڏر جوانيءَ جي
ڇيڙ جذبن جي مست تارن کي
ڪنهن بہ اڏمي، ڪسڻ جي ڳالهہ نہ ڪر
دور اڀ جي وشال ياڪر ۾
ڏس قطارن ۾ ڪرڪندڙ ڪونجون
ٿي مصور، وسار ماريءَ کي!
ڪونجڙي گهائجڻ جي ڳالهہ نہ ڪر
مور جي ناچ ۾ ٺهوڪن ۾
ڪامنا ڊيل جي لڪل آهي
ڪامَ جا رنگ ڀرِ ڪويتا ۾
مورُ رِڻ ۾ مرڻ جي ڳالهہ نہ ڪر
ڍنڍ ۾ رنگ ڏس، اڏارون ڏس
خواب جون خوابناڪ سارون ڏس
پر دُناليون ڇٽڻ جي ڳالهہ نہ ڪر

حسن جوڀن سڊول جسمن جا
نقش چٽ تون حسين لفظن ۾
لڄَ، لوئيءَ ، لڇڻَ جي ڳالھ نہ ڪر
دل ڇيو ننڊ جي وٺي گوري
رات ساري سمهي سڪون ڪيان
۽ ڏسان خواب شاعريءَ جهڙا
ڪجھ تہ وجدان کي سڪون ملي
شاعري خوابناڪ سرجي پَوي
جنهن کي سارا نقاد ساراهن
مون کي ننڊ مان متان ڪو جاڳائي
جاڳ سان درد ڊوڙندا پهچن
مان وري درد جو ڪوي سڏجان
ڪيترائي نقاد درٻاري
ڪنهن وظيفي جي بڪَ ۾ ويڙهيل
لفظ پنهنجا سراڻ تي چاڙهي
ٿي سگهي ٿو اُپيون ترارون ڪن
مون کي معروض ٿو ڏنگي هر هر
ڪيئن حسن ۽ جمال تي سوچان
روز ڪائي ٿو غم جيا پي جو
ڇو نقادن جي خيال تي سوچان
ڪيئن وچايان شعور ٻڙڏڪ ۾
پنهنجي وجدان کي ڪيان ڪاڏي
ڏات رومانس ۾ ڪٺي ٻوڙيان ؟
پوءِ انسان کي ڪيان ڪاڏي؟

## شهر جانان-1

پنير ڪي بعد جاڳڻ سان الائي ڪهڙي الڪي ۾
اڪيون مهتي نهاريو هيٺ جو سورج
امنگن جي ڪنواري ڇر
دکي ٿي پونءِ جي بر ۾
خوشي ۽ تازگي ڇهرن جي ساحل تي هئي رقصان
۽ لهرن جو ترنم ٿي ٻُريو آڪاش جي بر ۾
ابابيلن سان گڏجي پئي اڏاٽيون پورڙيون ڪڪريون
۽ ڪڪرن جي مهاندن مان
نندڙا ڪا نيڻ راتوڪن نشن ۾ مست ٿي نظريا
وني پئي ماڪ مرڪن جي بلوري شهر جانان تي
ڪشادن صاف رستن تي پٽيو ٿي ٻُور جوين جو
اچانڪ موت جي ڇهڪار روحن ۾ لهي ويئي
ڪٿان ڪان اوچتو جلاد ڪيئي سهڪندي نڪتا

مٿن تي ٽوپلا جنگي هٿين هٿيار هاچيڪا
گهٽين جي اوٽ مان بارود جون پوئنڪون ٿيون ظاهر
وَسائي باهہ جي بارش ڪيائون تن بدن زخمي
ڪلاشنڪوف جي ڇهڪار ۽ چنگهاڙ گوليءَ جي
جهروڪن، در، درين ۽ بالڪونين کي اجاڙي وئي
گهرن جي آڳرن ۾ روح جي شاداب ڏسبا ها
۽ ڇهرا شبنمي پُرخواب ڏسبا ها
اهي سورج نما ڇهرا
ڇڏيا بارود لهسائي
ڪري جلوَن جي جرڪڻ کي فنا پيڙو
تعصب جي ڪراڙي باهہ پڙڪي پئي
مئل احساس کي مهميز حاصل ٿي
ابابيلن جي بدران ٿيون ڳجهيون اڏرن
ڦٽي خوشبو بدن جي ۽ اجهاٽا سرمئي ڪاڪل
نہ آهن اپ ۾ سي پوڙيون ڪڪريون
نہ ڪا ساحل ساڻ ٽڪرائي پئي لهرن جي موسيقي
اکيون کولي وري سورج نهاري ٿو
۽ سوچي ٿو ويا ڪيڏانهن!؟
اهي شاداب سپ ڇهرا
اهي پُر خواب سپ ڇهرا
وڏي حيرت ۽ عبرت مان نهاري ٿو اجا سورج
امنگن جي ڪنواري ڄر ۽ جلون جي امنگن کي.

☙✦❧

## شهر جانان-2

ساهه مٺ ۾ شهر جانان جو ٿيو
خوف جا بادل اٿيا هر ذهن جي آڪاش تي
لمحا لمحا فائرن جي گوڙ گونجي چؤطرف
وات آٽو گن مشينن جا کلي پيا اوچتو
کنوڻ چوماسيءَ ڪئي ڪجڪار جڻ
ٽپ ٽپڪ ٽپ بوندا باندي جڻ شروع ٿي خون جي
بوندا باندي.. تيز بارش... ۽ ٻوڙو
ڍير لاشن جا ڪري پيا برف ٻڌجي روڊ تي

گس بازاريون سموريون
در دريون ۽ بالڪونيون
خون ۾ وهنجي ويون
ٿيو ائين محسوس ڄڻ برسات گولين جي وُٺي
دم بہ دم منظر ويو تبديل ٿي
سرگرم ٿي ويو اچانڪ "محڪمہ موسميات"
شهر جانان جي مندن تي جو رکي ٿو ضابطو
جلد ڪو اجلاس ٿيو
قتل جي مند تي وري ڪجھہ بحث ٿيا
نيٺ دفتر جي صحن تان
قاتلن جي هڙ گروهن جي امامن
ڪو پڌرنامو گڏيل جاري ڪيو
هاڻ "موسم" ماڳ ڏي موٽڻ لڳي آ
خوف جا بادل ٽريا
خون جي بارش رڪي
گوڙ بند بارود جي آ ٿي چڪي
ڪنهن پيانڪ خواب مان کولي اکيون
شهر جانان هڪ دفعو ٻيهر 'فياض'
پنهنجي جوڀن جي ادائن سان وري جرڪڻ لڳو آ.

## شهر جانان-3

روز گھٽين مان ٻورين ۾ بند لاش لڀن ٿا
گردن ڪوريل، پير ڪٽيل ۽ گهرا گهرا گھاوَ بدن تي
ڪچرا، ڪونڊين ۽ گند نالن ۾ جي عضوا پکڙيل آهن
انسانن جا عضوا آهن
قوميت، ٻولي ڪيئن ظاهر ٿئي، خون سڀن جو ڳاڙهو آهي
۽ مزدور پسينو جن جو
ڪھڙيءَ ٻوليءَ ۽ مذهب جي
ماڻهن جي ميراث نہ آهي؟
بت پرست، خدا جي بندن يا دهرين لئہ
ڇا ڪنهن مِل مان انگ ڍڪڻ جو ڪپڙو ساڳيو ٺهندو ناهي!
۽ ساڳين ئي بارازن مان ڪير خريداري نہ ڪندو آ؟
ڪھڙيءَ ٻوليءَ ۽ مذهب ڪي ساگر جي نيراڻ نہ موهيو؟
ريگستان جي رات نہ راسي؟
شام پهاڙن جي نہ وٽي ٿي؟
ڪھڙيءَ اک لئہ ماڪ صبح جي، سرد ڪٽي تاثير نہ آئي!
ليڪن رنگ نسل جا جهيڙا،
ٻوليءَ ۽ مذهب جون جنگيون،
بي معنيٰ سرحد جا ليڪا،
ڏرتي والارڻ جي خواهش
اختيارن جي انڌي مستي
قاتل توڪي اونهيءَ کڏ ۾
نيٺ ڪڏهن ڪيرائي وجهندا.

☙✦❧

## دائرن جو گهيرو

درد ويتر جنون ۾ آهي
ڪيڏي گهري سڪون ۾ آهي
جاڳ جيڪا جلي جڳن کان پئي
ننڊ ان جي اجاڙ وادين تي
پر انڌيرن جي روءِ ڦهلايا
بيقراري قرار ۾ آهي
گهاءُ هر هڪ وسار ۾ آهي
ڪوئي تختو نہ ياد ڦاهيءَ جي
قيد جي جرح جي گواهيءَ جي
زهر جيڪو وڇي فرانس پڳو
زهر جي ڪِيسَ جي تباهيءَ جي
ڪا انوکي ڪُريت رشتن جي
اجنبي رسم، ريت جذبن جي
گهر جي آڏو چنگهاڙ جوڀن جي
جسم کان آر پار گولين جي
خون آلود سرد جسمن جي
دست قاتل تي رت جي ڦهنگن جي
ياد ڪا درد جي گهڙي ناهي
ڪا بہ ساعت هينئر ڪڙي ناهي
ذهن تي هر طرف انڌيرو آ
رات جي دائرن جو گهيرو آ.

---

بيگم نصرت ڀٽو جي ڪوما ۾ هجڻ واري خبر تي بينظير ڀٽو شهيد جي حياتيءَ ۾ لکيل نظم

# ڏڪار

شعر اڏ گابرا اڌو راٽا
مختلف ڊائرين جي ورقن تان
ميڙي ميڙي ٽڪي پيو آهيان
ڏات جي ڏيهہ ۾ ڏڪر آهي
لفظ منچر جي پوپرين وانگر
هٿ لڳائڻ سان ترڪندا ٿا وڃن
سوچ هر دائري کي ٽوڙي ٿي
وير وجدان جي ڪناري کان
دوري واريءَ ۾ پيٽجيو ٿي وڃي
سرد ماٺار منهنجي جذبن تي
برف جي تهہ جيان ڄميل آهي
هاڻ سورج سندي تپش گهرجي
جيڪا گليشئير اچي پگهرائي
يا تہ قاتل نگاهہ دلبر جي
گهور جا گهاو دل تي ورجائي
يا وري ضرب ذهن تي ڪاري
جا حواسن جا هوش چرڪائي
ڏات کي ڏنگ جي ضرورت آ
نينهن جا نانگ تون ڪٿي آهين؟
وار وجدان تي ڪرڻ واري
برهہ جي بانگ تون ڪٿي آهين؟

ꕥ✦ꕥ

# روح روپوش

رلي ٿو روح ڪنهن روپوش وانگر
پناهون تنهنجي پهلوءَ جون ڪٿي آهن!؟
نہ ٿي ڏسجي اها آوارگي مدهوش جوڀن جي
رهي محروم جيڪا مهربانيءَ کان
لڳي ٿو عمر شوخيءَ کي
ڦري ونندي جوانيءَ کان
ڪٿي آهن؟
انهي جي واءَ ۾ ويڙهيل
اهي سرڀاٽ ساهن جا
ڳلن تي مند سارنگ جي
ڪلهن پوبان وکيريل وار سونهري
جهڙالي شام ويلي جيئن
ڪڪر سورج اڳيان بيهي
سمورو سون مائل ٿئي
ڪٿي آهي اها منزل؟
بسيرو يار تنهنجي مهربانين جو
جتان جي آس ۾ ڀٽڪي
سجي ڀَڙيانگ ۾ تاريڪ
صحرا جي سحر ۾ گم
ندوري ٻاٽ اوندهہ جي
غفائن ۾ اجا تائين
رلي ٿو روح ڪنهن روپوش وانگر
پناهون تنهنجي پهلوءَ جون ڪٿي آهن؟

## رڻ ڪڇ ۾ رات

اوندهہ اداس صحرا، سرسر ڪنڌڙ هوائون
پٽرائجي ويا ها ٻئي نيڻ رهگذر ۾
بي انت ۽ پيانڪ ويران وسعتن جا
ڪيڏا نہ رنگ اپريا ميرانجهڙي نظر ۾
چانديءَ جي ورق جهڙو آنچل هو آسمان جو
هيرن جيان ستارا چمڪيا پئي چنيءَ ۾
نيرانجهڙو اجالو تارن جي روشنيءَ ۾
بدبخت تيرڳين تي ڪنهن وار جان لڳو ٿي
اجڙيل وسيع فطرت جي پاڪرن ۾ تنهن پل
منهنجو شعور مون کي ڪنهن ٻار جان لڳو ٿي
سوچن مان عڪس ٻيا سڀ وڪري ويا گهڙيءَ ۾
ڪي رات رنگ آندا سنسان سرڪشيءَ ۾
هي ٿوٽ سمنڊ مون لئہ ڪو اوپرو تہ ناهي!
اتهاس جي گهٽيءَ جو ڪوئي سرو تہ ناهي!
تاريخ جي دريءَ مان بي نانءُ ٿا نهارن
’تغلق‘ هجي ’دلاور‘ يا ’بيگڙي‘ جو لشڪر
ڏرتا، ڏراڙ ڏرتي تو تان نثار آهن
ڪاري پهاڙپويان ڪا روشني ڦٽي آ
خنجر ڪپائي اوندهہ جي اوجهہ کي ڪپي
ڪولهيءَ جي آڱرين جون ڏياٽيون ٻريون فضا ۾.

☙✦❧

## خانہ بدوش

بهار جن جي اکين کان ڪڏهن الوپ نہ هو
انيڪ رنگ ڦريا ٿي وشال نيڻن ۾
جتي جتي بہ ڦِٽا گوُنچ ماڪ ۾ وهنجي
هنن جا پير انهيءَ سر زمين تي پهتا
نہ جيءَ جاءِ تي جن جوءِ پير پل پل تي
بِديس ديس جي سيما کان بي خبر ماڻهو
خزان جي درد کان بي سڌ بهار جا گهوريا
ازل، عبد کان هئا هم سفر بهارن جا
نہ جاڻ ڪهڙي سمئہ سرحدن جا قيد ٿيا
ٿيا جو سوچ جا بي انت دائرا سوڙها
زنجيرپا ٿي ويون رات وچ ۾ رولاڪيون
جنم جنم سندا رولاڪ روح ڪڙجي پيا
بهار پنهنجي ادا ساڻ پنڌ ۾ ٿي رهيو
پٿي نہ ڪنيپ سگهيو ڪو بہ مرد موسم جا
بهار ساڻ مسافر بهار جا نہ رهيا
خزان جي نانوَ کان پهريان جي آشنا نہ رهيا
سي هاڻ زرد خزائن جي وار ۾ آهن
حقير، نحس ورهاڱن جي ڄار ۾ آهن
بهار جن جي اکين کان ڪڏهن الوپ نہ هو.

## اهڃاڻ

ڇا هي مُنهنجي ڌرتي آهي.
جنهن تان آءُ ڏڪاڻل آهيان.
ست ڪروڙ ڪلاڪ پُراڻو
اُجرو آ اتهاس اسانجو
جيڪو احد جديد ۾ هاڻي
ڌارين جي يلغارن آڏو
پُوپاڙي جي پاڇن وانگي
ڏنڏلو بڻجي مٽجڻ تي آ.

ڪير اچي اهڃاڻ بچائي؟
تون ۽ مان تہ سُتا پيا آهيون
اُونده جو اتهاس ڏسي ٿو
تهذيبن جي سندرتا جو
ڄڻ ڪو چيڙو ٿيندو آهي.
جنهن کي ڪو بہ ''اناڙي'' آريو
پنهنجي پيرن ساڻ لتاڙي
اڳتي گذري ويندو آهي
سج وهائي رات جا پاڇا
ڪيڏو ڪارونڀار سجائي
اُونده کي اوڳاڇڻ وينا
ها پر تنهنجا جُگنو ڏيئا
ڏرتي تولاءِ هاڻ بہ ٻرندا
ڪوجهي ڪاريءَ ڏائڻ جهڙيءَ
رات جي ڪکُ ۾ ڪان کپائي
گهپ انڌيرو ڦاڙي وجهندا
جنهن مان اُجري باک اکين کي
هوريان هوريان ٺمڪائيندي.

ꕥ✦ꕥ

## اقبال جرم

جلن ٿا چرچ شعلن ۾
اسان جي تنگ دلي جي آڙ ۾ پلجي
گناهن جي جري پڙڪي پئي آهي
مندر، مسجد، ڪليسا، گردوارا سڀ
عبادتگاهه منهنجا آڳ جي نيشان تي آهن
سموري خلق جي احساس ۾ آڙاهه پلجن ٿا
اڀامن ٿيون ڀيانڪ خواهشون بدلي وٺڻ جون
جلن ٿيون مسجدون شدت پسندن جي دماغن ۾
مندر ڪي خوف جا شعلا جلائن ٿا
اسان جي ماٺيپي جي رک تي بيهي
ڪلي ٿو ڏند ٿيڙي ڏوهه جو راوڻ
اهو گهر ئي جلي ويو آ
جتي ڪنهن جرم جو اقبال ٿيندو هو.

## ٿلتيءَ مٿان چنڊ

چنڊ ٿلتيءَ جي مٿان آهہ اُپو
رات جا وار لڳن ٿا پورا
چشم بينا مان ٿميا جي ڳوڙها
ڪوئي اهڃاڻ بڻي ٿا ٿمڪن
اپ تي دور ستارن وانگي
مات جي چاٽ ۾ مستي ٿي ڇُلي
پنڊ پاهڻ تي لڳي پونءِ سڄي
ڪوئي آوازيا آواز جو پڙڪو ڪوئي
رات جي سانت کي چيري ٿو وڃهي
چڻ تہ مخدوم بلاول جي هڏن جا ٽڙڪا
مئل احساس جيئارڻ خاطر
جاڳ جو مينهن بڻي پونءِ تي برسيا آهن
درد هيڪاندو اڃهو ٿيڻو آ
ننڊ تي وار وڏو ٿيڻو آ
رات کي مات اوس ملڻي آ
چنڊ ٿلتيءَ جي مٿان آهہ اُپو.

## پهاڙن مان پڙلاوَ

رت ڪافي وهيل هو مگر خشڪ هو
ڪوڙ سارا ها پر، زخمَ تازا نہ ها
جسم جي جهنگ مان زندگيءَ جو پکي
ويو اُڏامي مگر جسم سرخاڪ هو
لاش ڪنهن جو هيو
ڪو سپاهي يا دهشت پسند ٿو لڳي
وقت جي جبر ۾
ويو ڇڏي روح ٻيي ساڻ هن جو مگر
آڱرين جي وڪڙ ۾ اجا ٻيي سندس
ساڳي بندوق هئي
جنهن جي ناليءَ جو ناهي پتو
ڪنهن جي ڪنهن جي لهوءَ ساڻ لبريز هئي
جهنگ پاسي مليل لاش جي آسپاس
لانگ بوٽن جا آواره نيشان ها
ڪئميرا جي اکين منجهہ فلمائجي
ڪنهن مُدلل ڪهاڻيءَ کي پاسي رکي
ڏند ڪرٽيندي۔سوچي صحافيءَ لکيو
روز ڏارين سان ڏرتيءَ ڏٺي ٿا وڙهن
۽ پهاڙن مان پڙلاوَ پيا ٿا اچن.

## گولي

گوليءَ کي ڪي اڪيون ناهن
منزل ناهي
ديس بہ ناهي، ويس بہ ناهي
گوليءَ کي ڪا ٻولي ناهي
عيد بہ ناهي، هولي ناهي
هن جي ڪائي ذات بہ ناهي
شام بہ ناهي، رات بہ ناهي
گوليءَ جي ڪا ساعت، ڪو بہ سويرو ناهي

ديد بہ ناهي، ديرو ناهي
گوليءَ جو ڪو پيءُ بہ ناهي، ڏاڏو ناهي
پنهنجو ڪيس پڙاڏو ناهي
گوليءَ جي تاريخ بہ ناهي
ڇهڪ ڀري چنگھاڙ بہ ناهي، چيخ بہ ناهي
گولي آ اوناڙ بگهڙ جي
گولي آ ڇهڪار ڪتي جي
گولي رت جي هولي آهي
آدم خور قهاري نظرون
۽ نظرن ۾ خون لهي پيل
رت جي پياسي ڏائڻ وانگي
گولي ڪنهن کي ڪونہ سڃاڻي
هر ڇهري ۾ خون تڪي ٿي
گولي ڪنهن کان ڪونہ مڙي ٿي
ناليءَ مان جا نڪتي گولي
ٻيهر ان ۾ ورڻي ناهي
گولي ڪنهن کان ٽرڻي ناهي
گولي ڪنهن کان ٽرڻي ناهي.

# وقت

وقت چڙ ٻي لغام گهوڙو آ
ڊوڙندو ٿو رهي بنا وقفي
ڪيترا ڪوهہ منزلون ڪيڏيون
دور راهن ۾ ئي چڙهي آيو
ڪنڌ موڙي نہ ٿو ڏسي پنتي
منهن لڪين ۾ ڪروڙين پيير سندس
گل، ميوا ۾ فصل ساه وندا
سمنڊ، صحرا، پهاڙ پَٽ، جهنگل
پنهنجي ڏن ۾ وڃي لتاڙيندو
ڪوئي هن جي لتاڙ کان نہ بچيو
ڪير آهي وجهي لغام ڪٽس؟
هن سڄيءَ ڪائنات ۾ ڪڏهين
ڪوبہ پيدا نہ شهسوار ٿيو
پاند جيڪو ڇڪي دهاني جا
وقت جي وهٽ تي ڪري سواري
ڄم ۾ موت جو وچون عرصو
وقت سان ڊوڙندي گذاري ڪو
آدمي ڪيترو بہ ڊوڙي پر
وقت جو پل اپل وڇوڙو آ
ڊوڙندو ٿو رهي بنان وقفي
وقت چڙ ٻي لغام گهوڙو آ.

## مان ٻہ تہ ننڊ ڪيان ٿو

مان ٻہ تہ ننڊ ڪيان ٿو پنهنجي
سرخ اکين جي صحرائن ۾
ڪو ٻہ ڪکر جت وسڻو ناهي
قاتل اکيون
جڻ ڪي جاڙيون پٿون آهن
پياسي رڻ جون
ٿوهر جهڙا سپنا جن ۾ روز ڦٽن ٿا روز سڪن ٿا
نٿهڻ اس ۾ ٻرندڙ واريءَ وانگر منهنجي جاڳ جلي پئي
واري وک جي واڳ جهلي پئي
وَرہَ وهاميا
منهنجي سوچن جو هي ساگر
گد گد گجندڙ ٿاڪ ڇڏي ويو
جن ۾ هاٿي رڻ گجي ٿو
مان ڪنهن واٿهڙوءَ جي اج ڪي ارپيل هڏ جو پيجرو آهيان
رڻ جي رويا ۾ جڻ ڪوئي ٻيڙو آهيان
ٻہ هيءَ واري جڻ ڪو گهرو ساگر آهي
چئني طرفن ڦهليل رڻ ۾
هر حسرت جڻ پٿر آهي
رڻ جهاڳڻ لئہ واءُ نہ واچوڙو ڪو ساٿي
واريءَ جو سنسار سمايو آشائن ۾
هاٿي هر پل ننڊ ڪيان ٿو
سرخ اکين جي صحرائن ۾.

## موت- 1

موت مهمان اوچتي وانگي
ڪير ڄاڻي تہ ڪنهن جي در پهچي
۽ ڪمهلو ڪڙي ڪي ڪڙڪائي
ڪير ڄاڻي تہ انت ڪان اڳ ۾
موت ڪان بي خبر ستل ماڻهو
ننڊ- ديوي جي ساهہ سان جڪڙيل
نرم آغوش جي اجالن ۾
خواب ڏسندو هجي جيا پيي جا

يا سر شام دور ساحل تي
ڪنهن پريوش جي پيار ۾ پاڳل
عمر ڀر جا عذاب ڪاٽيندي
شام جي رنگ ۾ خزان ڪي ڏسي
۽ بهارن ڏي سار ڦيرائي
نوٽ جيون جا ريگزار ڏسي
ٿڪ يادن جي پاند ۾ ويڙهي
اوچنگارون لڪائي ڇاتيءَ ۾
ڪير ڄاڻي ته ڪير ڇا سوچي؟
درد جا پل وصال جا لمحا
پيار جا گيت يا ڪي پوڄا جا
يا ڪيل اڻ ڪيل گناهه ڏسي
ڪير ڄاڻي ته ڪير ان لمحي
عڪس ڪهڙا ۽ ڪهڙيون تصويرون
ذهن جي آرسين ۾ سينگاري
موت مهمان اوچتي وانگي
ڪير ڄاڻي ته ڪنهن جي در پهچي!؟

## موت_ 2

موت ڪهڙي نئين قيامت آ
روز ماري ڪروڙ جيوَ پيو
ڪيس ازلئون اسان سڃاڻون ٿا
مونکي مارڻ جي لاءِ ٻي پيرو
جن ٻہ قاتل هٿن ۾ ڪيڏي ٿو
ڪل ڪهڙي غدار گيديءَ جي
سي ئي ان جو اڳيون شڪار هجن
موت کي موت ڏئي تڏهن سگهبو
موت جي خوف کي جڏهن ماريون
موت جن جو هٿيار آهي اڄ
تن ڏي تن جو هٿيار موٽايون
موت ڪهڙي نئين قيامت آ.

## رائيگان

اونده جون يلغارون هر سو حاوي آهن
گهپ انڌيرن جو پاليل هو ڪارو ڪتو
منهنجو لاش لڪڻ وينو آ
مان جڏهن ڪير قتل ڪنهن ڪنيءَ يا ڪينگر ۾
پنهنجي لئه پاراتو ٻڌجي
واه ڪپر تي هاريو ويو هان
ڪير پويتر آهي ازل کان
پر سياست جي ڪاري ڪني
کهتا ڪينگر
تنهنجو پيٽ پويتر ناهي
اونده جي گند ڪچري وارن ڍيرن تي
عمر گذاريندڙ هر ڪارو ڪتو توکي نوسيندو آ
مان تہ دراوڙ کان بہ اڳي جو ڌرتيءَ واسي

جنهنجي رڳ رڳ ۾ آريائي
رت جي هڪڙي بوند نہ ڪائي
روح اڇوءِ روشن سپنا
سوچن منجهہ سفيديون ڪيئي
پنهنجي نظرن ۾ پنهنجوئي پاليل سورج
ڪهڙي ساگر ۾ ٻوڙيان مان
تاريڪين جا ٻار حرامي
آخر تنهنجي انڌ جي گهوڙن جون يلغارون
ڪهڙيءَ صفبنديءَ پنهنجيءَ سان
ڪهڙي پل ۾ توڙيان مان ؟
ڪارمنهين اونداهي دنيا
تو لئہ روشن سوچ رکي مون
ڇا تہ لڱن ۾ لوچ رکي مون
مون ويساه جا ڪوڙ ڪبوتر
ڪرٽي ڪرٽي ڪي ٻُولهڻ جي لاءِ اڏايا
۽ تو منهنجا ساهہ اڏايا
ڪارمنهين اونداهي دنيا جي ڪنهن ڪنڊ ۾
گهپ انڌيرن جو پاليل هو ڪارو ڪتو
منهنجو لاش لڪڻ وينو آ
جڻ مان ڪير ڪريل جيئن آهيان.

ೋ✦ೋ

# ڪتو

ڪتي جون خوبيون ڪيئي
نهايت قيمتي ڪنهن ٽانوجي بدران
ڪتو چٽ ۾ لَڪيندو آ
چٽيندو آ ٽڪون اُلٽيون
پيگل سيڪيل يا اوباريل
يا مورئون ٻاڦ تي ٻڱاريل
ٻڪر جي گوشت جي بدران
هڏا ڪرٽي سدائين راضي رهندو آ
ڪِري هٿ مان ٽڪر يا ڪو سڙيل ٽڪرو
ڪنو ڪوري ڪجي ٻاهر
چباڙيل ڪو گرهُ، جي قئي ڪري ڪيجي
ڪتي جي عيد ٿي ويندي
وجاءِ چپٽي يا ٻچڪر ڏي
ڪتو پڇ جي جهنڊي لوڏي
اڪيون ۾ نڪ گسائيدي
زبان چپ سان چٽي جوتا
وڃي مالڪ جي پيرن تي هو ڪرندو آ
انهيءَ فطري مزوريءَ جو
ڪتي لئہ معاوضو چاهي
فقط ٻچڪر ٻہ ٽي پوندا
هڏا الٽيون سڪل ٽڪرا ڪي مانيءَ جا
مگر مالڪ جي مرضيءَ سان
ڪتي جي لنئون لڱل آهي

سندس بچ تي وڙهي پونڪي ۽ باهي ٿو
ڳلي جي چور يا هاري مزورن کي
پڙهيل ۽ اڻپڙهيل پينو فقيرن، پير، مرشد، مولويءَ ڪنهن
مانَ واري کي
سڃاڻي ڪونہ ٿو ڪتو
سين تي هڪ ڪرو پونڪي
رهي ٿو منتظر هر وقت مالڪ جي اشاري جو
بڇڻ تي ڏند ڪڙڪائي
اکين ۾ رت ٿو آڻي،
وهائي گگ واڇن مان
تکيون ڏاڻون گسائي پنهنجي ڏاڻن سان
وٺي جو ڊوڙ پائي سامهون ايندڙيا ويندڙ
ڪو نہ ڪو مزدور يا هاري
پڙهيل ڪو ماستر مرشد صحافي يا ڪو گهورارو
ڪتي جي وحشتن ۽ دهشتن جي ور چڙهي آخر
گهٽيون ۽ ڳوٺ جا چارا
شهر جا روڊ، رجواڙا
ڪتي جي جوءِ ساريءَ جا
سيئي ميدان ۽ پارڪ
ڪڏهن پلجي مٽڻ جي لئہ نہ سوچيندا
ڪتو پهتو تہ ڏاڙهيندو
پڇڻ سان بوٽ ۽ پٽڪا لهي پوندا
ڪتي جون کوڙ خوبيون هن
مگر مالڪ جي مرضيء لئہ
ٿئي ڪيڏو ڪميڻو ٿو.

☙✦❧

## گهر جا ڪتا

گهر جا پاليل ڪتا پنهنجا وحشي ڏند ڪيڍي ٻاهر ٽا
ڏاٽ لڳو ٽن رت پنهنجن جو
کهڙيون نيٺ ستيون ۽ ڦڪيون
روڳ گهٽائن پاڳلپن جو
هو خنزير پرائو آ پر
هي سڀ ڪتا پنهنجا آهن
سوئر هيبتناڪ ڏسي جي
پڇ ٽنگن جي وچ ۾ موڙي موٽن ٽا
وحشي سڀ خنزير ڪتن تي گتڪن ٽا
۽ هي لوسي
پنهنجي گهر ۾
پنهنجيءَ ئي ڏر منجهه لڪن ٽا
وقت ڳري ٿو خوف ٽري ٿو
گهر جا پاليل ڪتا پنهنجا
وحشي ڏند ڪيڍي ٻاهر ٽا
ڏاٽ لڳو ٽن رت ٻچن جو
کهڙيون نيٺ ستيون ۽ ڦڪيون
روڳ گهٽائن پاڳلپن جو.

## وصيت

بهار جي پوياڙيءَ ۾
جڏهن سج
چرپيليءَ جي رسم نڀائيندي
ٽانڊن تي پير ڏئي هلڻ لڳي
ٻاڦ پاڻيءَ جا موتي چنڊ جي جنون ۾
پنهنجو وجود وڃائڻ واري هجي
۽ برف پنهنجي هڏ ۽ ماس کي
بيرنگ رت ۾ تبديل ڪري ڳرڻ شروع ڪري
تہ پڪ سان اها وڇوڙي جي مند هوندي
مان اهڙي مند ۾ مرڻ پسند ڪندس
اها وصيت ڪندي تہ
منهنجي مرڻ کان پوءِ
منهنجي ميت کي
نديءَ جي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ کان پهريان واري
آخري پل تان
درياهہ ۾ اڇلايو وڃي

چو تہ مان زندگيءَ سان پيار ڪندڙ
هڪ بزدل شخص آهيان
ان ڪري
مان پنهنجي محبوبہ سان
مئي، جيئري گڏ رهڻ جو واعدو
نڀائي ڪونہ سگهيس
وڇوڙي ۾ ئي وصال هوندو آهي
منهنجي مرڻ ويل
برف رجڻ جي مند ۾
مٿان منهنجي محبوبہ
نديءَ جي آخري پل وٽان گذرندي هجي
جيڪا
چار ڏهاڪا اڳ
پنهنجو هٿ منهنجي هٿ ۾ ڏئي
برفاني چوٽي پار ڪرڻ جي خواهش دل ۾ سانڍي
ڪروڙين ٽن برف جي تهن هيٺان دٻجي ويئي هئي
۽ مان
پنهنجو واعدو نڀائڻ بدران
سندس بدن مٿان ٿانيڪي ٿيل برف تان ترڪندو
زندگي جي پيرن ۾ اچي ڪريو هوس.

## نواڻ

روز چوي دل ڳول نئون ڪجھ
ڇا ڇا روز نئون مان ڳولهيان
منهنجي نانوَ قبيلي سان گڏ
منهنجي پيءُ جو نالو ساڳيو
ڄمڻ جي تاريخ بہ ساڳي
ممتا، پيار حوالو ساڳيو
ساڳي ڌرتي، ٻولي، رسمون
موسم، اس، جهڙالو ساڳيو
ساڳيو نڪ ۽ پيٽ بہ ساڳيو
ساڳيون ڪتيون، ڇيٽ بہ ساڳيو
ساڳيو منهنجو چهرو صورت
نقشو سالئون سال بہ ساڳيو
پر ڇهري ۾ گهنج پون ٿا
نقشي ۾ ڪا ڊاٺ بہ ٿئي ٿي
موسم پنهنجو ڦيرو پائي
هڪ گذري ٿي ٻي پهچي ٿي
ممتا پنهنجو جسم مٽائي
منهنجي زال ۾ ظاهر ٿي آ
پنهنجي ٻارن جي صورت ۾
ساڳي ممتا ساڻ ملان ٿو
امڙ بدران ڏيءُ ننڍي کي
امڙ ڪوٺي سڏ ڪيان ٿو

منهنجي پيءُ جي نالي بدران
در تي منهنجو نالو آهي
تختي مان تہ قبيلو گم آ
عهدو هاڻ حوالو آهي
جيون هڪڙو گول چڪر آ
جنهن ۾ چا نہ پراڻو آهي
عمر گول چڪر ۾ ڦرندي
جيون نئون ڪجهہ ڳولهيندو آ
مان بہ نئون ڪجهہ ڳوليان ويٺو
سڀ پراڻ ڦٿوليان ويٺو
مان جيون جو پوڙهو ساگر
پنهنجي اندر ۾ جهاڳيان ٿو
ءِ ڌرتي کان اڀ جا رستا
روز تخيل سان ماپيان ٿو
پنهنجو پاڻ دريافت ڪريان ٿو
سڀ مانداڻ دريافت ڪريان ٿو
هونءُ تہ سڀ پراڻو آهي
پر مان ان مان ڳجهہ چونديان ٿو
ڳولا_پنڌ قديمي آ پر
ڳولا جو احساس نئون آ
آءُ بہ ساڳيو ماڻهو آهيان
پر منهنجو وشواس نئون آ
روز چوي دل ڳول نئون ڪجهہ

## شاعري۔ 1

ڪھڙي ڪم جي شاعري آ
روحَ جا احساس الٽا ٽي ڪري
نانگ جا ڪنڍا نگاهن ۾ چُڀين
لوڻ لڙڪن جو لڳڻ سان
گهاوَ نيڻن جا ڪرن ٿا
درد اوتيان ٿو پني تي
۽ ستون ڪي سال صديون ڏنڀ ڏينديون ٿيون رهن
ياد پل ميسارجي پر شاعريءَ جو لفظ لفظ
پنهنجي حصي جي سموريءَ پيڙ جو تاثير منهنجي
ذهن ۾ هاري رهيو آ
هر خوشيءَ تي آ خزان جي مند ڇانيل
درد ڏڏڪاري ر هيو آ
لفظ ناهن زخم آهن
ڪاغذن جي ترڪشن مان تير ٿي مون تي وسن ٿا
ذهن مان جيڪي اپاميون
درد ڪي هلڪو ڪرڻ جي لئہ ستون
تن جي هرهڪ ماترا ۾
هانءُ چيريندڙ چري آ
ڪھڙي ڪم جي شاعري آ.

## شاعري- 2

ڪير آهي نظم تنهنجو
۽ سڻن جي قوم ڪهڙي
لفظ ڪهڙي رنگ جا
نسل جملن جو بہ ڏَس
ذات ڇا ويچار جي آ؟
سوچ تنهنجي
ڪهڙي پاڙي سان ملي ٿي؟
مادري ٻولي خيالن جي پلا ڪهڙي اٿئي؟
تو لکڻ جو ڍنگ آ ڪهڙي سپيتا مان ڪنيو
نظم جي ڇا ڇا سڄاڻپ ٿو رکين؟
قوم ۽ تهذيب پاڙو
ذات ۽ رسمون رواج
ڇو ملئي ڪنهن سان نہ ٿو؟
پڪ سان تون ڪو وڏو باغي لڳين ٿو
وٽ سزا ۾ هي اڪيلائي جو طوق
ڪر پلي پورو بغاوت جو جنون.

☙✦❧

## اوجاڳو

نديءَ ڪناري ڇانو ڇمونءَ جي
ٽڪريءَ جي دامن ۾ دريا
ساري وادي سونهن ـ نَگرُ آ
سونَ سنواري پرجا آهي
راجا آهي
راجا وٽ جو لشڪر آهي
ڏيهان ڏيهه سندس ڏر آهي
آن ۽ سپاهي
ڌرتيءَ جي دنگن جو واهي
ساري پرجا سک ستل آ
پر لشڪر جي ننڊ ڦٽل آ
پار نديءَ جي هل هلاچو
ويري لشڪر ڪاهي آيو
ماڻهن ڇرڪي دانهن ڪئي آ
گهوڙا گهوڙا راجا راجا!!

مان بہ اٿان ٿو
پنهنجن ساٿين ساڻ ٻڪان ٿو
تلوارن جو جهنگ لتاڙي
وار ڪيان ٿو
وار سهان ٿو
عضوو عضوو رت رتوڙيو
ننڍ وڪوڙيو
ڌرتي ڪيڏا سڏ ڪري ٿي
ننڍ ڦٽي ٿي
ٽڪريءَ جي دامن ۾ دريا
نديءَ ڪناري ڇانو ڄمونءَ جي
نم تي ڪانويلي جي ڪان ڪان
ڪن وڄن ٿا
راجا راجا!!
ڪان ڪان ڪان ڪان
راجا راجا!!
ڌرتي ڪيڏي مٺجي وئي آ
ليڪن سڏ تہ ساڳيو آهي
ڪيڏا جڳ ستو آهيان پر
اکڙين ڪي اوجاڳو آهي.

# ڪجين جي شهر جي ڇوڪري

ٻڌو آ شهر تنهنجي ۾
ڪجين پويان
لهي ٿو سج راسون تي
سپئي واٽون اجا ساڪي
محبت جون
محبت مير نازڻ جي
ڳٽا آهي
رهيا جنهن ۾ سمورا باب باليءَ جا
محبت تند جهڙي آ
رهيا تنهن تند تي مضراب باليءَ جا
محبت جا رڪي ناهي
ڊڪي ٿي ريل گاڏي جئن
زمانن کان
ايامن کان
انهيءَ جي ڪوڪ نندڪي پنيءَ واري پِنل ويلي
سماعت ۾ ٻُري هوندءِ!
پرهہ جي ماڪ ۾ وهنجي
نشيلي هير سا هلڪي رَلي هوندءِ
غزل تنوير جو جنهن ۾
ٽڙيو هوندو ٽِي ڳاڙهو گل، خوشبو سا

تعارف تَر سندو هوندي
اڙي جانان! انوکي اپسرا آهين
اٿي تون ڪوٽ ڏيجيءَ کان
سچل جي ديس جي ٿِي سونهن
تنهن جو تون عجب سينگار ٿِي آهين
صدين کان سوچ ۾ ساري
ٻڌل هن ڏيهه لئہ سهڻي
نئون اسرار ٿِي آهين
نئون چوٻول ٿِي آهين
ڀلا روڪيون تہ ڀنهنجو پاڻ کي
ڪيڏو اجا روڪيون
ادائون تنهنجي جوڀن جي
سراپا مست شوخيءَ جون
اسان جي آتما جي انت ۾
ڀيهي ويون آهن
هلي آ چلولي موسم
وڃي ٿي بي چئي ٿيندي
هلي آ ناوَ جوڀن جي
وڃي ٿي پار ڏوڪيندي
هلي آ تون هلي جانان!
وهي آ هيڪلي جانان!

## ڊجيٽل دور جا ٻار

”سرمد“ کي ڪپي ٽي، ٻي پيرڻُ پَشم جِي
”ليزا“ ٽِي چوي:
”ٻيو پاءُ هجي ها، اپ_ نير اڪين سان،
هر وقت لڳي جئن آڪاش جيان گهر“
ليزا جي مما ٽِي، حيرت جو سمندر:
”معصوم سَڌُن جي پرواز ڪٿي آ!
ٽا چنڊ نہ چاهن نئين ”ايج“ جا ٻچڙا
پوپٽ جي پنيان هُو، ڪا ڊوڙ نہ ڊوڙن
”ٽِبليٽ“ هٿن ۾، ٽا ڪار ڊُڪائن

رانديون نہ مٽيءَ سان، ڪنهن ريت رهن ٿا،
رنگين قلم هُو ٿا فرشِ پڪيڙن
پيزا ۾ پني تي، بس رنگ ڀرن ٿا
نيرن تي مکڻ جو، آهي نہ تصور
ڪائن ٿا مگر هو ”ميگي“ کي مزي سان
جي گيت ڪهاڻيون، ٻارن لئہ سرجيا
ويسر جي ٿَري ۾، ڪيڏا نہ هليا ويا
ڪوپا هو ڳنن تي، بس چاڙهي نچن ٿا
”پيٽي شڪلا“ جا، هُو ”سانگ“ ٻُڌن ٿا
ايجاد جي آنڌي
فطرت جو توازن برباد ڪري وئي
ٻارن ۾ بلوغت عمرين ڪان اڳي آ
ٿِي مهڪَ نہ مَوهِن، معصوم ادائون
هِي دور ڊجيٽل قدرن تي هلي ٿو
معصوم رهيا ڪٿ هي ٻار اڄوڪا!؟

## بي چيو چاهه

ڪي زمانا ٿيا چري دل جي
بي چئي چاهه کي سنڀاليندي
آس جا رڻ ڳئي رليو آهيان
تنهنجي هٺ ۽ غرور جي آڏو
لال ماڻڪ سندم وفائن جا
مون هٿن ۾ ڪٺي رلايا ها
ڪاش تون ڪنهن گهڙيءَ وٺين هان جي
آس بس آس ئي رهي منهنجي
تنهنجي مرجان مک جي چاهت ۾
عڪس نيڻن نہ ڪو بہ چورايو
پيار منهنجي جو هر ملوڪ پهر
سوچ تنهنجيءَ سدائين ساڙيو آ
وقت ڪيڏو تپي رهيو آهي
برف نيڻن جي روز پگهري ٿي
پيار تنهنجي جو بي رخو ئي سهي
ڪوبہ لمحو نهار جي بارش
ڪا ڦڪي مرڪ شام جي ويلي
ڪو ٿڌو ساهه رات جي رڻ ۾
منهنجي وس ۾ نہ آ وٺڻ ممڪن
دلربا پو بہ آس جي اس ۾
دل اجا يي سڙي رهي آهي
بي چئي چاهه کي سنڀالڻ لئہ
عمر ڪيڏي نہ ٿورڙي آهي.

## ورهاڱو

ننڍَ آڪاش کي پَريو پاڪر
سپ ستارا بہ ڪيپ ۾ ڪيرا
رولُ مدمست واءَ جو جهوٽو
چلولايون سيئي چڙي بہ چڪو
زلف تنهنجا اڏي پيا ٽڪجي
پيار جي ڳالهہ پر ڪُٽي ناهي

زندگي وقت جي ڳجاون تي
درد جا قافلا ڪٽي آئي
غم رڳو پيار ڪين ارپيا ها
بي بہ دل کي سزا گهٽي آئي

دردِ دوران ۽ دردِ جانان کي
مون سدائين شعور ۾ پاليو
پنهنجي محروم آرزوئن جو
گهاءُ پنهنجي ئي گهُور ۾ پاليو

بک، اوگهڙ، نياڳ، ناداري
سخت محنت سَجيهُہ بيماري
جنگ جنتا جِي پيٽ ساڻ رڳو
ڏيهہ ئي ڏوجهرا ڏُکٽهارِي

ديس ۾ پيٽ پئي نهوڙي ننڊ
عشق تنهنجو ٻہ خواب جهڙو هو
مقتلن سان هيون سجيل راهون
پيار خوشبو شراب جهڙو هو

اڄ تنهنجو ۽ اڄ زماني جو
تون حصيدار جئن رهي نہ سگهينءَ!
مان تہ ونڊبو رهيس وفائن ۾
تون ورهاڱو اهو سهي نہ سگهينءَ!

ڪئن هلي وئينءَ ٻئي حصا اڇلي
پاڻ ڪان مان سميٽجي نہ سگهيس
آس تنهنجي نہ دل منجهان نڪتي
مان سڄو ٽي زماني جو نہ سگهيس

منهنجو آدرش ساپيا نہ ٿيو
جيڪو منهنجي شعور چاهيو پي
عشق ناسور جئن اجا تائين
منهنجو پرندڙ وجود ڍاهيو پي

جاڳ تي ننڊ جي ٿي ماڪ وسي
پيار تي ڏنڏ جو وسيرو آ
درد جو آسمان جاڳي ٿو
هاڻ هر عڪس تي انڌيرو آ.

## هرڻ_اکي

اي عشقَ_ ڏنگِي اڄُ، اي نانگَ_ ککي آ
اي هرڻَ_ اکي آ!
اي هرڻَ_ اَکِي آ!
هو انبُ تہ ٻُوريو،
جوڀن ٻہ انگُوريو،
کا لڄ کٽي اڄ کجھہ لِڪهَہ رکي آ
اي هرڻَ_ اکي !
اي هرڻَ_ اَکِي آ!
اڀ تان نہ ملي ٿِي،
هيءَ ذات متيءَ جِي

ڪجهہ چپَ چَڪِي وڄُ، ڪي چاهَہ چَڪِي آ
اي هرڻَ _ اڪي!
اي هرڻَ _ اَڪِي آ!
سنسار گهمي دل!
چئہ چا ڪبو حاصل؟
هڪُ پيارُ امرُ ٻِي، هر ڳالهہ يَخِي آ
اي هرڻَ _ اڪي !
اي هرڻَ _ اَڪِي آ!
ادراڪ قلندر،
ٻِي تلخ سمندر
ڏي موتَ مٿَي جِي، ڪيڏو نہ سَخِي آ!
اي هرڻَ _ اڪي!
اي هرڻَ _ اَڪِي آ!
جا ساهَہ سمائِي
ڪيڏي نہ سجائي!
سپنن اُها خوشبو سارن کي! مَڪِي آ
اي هرڻَ _ اڪي!
اي هرڻَ _ اَڪِي آ!

## وڇوڙو

وجهو ٿا درد ڏيو الوداع ڪلي تہ ڪيو
ڏکي آ رات وڇوڙي جي عمر جي بن ۾
اڏايو پاند عطا جا رڱن ۾ روح وڃي
ڪلو تہ درد جي رخ تي گلاب ـــ ريک سَجي
اوهان جي مرڪ اسان جي اداس جيون ۾
نفيس آس جا موتيا گلاب پوکيندي
اڪيون ڪٺو تہ اسان جا گناهہ معاف ٿين
خدا حضورِ بندي جا حساب صاف ٿين
جلي نہ روح ڏيئو تي پراڻي مندر جو
ڪيو ڪٺي بہ ڪيو خيال پنهنجي شاعر جو
وجهو ٿا درد ڏيو الوداع ڪلي تہ ڪيو
پتو نہ آهہ وڇوڙو طويل ٿي بہ وڃي
ڏيئو اميد جو آخر ٻري اجهي بہ وڃي
پهاڄ رات جو گهيرو اچا وڏي بہ وڃي
حيات موت جو جهڳڙو ڇڙي نپي بہ وڃي.

## خودڪلامي

ڪير آهين؟
هن ڪمهلي وقت آخر ڪير هي ڪڙڪڙ ڪري ٿو
جو انڌيرن ۾ ستل همزاد منهنجو
سانت ۾ پڙپڙ ڪري ٿو
ڪير آهين
تون تہ منهنجي زال آهين
منهنجي ٻارن ڪي سنڀالڻ لاءِ هڪ آيا بہ آهين
صاف سٿرو گهر رکڻ جي لاءِ هڪڙي نوڪرياڻي

پئنٽ، شرٽون، چادرون ڏئندڙ فريءَ جي ڏوپياٽي
منهنجي گهر لئہ مفت جي ڪا بورچياٽي
تو ڪڏهن سوچيو تہ توکي ٻي زماني سان ملائي وک
هلڻ گهر جي
يا ڪيئي ڪوشش پکين سان گڏ اڏڻ جي
ماسٽر ڊگري رکين ٿي پوءِ بہ ڇو؟
تو پڙهيل هوندي بہ پنهنجي لئہ خريديو قيد خانو
سچ چڏي تو جڻ سيپيتا مان کنيو آهي فسانو
تون ڀلي منهنجي اڪيلائيءَ جي ساٿياڻي نہ ٿيءُ
مون جڏهن پئي رات جي اونداهہ ۾
ڪا ايامن جي اڪيلائي سٺي
درد _ڏاهپ جا پئي پيتم چڪايل وہ وٽا
تو ڪئي پئي ننڊ پنهنجي ڏينهن جا سارا خفا ٻيهار
ورجائڻ جي لئہ
آءُ جاڻان
تون تہ منهنجي ٻول جي ڏاڍي ٻڏل آن
ڀل نہ پنڇين سان اڏڻ چاهين مگر
ڪيئن پڃري ۾ رواجن جي رهين ٿي؟
زندگانيءَ جا ستم سانده سهين ٿي؟

ﮫ✦ﮬ

## روئڻ جي ريت

سمورو علم، دانش، فلسفا ۽ ذهن جي موڙي
رنل محبوب سان سرچاءَ ۾ ناڪام ٿيا آهن
بنهه بدنام ٿيا آهن
رپئي تي، ڊالرن تي يا نه يورو تي ريالن تي ؟
رسڻ واري ڇڏي ڪاوڙ
ڊجيٽل دور جي سيڙپ سندو ڪهڙو سڪو آهي؟
خريديان مان خوشي جنهن سان
سنڌ پرچاءَ لئه پنهنجو ڪيان قربان انگ ڪهڙو
لڳي ٿو لڙڪ ئي تنهنجي
غصي جي باه ۾ پنهنجو بدن ساڙي
وسائيندا
لڳي ٿو ريت روئڻ جي ملي جيڪا پٿائيءَ کان
اهائي ڪارگر آهي
سمورو علم دانش فلسفا ۽ ذهن جي موڙي
به ڪنهن پل بي اثر آهي.

# هنگر اسٽرائيڪس

ميڙي چونڊي ڦري وتئي ساري
آنءُ راضي رهيس رضائن تي
منهنجي ادراڪ کي ڏنئي لوڙهو
مون مزوري ڪئي جيئڻ خاطر
منهنجي اتهاس کي تو ميساريو
مون گرا ۽ گنجا قبول ڪيا
منهنجي تهذيب تي مليئي ڪارنهن
مون سا ڏوتي اکين جي ڳوڙهن سان
نيٺ فتحن جي هوڏ کان ٻاهر
زور، زر جي نشي منجهان نڪري
منهنجي غيض و غضب جي سامهون ٿي
مون کان مانيءَ ڳڀيو ڦرڻ وارا
خوف ڪر هاڻ مان بکيو آهيان
تنهنجي سفاڪ سوچ جي آڏو
مان ازل کان ٻريو دکيو آهيان.

## نئين پُڪار

ضميرن جي سجاڳيءَ لئہ سمو ھي سازگار آھي
عجب ٿيو انت ساري سرشتيءَ ۾ آمرن جو آ
ايوب ۽ اسڪندر مرزا ۽ يحيا، ضيا، مشرف
پنوشي، پالپوٽ، ھٽلر يا موغابي ۽ موبوٽو
مسوليني، قذافي، لوممبا، صدام يا ايدي
سڀن جو انت ساڳيو آ
”اڪيلائي سجائي فائرنگ اسڪواڊ يا ڦاسي“
ڀيانڪ قيد جي اونده وطن کان ڀاڄ مفروري
سڀن جي انت جا محدود ساڳيا دائرا آھن
اٿو ناياب ٿي ويل نظريو ڳوليون
اھنسا ۽ امن عالم
سموري ڌرتي جي ھر آدميءَ جي ذات جي ترقي
بقا باھم ۽ اتحاد انساني
نڪا قوميت نڪا ٻولي
نہ ئي ڪي سرحدون ڪنھن جاگرافيءَ جي لڪيرن جون
نسل ۽ رنگ يا مذھب
سڀئي ويڇا وڌائڻ جو سبب آھن
ڳنڍي ٿو درد جو رشتو
سموري ڌرتي جي مظلوم ۽ محڪوم طبقي کي
اٿو ناياب ٿي ويل نظريو ڳوليون
دجالن جي دلين ۾ تا ڏسون اڄ انتشار آھي
ضميرن جي سجاڳي لئہ سمو ھي سازگار آھي.

## سفاڪ عهد

**شهيد محترما بينظير ڀٽو**
**جي شهادت جي نسبت سان**

سفاڪ عهد ۾ هڪڙو نياڳ جو لمحو
انيڪ ”ياڳ جي سالن“ تي ٿي پيو حاوي
غريب ديس جي پُرخواب آس جو تارو
ڪري پيو جو اُمالڪ بليڪ هول مٿان
اٿيو شعاع ڪو لحظو ۽ پوءِ تاريڪي
ڳِهي ڳِهي بہ وئي دل جي هر سويري ڪي
چٽي پيو وقت سندم آگرين جي سيرن مان
اڏاٽو ياڳ هٿن جيِ ائين لڪيرن مان
نہ پنهنجو نانءُ رهيو ۽ نہ ڪا سڃاڻ رهي
غريب ديس ڪي قسمت سندي نہ ڄاڻ رهي
حسين خواب هو ساڀيا ڪان ڇڄ ٿيو ڪاٽا
سفاڪ عهد وڏو امتحان ورتو آ
اسان ڪان ڀونءِ ڪسي آسمان ورتو آ
اجاڙ خواب هزارين دماغ ۾ سانڍي
لڪي ٿو درد شهيدن جي خون سان راوي
سفاڪ عهد ۾ هڪڙو نياڳ جو لمحو
انيڪ ”ياڳ جي سالن“ تي ٿي پيو حاوي.

## طويل ساعتون

### شهيد بينظير ڀٽو جي شهادت وقت لکيل

طويل ساعتون ويتر وڏي طويل ٿيون
ڪُٺو نہ پنڌ صدين جو صدين پڇاڙان پِي
ڏکن جي راهہ اپاڳي وِچي ڏِگهي ٿيندي
جُڳن ڪان پل بہ اسان کي قرار ڪونہ مليو
الائي دور ڳَتيا ڪيترا عذابن ۾
پهاڙ جُهد جا ۽ سمنڊُ رت جا اورانگهي
وهائي خون جا ڳوڙها انيڪ پيڙهين ڪان
هزار سال اگهاڙي عذاب جا ڪاٽي
رسيو آ درد اچي عهد نو جي چانئٺ تي
اجا بہ پنڌ لڳي ٿو وڏي ڪا شامت آ
اجا بہ دور نئون درد جي علامت آ
مگر اميد جو ڪرڻو اجا سلامت آ
وراءِ واڳ متان خواب ڪٿ رُلي نہ پون
طويل ساعتون ويتر طويل ٿي نہ پون.

## لهوءَ جي سرخ لالائي

چڇوري، چلولي، چالاڪ، چنچل ٻار جيئن جهوٽو
صبح جي هير جو ويڙهي ڀني خوشبو
اجالو باک جو پنهنجي پلاندن ۾
پُڳو آهي نئين ديري جي پرسان آجپي جي راهہ ۾
قربان ٿيل چٽئي شهيدن جي مزارن تي
سراپا خون ۾ لت پت مگر
تاريخ ۾ هڪ ڏينهن ايندو جو
هنن جو رت ڌرتي جي اجارن برپٽن تي
مينهن جان برسي اپائيندو
اڇا سڪ ساهہ جا موتيا
مٽيءَ جي سرخ سيني تي
شهيدن جي وهايل رت ۾ ٻاڙهو
ڦلي اپريو نہ آ سورج
مگر بدڪارءِ باسي ڀيانڪ رات پوري ٿي
ڦٽن ٿا باک جا ڪيئي ٽڏا ڪرٽا
پڳو آرس، دلين ۾ دفن ٿي ويل آجپي جي آسوند نغمن
سندوري زرد موسم جي پڄاڻان گونج نڪرن ٿا
بهارون شال پنهنجي ڀاڳ جي آڳنڌ ۾ پلجن
ندوري رات مان بي داغ روشن صبح مرڪي پئي
ايامن ڪان ڏنل بي انت پنهنجا خواب
تعبيرون ڪٽي مرڪن
اسان جي پينگ ٿي ويل ڀاڳ جي بيرنگ چهرون مان
پوي اپري شهيدن جي لهوءَ جي سرخ لالائي.

## ڪارنهن جي تلوار

ڪارنهن جي تلوار ٽنگيل آ
سارو شهر جنوني آهي
نظرن تي پهرا پيا آهن
نظر نظر ڪا خوني آهي

ورجي پاسي ويٺل وينگس
نَوَ نَوَ پيرا نيڻ کٽي ٿي
پهرا برج بندوقون چوڌس
هيءَ پهرن تي وار ڪري ٿي

وحشي رسمن جو ڏر دل جي
رقص مٿان زنجير نہ وجهندو
قاتل ڪنڌ تي ڪاتي ڦيري
پر جذبن کي سير نہ وجهندو

گوري پنهنجا نيڻ نہ کٽجانءِ
نيڻن جي مسڪار اجل آ
سارو شهر جنوني آهي
ڪارنهن جي تلوار ٽنگيل آ.

## هڪ ٻيو اولهه

اولهه
جنهن کي اسان سجدا ڪندا آهيون
ان کان اڳتي بہ ٻيو اولهہ آهي
لڳ ڀڳ سموري دنيا جي سياست جو مرڪز
جتي ٻارن کي
بنياد پرستي جي مم کان
ڏيڇاريو ويندو آهي
سندن ئي پاليل نپايل مم
جتي گهرن ۾
اوپر جي اونداهين ڪوئلي جي ڪاٽن
جي جوت جلي ٿي
۽ رڳن ۾ وچ اوپر جو پيٽرول گردش ڪندو آهي
جينز جي پينٽن ۾
ڏکڻ ايشيا جي ڪپھ ۽ پگهر شامل آهي
جتي ٻين کي جنگ ۾ مصروف رکي
پاڻ سڪون جي ننڊ سمهڻ جي تصور کان وڏيڪ
پرائي باھ ۾ جلڻ جو خوف اڏامي رهيو آهي
جتان جي ريسرچ ادارن مان
دنيا جي اوائلي تاريخ تي لڳندڙ نپو
نئين دور ۾ پراڻي داداگيري ڪندو آهي
اسان جي اولهہ کان بہ اڳتي
هڪ ٻيو اولهہ.

## اڏامندڙ چمي

تون ڏاڍو نفيس آهين
۽ رنگ تنهنجي ذات جا ٻڌا ٻانهان
تنهنجو جنم
باک ڦٽيءَ ويل گلشن جي رنگين نفاستن وچ ۾ ٿيو هو
تو مني پاٽيءَ جي نديءَ ڪناري عمر گذاري آهي
تڏهن ته
توکي هڪ اڏامندڙ چمي به پڄائي آلو ڪري سگهي ٿي
پر مان رنگن سان دور جي اٽلڪي رفاقت رکان ٿو
۽ منهنجي اکين ۾ فقط
بي رنگ خشڪ سالي ئي پلبي ۽ وڌي ٿيندي رهي آهي
منهنجا چپ ڪنهن نرم ڳل تي
آلي چمي نه ٿا ڏئي سگهن
اهي خشڪ آهن
صدين جي اڄ کان اجهاٽل
چو ته آءٌ واريءَ ۾ وسرام ڪندڙ
صحراءِ ٿر جو ڄائو
هڪ ٿوهر آهيان.

⁂

سائين امر فياض جي پوسٽ تي ڪمينٽ ۾ لکيل چند اندر مان اڀامي نڪتل سٽون

## آزاد انسان

هي گونگن ۽ ٻوڙن جي وستي ٿي سڏجي
انڌن جيئن ٿا آدمي جت گذارن
ڪنن ۾ ڪتارون-چپن منجهه چپرون
زبانن تي زنجير پائي گهمن ٿا
اُچا ڪوڙ اظهار کي قيد ڪن ٿا
۽ سنگهرون، صدائن کي روڪي سگهن ٿيون
ڪڙين ڪلفڙن قيد جي رڃ راتين
بغاوت جي ٻورن سَلن کي بہ ساڙيو
صدا عرش تائين نہ پهتي
نہ ئي گهنڊ وڄائي سگهي آسمان جا
مگر ڪيستائين هي ڍورن جيان جيئڻ
حياتي گذارڻ جو مفهوم رهندو
ازل کان هي آزاد انسان ڪيسين
زمين جي خُدائن جو محڪوم رهندو!
هي گونگن ۽ ٻوڙن جي ڌرتي نہ آهي...

## وقت کان اڳ ۾

مان جڏهن ٻاراٽي چوليءَ ۾ هوس
تہ منهنجي آسپاس جي ڳوٺن ۾
سول ڪپڙن واري پوليس جا ريڊ ٿيندا هئا
گرفتاريون ٿينديون هيون پر ظاهر نہ
عدالتن ۾ جمع ٿيندا هئا قسم نامہ
ڪابہ گرفتاري نہ ٿيڻ جا
پوليس جي طرفان
ماڻهن کي ملائڪ ڪٽي ويا هوندا
پوليس پنهنجي نجي ڪچهرين ۾

انڪشاف ڪندي هئي
ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ
نامعلوم چچريل لاشن جي سڃاڻپ
گرفتار ٿيندڙن جا مائٽ پنهنجن پيارن طور ڪندا هئا
جلوس، احتجاج هڙتالون، شهيدن سان وچن
وطن يا ڪفن! پلئہ ڪندس! پلئہ ڪندس!
شهيد توسان آ وچن!
ظالمو جواب ڏيو! خون جو حساب ڏيو!
ڌرتي پنهنجي غلام آ
انقلاب! انقلاب!
ڪنڌ گهرن ٿا قوم ڪان
ماءُ ۽ مرشد جا واسطہ
نيون گرفتاريون، نوان روج راڙا
ائين غربت، مظلوميت، ڪاوڙ بدلي جي باھ ۽ روج راڙن
جي ماحول
منهنجي معصوم ٻالڪپڻي کي مونکان کسي
مونکي وقت کان اڳ ۾ بالغ ڪري ڇڏيو.

## تارو

تون جڏهن ندي تي پئينءَ
مان پرندڙ لائوو تي تو۾ وسامي ويس
تون جڏهن صبح بڻجي پئينءَ
مان ڪوهيڙو بڻجي تو۾ پاڻ سڪائڻ لڳس
تون جڏهن رات تي پئينءَ
تہ مان ننڊ بڻجي تنهنجي وجود ۾ وجائجي ويس
تون جڏهن پهاڙ تي پئي هئينءَ
تہ مان شام جو سورج بڻجي تنهنجي پاڇي ۾ ٻڏي ويو هوس
تون جڏهن صحرا تي پئي هئينءَ
مان ساوڻ جو وسڪارو تي تو۾ جذب تي ويو هوس
تون جڏهن خواب بڻجي پئينءَ
تہ مان تعبير بڻجي خود پاڻ کي ئي ڳوليندو رهيس
اج جڏهن تون آسمان تي پئي آهين تہ
مان ستارو تي پنهنجي ئي تمنا ۾ ٽٽي پيو آهيان.

# گدڙ

پيئڻ کان پوءِ اسان کي
ڏاڏن، پڙڏاڏن جون ڏاڍ مڙسيون
۽ نانن، پڙ نانن جون مهمان نوازيون
ڳٽائڻ جو جنون چڙهندو آهي
خمار ٿي اسان کي
پائرن جون شهادتون ياد ڏياريندا آهن
کيپن ۾ ٿي اسان جون نوجوانيون انقلاب آڻينديون آهن
اندر ۾ جاگيرداريون پاليندڙ اسان جا
ڪالهوڪا انقلابي ۽ اڄ جا جهونا روح
طوطن وانگر رٽيل
سموري ترقي پسندي کي
خواهشن جي بوٽن هيٺان لتاڙي
عقيدن جي پير تي چميون ڏيئي
مئخانن جي دونهين ۾ پلجندڙ
صوفي ازم جي عقيدتمندي ۾ پناه وٺندا آهن
ها سرور ٿي اسان کي اندر کان ننگو ڪندا آهن
ڇو ته
حالتن جي زهر سان
اسان پنهنجي اندر ۾ وينل
مزاحمت جي شينهن کي ماري
رڳو گدڙ ٿي پاليا آهن.

## پر ڪٽيو پنڇي

ڪير ٿو تان اڏار جو سوچي
ڦڙ ڦڙائي ٿو پر ڪٽيو پنڇي
وسعتون انت ڪان بہ اڳتي ۽
جستجو لا مڪان جيڏي آ
زرد آڪاش جي خلائن مان
روز اپري ٿي درد جي موسم
نيڻ اپ ۾ پنل بهارن جي
ياد جا چٽ چٽي رهيا آهن
ماٺ مقتل جي ماڪ وانگي ۽
شور برپا رهي ٿو برپٽ ۾
نوڪ خنجر تي ناچ جوين جو
رت جي راند جي نزاڪت آ
رنگ هر گهاءَ ۾ گلابن جا
سور تي ساحري سرورن جي
ڪنڌ جي ڪير ٿو ڪري ڳڻتي
ظلم جي رات سان نہ ناهہ ڪبو
موت ڪي مات جي مهار وجهي
قافلو باڪ ڏي وٺي هلبو
ظلم دهشت جا ديوتا ڀڄاڻ ۽
زندگي واءَ جو نہ جهوٽو آهہ
عمر اڌڪي اڏار ڪانهي ڪا
زندگي جستجو جو نالو آ
ڪير ٿو تان اڏار جو سوچي
ڦڙ ڦڙائي ٿو پر ڪٽيو پنڇي.

## هولي

جلوا گلرنگ آهن
جذبا هر رنگ آهن
سپنا رنگ رنگ آهن
آس رنگدار آهي
حاصلاتون سڀيون رنگن ۾ تمثار آهن
معروض ۾ رنگ وڪريا پيا آهن
اڄ هولي آهي
اهو سوچي منهنجو هيانءُ ٿو ڦاٽي
تہ مان ڪلر بلائينڊ آهيان
دنيا مونکي
بليڪ اينڊ وائيٽ ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

# منتشر ردعمل

رت رڱو وردي وارن جو ڳاڙهو ٿيندو آهي
ٻيا سڀ درياهہ ۾ وهائي ڇڏيو
تعليم ۽ شعور فقط
حڪومت جي ڪارندن ۽ ٻولڙين جو
سرٽيفائيڊ ليڪبو
باقي سمورا ٽڪي جا عام ماڻهو آهن
اختلاف رکڻ ئي وڏو جرم آهي
اهڙو جرم فقط غدار يا ڪافر ئي ڪري سگهي ٿو
سوچ جو دائرو
مخصوص مدار ۾ ئي قابل قبول هوندو
دائرو ڪراس ڪندڙ سوچ جو
مين سوئچ آف ڪيو ويندو
هن ديس ۾ ذهنن جي نہ
پر جسمن جي آدم شماري ڪئي ويندي آهي
۽ عقيدي پرست ئي سنا ڪارڪن ٿي سگهن ٿا
دليل لفظن ڪان وڏيڪ ڪارتوسن سان ڏئي
بحث ڪٿي سگهجي ٿو
مونکي هاڻي ننڊ پئي اچي
وڏيري جي نوڪرن لئہ آيل تانهري پت مان
مون بہ ٻہ ٽي گرهہ پريا آهن.

ↀ✦ↀ

## ڪويتا

ڪويتا جا سڀ پائر، پينرون
نيٺ پنهنجي انجام تي پهچي ويا
ڪين وقت اڳيان هلڻ ڪونہ آيو
غزل مري ويو
غالب کان گلزار تائين
مرڻ کان اڳ
پنهنجي عروضي ڇندي قبيلي واري
نظم کي بہ
اياز جي ڪتابن مان ٻاهر ڪڍي

خيراتي اسپتال جي ميري بيڊ تي
موت جي انتظار ۾ ھچڪيون ڀريندي ڏسندو ويو
موسيقي سان مائٽي ھجڻ جي الزام ۾
بيت ۽ وائي کي چونڊ تي ڦاهي ڏني وئي
ڀٽائيءَ سان دوستي ٻہ ڪين بچائي ڪانہ سگهي
روح جي ردم سان ٺهڪي هلڻ واري
وچڙندڙ بيماري جي خوف ۾
لوڪ گيت ۽ گيت مٿان راتاهو هٽي
انهن کي هڪ جهڙپ ۾ قتل ڪيو ويو
۽ هاڻي
ڪويتا جيڪا پنهنجا سڀ
هار سينگار
ويس فيشن
ناچ ۽ ناز ڏيکاري چڪي آهي
اجا نئون ڳولهيندڙن
نواڻ جي جنون ۾
مختصر ۽ سڌو سنئون حسن ڏسڻ لاءِ
سندس سارا ڪپڙا لاهي
کيس ننگو ڪيو آهي.

﴾✦﴿

## رات مهل

رات مهل
آسمان ۾
ستارا ڏسي نہ سگهندو آهيان
مون پنهنجي اکين جو اسٽيڪر
مين روڊ تي
مرڪيوري لائيٽنگ جي
ٿنڀي ۾ چنبڙائي ڇڏيو آهي.

## هارٽ پيشنٽ

مان هارٽ پيشنٽ آهيان
دل جي مرض تي ڪم ڪندڙ
ميڊيڪل سائنس جي
ڪارڊيولاجي شعبي مان
مونکي رڳو
ذاڪر حسين جي
طبلي جي ٿاپ جهڙي
دل جي ڌڙڪن گهرجي.

# تنهنجو حسين جسم

تنهنجي حسين جسم چمڻ مهل
جبلي گهرج جي گرمي محسوس ٿي
پر اخلاقي قدرن جي برف ان تي ڇانيل رهي
تنهن کان پوءِ تون
ٻڌائڻ کان سواءِ نون ڀاڪرن ۾ هلي وئينءَ
۽ آئون ورهين تائين
ڪامنا ۽ محروميءَ گاڏڙ احساس ۾ جلندو رهيس
نہ انسان ٿي سگهيس، نہ فرشتو
ڪالهہ
عيد گفٽ ۾ تو پنهنجي نئين پينٽنگ اماڻي آهي
جنهن ۾
خماريل اکين ۽ ويڪري پيشانيءَ وارو
قدآور نوجوان ڊريسنگ ٽيبل آڏو بيهي
کٻي ٻانهن ۾ پاتل گهڙي مان ٽائيم ڏسي رهيو آهي
آئيني ۾ ٺهندڙ عڪس ۾
مون کي سندس مرداڻي ٻانهن ۾
گهڙيءَ بدران چوڙيون پاتل پيون ڏسجن.

## حاصلات

الهڙ وهي ۾
تنهنجي لاءِ اٿندڙ جنسي ڇڪ کي
وڏي حاصلات سمجهي
خواهشن جو سمنڊ پار ڪري ويس
۽ هاڻي
پورائيءَ جي پل سمجهي
مصلحت جو رڻ جهاڳي رهيو آهيان.

سنگيت ناٽڪ

# ڪبوتري

ڪردارَ:

1– ڪجلو: ڪبوترا قبيلي جو هڪ فرد جنهن جي گهر ۾ هڪ خوبصورت ڌيءُ پارو سامائي آهي.

2– رتني: ڪجلي جي زال

3– پارو: ڪجلي ۽ رتنيءَ جي نئين سامايل ڌيءَ جنهن جي عمر اٽڪل سورنهن سال آهي.

4– شانتا: پارو جي سنجيده سهيلي

5– مير وڏل: ڳوٺ جو وڏ گهراڻو وڏيرو، رئيس

6– گورو: پارو جو نون سالن جو ڀاءُ

7– پري: پارو جي ستن سالن جي ڀيڻ

منظر:

پڪيءَ سڙڪ جي پر ۾ پينو قبيلي جو پڪن تي مشتمل پڙاءُ سڙڪ جي ٻئي پاسي مير وڏل جو پراڻي طرزِ تعمير جو شاهڪار محل جهڙو بنگلو جنهن جي ڏيڍ تي گهٽي وقت کان خانہ بدوشن جي هن قبيلي اچي پڪا اڏيا آهن. مير وڏل جي بنگلي پويان ٿوري پنڌ تي سندس پاڻتيي مير سوڍل جو نئين طرزِتعمير وارو خوبصورت بنگلو. پڪن تي ڇانيل اونداهيءَ ۾ بنگلي جي بلبن جي روشنيءَ جا پوندڙ اولڙا . سياري جي رات ۾ هڪ پکي جي آڌو نم جي هيٺان ٻرندڙ باه جي مچ تي ڪجلو ۽ سندس زال رتني ڳالهائي رهيا آهن . پکي جي اندر سندن ڌيءُ پارو ويٺي آهي جنهن جي پيرانديءَ کان 9 سالن جو گورو ۽ 7 سالن جي پري ننڊ پيا آهن. رتني پنهنجي مڙس کي مخاطب ٿيندي چوي ٿي.

.

رتني:

او پارو جا پيءُ ٻڌين ٿو
ساري گهر ۾ سچ وسي ٿي
پانڌاريءَ ۾ ڏوڪڙ ناهي
ڪانهي ڪائي لپ اتي جي
سيارو ڪيڏو ڏوڙا چي ٿو
مينهن بہ ٻوڙان ٻوڙا چي ٿو
جيڪو جوڙو پاتل آهي
سو پيي ڪيڏو ڦاٽل آهي
گوري کي ڪو جوتو ناهي

پارو وٽ ڪا پوتي ناهي
گهر ۾ آ پڳوان اڪيلو
ان جي آڏو جوتي ناهي
دنيا پنهنجي ڇا جي آهي
مانيءَ لئہ محتاجي آهي
ڪڙم اندر ڪاٽيارا آهيون
ويلي تي ويچارا آهيون
بک وڏي بيماري آهي
جيون کان بيزاري آهي
جي هاٽي بہ نہ تون سوچيندين
ڏس تہ اڙي پوءِ ڪاڏي ويندين.

پل لئہ خاموش ٿي ٿورو سوچي ٿي ۽ پوءِ هڪ نظر پارو تي وجهي وري ڳالهائڻ لڳي ٿي:

هٿ جي ريکا سائي آهي
پارو جو ساماڻي آهي
جوپن هن سان جوٽ ڪئي آ
پاڳ اسان ڏي موٽ ڪئي آ
گهر مان جا سرهاڻ اٿي آ
پنهنجي پاڳن ڪاڻ اٿي آ
جنهن جي پوپان پاسي ويندي
تنهن جا ويڙها واسي ويندي

جوڀن جو گل رنگ بو تي پيو
باغ سمورو خوشبو تي پيو
پارو پنهنجا ناز نکاريا
نخريلا انداز نکاريا
ڳالهہ ڳليءَ کان ٻاهر آئي
مير وڏي وٺ هير پڄائي
اوڙي پاڙي سس پس آهي
واتن تي ڪنهن جو وس آهي
سوڍل مير سنپاريو آهي
پارو لاءِ پچاريو آهي
سوڍل ڳڀرو ۽ ڳڻ وارو
سونهن سريتو ۽ سوپارو
وات گهريا هو ڏوڪڙ ڏئي ٿو
پونم پارو لاءِ چڏي ٿو
پارو جنهن جي هڪ ادا سان
نيرا نوٽ اڏامي ايندا
ڳڀرو ڪوڙ اميدن پريا
پنهنجي در سلامي ٿيندا
ليڪن سوڍل پنهنجي گهر تي
نائي نيڻ نچاور ٿيندو
ڪجلا تون نہ ٿئين جي ارهو
ڪڙم اسان جو بک نہ مرندو.

ڪجلو:

بک آهي اسان جي ڪڙم مٿان
ڪنهن اگهاڙيءَ غليظ گار جيان
حسن پڳوان جو ڏنل آهي
ننگ پنهنجا تڪن ننگيون نظرون
پدمڻي جا ٻه آ پکن ڄائي
سا سدائين ڪبوتري سڏجي
پنهنجي وڏڙن جون پچارون ساري
جي ڏسان ٿو ڪڙم قبيلي کي
راج ( نٽ راج ) ٿي سڏيو منهنجو
ناچ ۽ نرتڪيون ڪلا ديوبون
هر گهڙيءَ گهرج هون نوابن جي
ڪرتبن ۾ نه ڪو سندن ثاني
ناچ گانو اسان جي ڪڙم اندر
پنهنجي پرکن جي آهه نيشاني
ڪو پتو ناهه، ڇا گناهه ٿيو؟
بک تهذيب کي تباهه ڪيو
ناچ گاني منجهان نکار ويو
پيٽ هاڻي پکن تي بار ٿيو
پنهنجي هر منڍ جو مقدر آ
ڪنهن نه ڪنهن مير جي سريت ٿئي
عمر مجبور ٿي گذاريون ٿا

هر گهڙيءَ ٿي نئين ڪريت ٿئي
پيڙ ۾ جيئن جوان ٿي پارو
مير سوڍل اسان جي بک ڪچي
پيٽ جو اگهہ لڳو ڪٽڻ آهي
مير شهزور آهي ، ڏاڍو آ
پاڻ ڪيڏا غريب تر آهيون
چو تہ پورهئي ڪنان لنوايون ٿا
ان ڪري ئي تہ دربدر آهيون.

ڪجهہ گهڙين لئہ چپ ٿي وڃي ٿو نظرن ۾ ڪاوڙ ۽ ڏک جا احساس سمائي پارو ڏانهن نهاري سانت ۾ ٻڏي وڃي ٿو ۽ ٿڌو ساهہ ڀري آڱر کڻي چوي ٿو:

پاڳ ۾ تون رکيل ئي آهين
مير سوڍل رکي يا مير وڏو
ٿي پتنگو اهاءُ تي ايندو
گهاءُ تنهنجي حياءَ تي ايندو
ڪڙم تنهنجو ڪبوتري آهي
جيڪا آخر شڪار ٿي ويندي
ڪوئي پالي يا ڪوئي قيد ڪري
عمر هر پهر بار ٿي ويندي.

ٿورو خاموش ٿي رتنيءَ ڏي نهاري چوي ٿو:

مير سوڍل جوان ڳڀرو آ
۽ وڏل مير ان جو چاچو آ
پارو سوڍل سان سونهندي ليڪن
پنهنجي سر تي وڏي جو پاڇو آ
توڙي پارو اڃان جوان نہ هئي
پر وڏو مير پيو تڪيندو هو
ڪيتري دير آهي ڇوڪر ۾
وقت وهندي پيو ڪٿيندو هو
پاڻ جيڪو بہ ڪاڏو پيتو سين
سو وڏي مير جي عنايت هو
جنهن جو پاڇو پکن اسان جن تي
هن سخي مير جي سخاوت هو
مير سرڪش سماج ساري لئہ
پاڻ تي آهہ مهربان رهيو
پل جواني هئي نہ پارو تي
پر اميدن سندو جهان هيو
هٿ ان جو نہ ٿو ڇڏي سگهجي
جو رهيو مهربان سالن کان
هو بہ رتني هزار آڇي ٿو
آڇ زياده سين جي آڇن کان

ڪير (ڪيجو) سڏائي پارو جو
پنهنجا پڪڙا حياءُ سارن ٽا
ملهہ چا ٽا ڪٽن جوانيءَ جو
پيٽ پنهنجا بکيا نهارن ٽا.

## ايڪٽ ٻيو

منظر:

پکن جي پر ۾ بيٺل انبن جي باغ ۾ سياري جي سج جي دل لڀائيندڙ ڪرڻن هيٺان پارو پنهنجي سهيليءَ شانتا سان ڳنڀير تا ۽ سنجيندگيءَ سان گفتگو ڪري رهي آهي.

پارو:

شانتا ڪجهہ غور ڪر هن ڳالهہ تي
رات بابا سان امان پئي جا سلي
مير سوڍل منهنجو هٿ آهي گهريو
هٿ ( پونم ) کان پيو جيڪو ڪڍي
شانتا پونم اڃان آهي جوان
مٿ جنهن جي سونهن جو ڪا نار ناهہ
سٺ مهينن کان ڏهاڙا ڪجهہ مٿي
جا وڏيري جي رهي پيرن پٺي
جنهن جي جوڀن کي ڦري ڪائي لٽي

هاڻ سوڊل مير ٿو ان کي ڇڏي
ايئن جيون کي اڏيءَ آڏو رکي
مان سريتن جان جيئڻ چاهيان نہ ٿي
پريت جن جي پل جوانيءَ جا ٻہ ٿي
مان سندن لاري لڳڻ چاهيان نہ ٿي
عمر بي حس خواهشن پويان لٿي
وات مان ٿوڪارجڻ چاهيان نہ ٿي.

شانتا:

چري تہ آهين، چري: پر چري نہ ٿي ايڏي
اجايا پُور هي ڪهڙا پئي پچائين ٿي؟
ڏني آ، ڪيتري دولت امير پونم کي
سموري عمر جي چاهي تہ پيئي عيش ڪري
پکن تي پنج ورهيہ جڻ تہ هن جو راڄ هيو
۽ تون بہ گهر جي ڏياٽي ٻٽي ٻٽي هلنديءَ
۽ راڄ ڀاڳ جي راٽي ٻٽي ٻٽي هلنديءَ
وهيءَ جي گهرج بہ هر روز پئي ستائيندي
جواني هونئن بہ ڀلا ڪيترو نڀائيندي
ڀلا ٿي ڀاڳ پيو مير اڄ مري توتي
ڀلايون ڀال جواني پئي ڪري توتي

پارو:

ٿا امان بابا چون قربان ٿي
شانتا ڪيسين پلا قربان ٿيون
مير پوڙهو ۽ اسان جون ٿي ٿهيون
سونهن جوين ڪي لٽائيندين رهيون
مير سوڍل ۽ سندس چاچو وڏل
ڪي زمينن جا خدا ناهن مگر
وس ايڏو ڏوڪڙن جو ٿو هلي
پل ا پل سوچي اسان جي دل جلي
ڪا وِهارن ڪا ڏڪارن بي پڇي
بي حيائي هر ادا مان پئي بکي
مير سوڍل جي ابي وٽ ڪيترا
سال ويهاريل هئي منهنجي امان
آنءُ ڪنهن جي خون جي تخليق هان
پنهنجي بابا جي يا سوڍل پيءُ جي
شڪل ۾ ماڻهو ڪتن جهڙي حوس
لڄ ناهي پيڻ جي يا ڏيءُ جي
آ ننگي ڪيڏي نظر هر هڪ ٻڏي
ڪو بہ پردو چڙ هتي پردو نہ آ
هر پکي جي سير مان دوڏا ڪڍي

جو ٻہ گھوري تنهن اڳيان لوڙهو نہ آ
شانتا هيءَ ٻک آهي ٻي وسي
ٻ پکن ۾ ٻي وسيءَ جو راڄ آ
پيٽ پنهنجي لاءِ ڪيڏو اهم آ
هر انا ان جي اڳيان تاراج آ
ڏاڍ وارن جي ندوري ڏاڍ سان
چوا جان مظلوم ڪو اٿڪي نہ ٿو
گھاوَ هيٺن جا نوان هر روز پر
ياڳ پوتارن سندو پٿڪي نہ ٿو
دود سيني جي دلين مان ٿو دکي
ڪا ڄري نڪتي اگر جي ڄيپ مان
ٻکَ اڏو برف ٿي ٻڻجي وڃي
ڪيئن لٽايان پيٽ لئہ پاڪيزگي
ڪيئن مٽايان پيار پھرين جو سرور
مون سجايا خواب جي پلڪن اندر
پر حقيقت آهي تن کان دور دور
پيار سپنو آ، سکي سرهاڻ آ
ساپيان کان پر وهي اڄاڻ آ
سونهن کي پڳوان چو مون ڏي مکو
سونهن جي چو دشمني مون ساڻ آ.

# ايڪٽ ٽيون

منظر:

ڪجلي جي پکي ۾ رتني، پارو، گورو، پري ۽ شانتا پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا آهن. ڪجلو ٻاهران اچي ٿو وٽس ڪلهي جي رومال ۾ هڪ ڳنڍ ٻڌل آهي جيڪا کولي پارو جي جهول ۾ وجهي ٿو، رنگ رنگ جا نوٽ پارو جي جهول ۾ ڦهلجي وڃن ٿا، ۽ ڦهليل نوٽن کي ڏسي ڪجلو چوي ٿو.

ڪجلو:

ڏيءُ پارو انبار نوٽن جا
هار سينگار لاءِ مير ڏنا
تون جي سينگارجي اڳيان ايندينءَ
جڻ بيابان ۾ بهارن جا
گيت سرها ٻري ٻري پوندا
پوڙهو تو وٽ مٿو جهڪائيندو
تنهنجي آڏو دنيا لٽائيندو
ٻيا بہ ڏيندو انبار نوٽن جا
ياڳ کلندا اجان بہ لوٽن جا
ڏيءُ هاڻي جهان تهنهنجو آ
هر پکي منجهہ مان تنهنجو آ
ڏن ماڙيءَ ۾ تون لٽاءِ وڃي

جيترو زر ڪپئي ڪپاءِ وچي
رنگ خوشبو سان پنهنجا پاند پري
بخملي ويس جسم تي اوڍي
پنهنجي مرضي هلائجڻ پارو
پاڳ پنهنجا سنوارجڻ پارو.

هڪ وير نظر ڦيرائي زال ڏي نهاري ڳالهائڻ لڳي ته:

مير مون کي سڏايو بنگلي تي
بخملي ڪوچ تي وچي ويٺس
حال احوال سڀ وٺئين گهر جا
ڪجهه ڪيائين سوال ٻاهر جا
مون کي هٿ سان ڏنئين گلاس ڀري
جام اهڙو اڳي نه پيتو مون
ڳالهه آندئين چپن تي پارو جي
ڳڻ ڳڻايئين سيئي ڏڪارو ٽي
مون ته ويجهو رکيو توهان کي پر
چو توهان ڏور پيا وڃو ٿيندا
قول ڪجلا ڪيا ها تو مون سان
مڙس آهن وچن کي پاڙيندا
وٺ اچي ٻيو گلاس انگريزي
روز ڏوڪين پيو ٺرو ديسي
بيگ ڪولي منيون ڀري پنهنجون

جهول منهنجو ڀريائين نوٽن سان
مير جهڙا ڪپڙ قدر وارا
کهڙو ناتو ڪرن ۽ ڪوٽن سان
مير ڪيڏو نہ ڏن ڏن آهي
مون بہ ان ڪي وڇن ڏنو آهي
هاڻي مون ڪي ائين ڏنو نہ ڪجانءِ
۽ ننڍي مير ڪي ڏٺو نہ ڏجانءِ
ڳالهہ ٻي ڪا ڪرڻ خيانت آ
هي ءَ وڏل مير جي امانت آ.

ايئن چئي ڪجلو بوچڻ چنڊي ڪلهي تي رکي ٻاهر هليو ٿو وڃي. پارو شانتا ۽ رتني هڪ ٻئي ڏي عجب مان تڪينديون رهجي وڃن ٿيون، ڪجهہ ساعتون خاموشيءَ جو نانگ پکي جي ماحول کي سراپي وڃي ٿو خاموشي ٽوڙيندي گورو ڳالهائي ٿو.

.

گورو:

نوٽ ايڏا ادي مون نہ آهن ڏٺا
تنهنجي آڏو اچي جيڪي بابا رکيا
مون کي ڪپڙا ڪپڙ، بوٽ، ٽوپي کپي
منهنجي دل تي چوي مون کي سئنڪل کپي
گرم لوئي بہ گهرجي ۽ بوچڻ کپي
رات جو سيءَ ۾ ڪوٽ اوڇڻ کپي

۽ دسهڙيءَ جي ڏڻ لاءِ خرچي ڏجانءِ
ڪجهہ تہ پاندارڙيءَ لاءِ ڏوڪڙ ڏجانءِ

ايئن چئي گورو خوشيءَ مان گيت ڳائڻ لڳي ٿو:

جهول ۾ نوٽ تنهنجي نرالا الا!
هو جمالا جمالا جمالا الا!
هاڻ بازار ۾ چڙپ ڏيندو نہ ڪو
ٿول جيڪو وٽيو سو ڦريندو نہ ڪو
ڏوڪڙن جا هي ميلا ملهالا الا!
هو جمالا جمالا جمالا الا!

ويس ونبا وچي شهر مان ڪي نوان
واچ رومال ۽ بوٽ جوراب سان
منهنجي ٽوپي ، پريءَ لاءِ جهالا الا!
هو جمالا جمالا جمالا الا!

سهٽيءَ سئنڪل چڙهي سپ خوشيون ماڻيون
ڪجهہ جهنڊيون گل بتيون ان ۾ لڳرائيون
يار ڇرڪائبا بي خيالا الا!
هو جمالا جمالا جمالا الا!
پري:
مون کي گڏا وٺي ڏي
مون کي وڳا وٺي ڏي

ڪجريءَ کي مليون ڪوڏيون
واسي بہ وتا ڪاوا
مٺڪي کي ڏنا ماڻس
انڙا ۽ مٺن ڪجاوا
ان جا گڏا اٺن تي
منهنجون گڏيون ڇو پٽ تي
مون کي گڏيون وٺي ڏي
سونيون سڳيون وٺي ڏي
گهر پيي گڏي ۽ گڏيءَ جو
گاڏي بہ هڪ گڏيءَ جي
هڪ سيج پيي گڏي لئہ
هڪ چير هڪڙي لوٽي
هڪ هار هڪڙي پوتي
گڏ آڻجان گڏيءَ سان
بندوق گڏ گڏي سان
مٺڪي جو گڏو اٺ تي
گاڏيءَ تي گڏي منهنجي
شاديءَ ۾ گڏيون ايندیون
ڪو يت بہ چاڙهٺو آ
ديڳيون ۽ ٿالہ گهرجن
سپ آل جال گهرجن
ڇمڇا ڇريون وٺي ڏي
گڏڙا گڏيون وٺي ڏي

مان راند وچان ڪيڏڻ
سڀ ڪان گهٽيون وٺي ڏي
مون کي گڏا وٺي ڏي
مون کي لٽا وٺي ڏي

پارو:

ڪو هوائن ۾ نشو ناهي رهيو
۽ نظارن ۾ مزو ناهي رهيو
هاءِ جوڀن قيد وانگر ٿو لڳي
خواب هر هڪ رڻ پٽن جهڙو لڳي
ڪنهن طرح ٿو منهنجي بابل کي کپي
ڪو سکيو گذران پنهنجي گهر سندو
ٿو چوي گورو ادي سئنڪل کپي
پير ۾ جوتو نئون جهلمل کپي
۽ پريءَ کي ٿا گڏا گڏڙيون کپن
ماءُ منهنجيءَ کي الئہ ڇاڇا کپن
حوس کي ڪنوارو ننگو جوڀن کپي
۽ پڪن کي پيٽ جو ضامن کپي
مان بہ ڪو انسان هان مون کان پڇو:
خواهشن جو آ هتي ڀي سلسلو
پيٽ پنهنجي لئي ڪنواريون حرمتون
جي لٽائڻ کان سوا چارو نہ آ
پيٽ سان گڏ خواهشون منهنجون ڏسو

مان جواني ڪيئن گذاريان لاش سان
عصمتن جو جي ٿئي سودو تہ پوءِ
مير پوڙهي جو بدن بانسي نہ ڏيو
عزتون آهن وڏيرن لئہ اگر
خواهشن کي هينئن گهٽي ڦاسي نہ ڏيو
بک کي آهي ضرورت نان جي
نوجوانيءَ کي جوان جذبو کپي
پيٽ جي لئہ نوٽ آهن مير جا
پر بدن جي بک کي ڪاڏي ڪجي
نئين جوانيءَ جي ٻريل آڙاهہ تي
ڪيترو پوڙهو ڪڪر برسي پلا
ماڪ سان ڪا آڳ اجهندي ڪو نہ آ
بوند برسئي قافلو رڪبو نہ آ
جي لکو ٿا ناخدا منهنجو نصيب
منهنجي ٻيڙيءَ کي گهڙي کن تارجو
ڏئي جوانيءَ کي جواني جهول ۾
پوءِ ڪوئي نوجوان ( ڪيجو ) ڪجو
پل غريبت ئي ڏيو پر مان ڏيو
ڪو تہ منهنجي درد جو درمان ڏيو
پيٽ جي ٿا بک کي سمجهو مگر
بک جذبن جي اجان ڪجہ ٻيو گهري
مير سوڊل پي لٽائي ٿو دنيا
ساٿ جوين ٿو جوانيءَ جو گهري

جيڪڏهن رشتو هتي رشتو نہ آ
مان وڃايان ٿي بدن سوڊل اڳيان
ءِ نہ آهي جي هتي ڪو ماڻهپو
پوءِ ڇڏيو هن لاش تي پوڙهو ڪتو.

رتني:

پارو تهنجي ڳالھہ سچي آ
ليڪن ويو جنجال مچي آ
ڪيجو ٻڌجڻ تان بگڙي پيا
ڪتن وانگر مير وڙهي پيا
راڄن آڏو خوار ٿيا هن
جڳ جي لئہ آزار ٿيا هن
چپ چبي ٿو پوڙهو باسي
سوڊل ان جي رت جو پياسي
پوڙهو توکي ڪونہ ڇڏيندو
سوڊل سان پيي هٿ ڳنڍيندو
مرشد تن کي ٿاهڻ آيو
جنهن پنهنجو انصاف ٻڌايو
سوڊل تو وٽ پونم آهي.
مير وڏل وٽ ڪابہ نہ آهي
پارو مير وڏي کي ملندي
اتکي ٻتکي ڪابہ نہ هلندي

جيڪر پاڻ جواب ڏيون ٿا
وير وڏيري ساڻ رکون ٿا
پاڻ ۾ ايڏي طاقت ناهي
تنها ڪو بہ سلامت ناهي
پيءُ جو پٽڪو منهنجي پوتي
منهنجي گهر جي ٻرندڙ جوتي
توکي سيڪجهہ ميڙ ڪيان ٿي
پنهنجي گهر جي چلهہ ٻرڻ جو
توکان پارو خير گهران ٿي.

شانتا:

اجايا خواب ڏسڻ مان نڪي وريو ورندو
اڄوڪو سڄ گهڙي کن کان پوءِ لهي ويندو
سياٽي سڄ جي نڪتو تہ روشني ڦٽندي
انهيءَ فساني ۾ جهلمل ڪا زندگي هوندي.
فسانو جنهن ۾ رڳو رنگ رنگ پيا اڏندا
هزار آس جا سارنگ مرڪندا ايندا
هٿن تي هٿ هجن پل تہ پوڙهي عاشق جا
پراٽي ياد ڦٽولي ڪجانءِ دل آجي
اکين کي بند ڪري يار جي تصور کي
خيال خواب جي ڀاڪر ۾ تون ڀري ڇڏجان
سري جي سار سيئي خواب بخملي ٿيندا
جوان جسم جا جلوا ڪڙي ڪڙي پوندا

**حقيقتن جي توازن سان خواب ساڻ رهي**
**اندر جو عشق پلي پوءِ پيي سڄاڻ رهي**
**پلي نہ چاهِ مگر چاهتون سڃاءِ ڪٽي**
**ٻہ چار سال انهيءَ درد سان نڀاءِ ڪٽي.**

## ايڪٽ فور

**منظر:**

ڪجلي جي پراڻي پڪي جي پِر ۾ نئون ڪشادو ۽ خوبصورت پڪو اڏيل آهي، پڪي جي ٻاهرين بيهڪ هڪ ننڍڙي گهر جو ڏيک پئي ڏئي ۽ اندروني جوڙجڪ ڊرائينگ/ بيڊ ڪارنيج جهڙي آهي. خوبصورت جهالرن سان سونهري پوري رنگ وارا پردا بيڊ روم ۽ ڊرائينگ روم کي هڪٻئي کان الڳ ڪري رهيا آهن. ٻنهي ڪمرن ۾ خوبصورت ايراني قالين وڇايل آهن . جن تي ڪابلي تڪيہ ۽ پشاوري طول وهاڻا پيل آهن. .

پڪن تي رات ڇانيل آهي ۽ ڪجلي جي نئين پڪي ۾ رنگبرنگي روشني پئي جرڪي ، پڪي جي وچ وارا پردا ويڙهيل آهن . بيڊ روم واري حصي ۾ قالين تي هڪ پاسي ڪابلي تڪيہ ۽ پشاوري طول وهاڻا رکيا آهن ۽ ٻئي پاسي خوبصورت وڪٽورين ڊزائين واري خوبصورت پلنگ تي نرم ايراني ڪمبل ۽ ڳاڙهي بخملي چادر جو بسترو وڇايل آهي ، جنهن تي پارو گهري ناسي چوڙيدار پاجامي مٿان

ٻاڙهي رنگ جو پڙو ۽ راجستاني پرت پريل چولي پاتل ۽ ڪنپي جي چنري اوڍي ويٺل آهي.

پڪي جي ڊرائينگ روم واري حصي ۾ مير وڏل شهپرن ۽ وارن ڪي رنگ هنيل نوابشاهي ڪٽ تي پيلي رنگ جي ڪاغذي سنڌي ٽوپي پاتل، بوسڪيءَ جي سلوار قميص سان ، لاک جي گلن ۽ ڪائي جي گول ڪاون سان سجايل موڙي تي ويٺل آهي.

ڪجلو، رتني، شانتا هيٺ قالين تي ويٺل آهن. شانتا طول وهاڻو هنج ۾ رکي ڪڏهن مير وڏل ته ڪڏهن پارو کي تڪي رهي آهي ، گورو ۽ پري عجيب نظرن سان ماحول ۾ آيل نواڻ ڏسي حيران آهن ۽ پري ڪنهن ڪنهن مهل ڪيچل نما حرڪت ڪري رهي آهي، ڪجلو ۽ رتني مير وڏل تان اور گهور پيا وجن. نيٺ ڪجلو مير وڏل ڏانهن تڪي عاجزيءَ ۽ لالچي اکين سان چوڻ لڳي ٿو.

ڪجلو:

مير توکان نه منهن مٽايو سين
لوڪ توڙي سڄو رنجايو سين
تون پکن ۽ ٻچن جو وارث آن
تنهنجي پيرن جي ڌوڙ جهڙو مان
تو ڪيو سڱ آ فقيرن سان
دک هاڻي پکن کان دور ٿيا
پارو سڌبي وڏي حوالي سان

۽ پڪا مير تنهنجي نالي سان
تون سخي مرد ميرَ حاتم آن
آنءُ تنهنجو اهو ئي خادم هان
تو وڏا وڙ ڪيا غريبن سان
تنهنجي آئي پڪن جو مان وڌيو
منهنجي پاڳن تي جڳ جهان جليو.

مير مسڪرائي مٺ نوٽن جي پري ڪجلي کي ڏني ته ڪجلو هڪ هڪ ڳاڙهو نوٽ پريءَ ۽ گوري کي ڏئي پنهنجي پڪي پراٽي پڪي ڏانهن موڪلي باقي نوٽ پاسي واري ڪيسي ۾ وجهي پاڻ قالين تي ويهي رهي ٿو. ڪن پل جي سانت ڪانپوءِ خاموشي ٽوڙيندي رتني ڳالهائي ٿي.

رتني:

سارو جڳ جهان وساري
ڪجلو تنهنجي ڪڍ لڳو آ
پٽ جي توکي پارت سائين!
جهولي منهنجي خالي آهي
شال هجين رکوال سدائين!
مان آيل هان تون ڄايل آن
ڌرتي سائين تنهنجي آهي
پارو توکي پرتي سائين!
سرتي سائين تنهنجي آهي
پوڙهي عمر وساري تنهنجي

مکڙي مهٽنهاب ڏني سين
پارو پنهنجي موڙي آهي
توکي سائين سا بہ ڏني سين
مرڪي مرڪي ماڻ جواني
جوڀن تو لئہ آتو آهي
تو جي پاتا پير پکن ۾
مون کي ڀاڳ سڄاتو آهي
پارو تنهنجي راه نهاري
گوريءَ جو هر خواب اجارو
ڀڳڻ تنهنجو ساٿ سنپاري.

ايئن چئي پکي جي وچ وارن ويڙهيل پردن جي کهين کي ڇڪ ڏئي کولي ٿي ۽ پردا کلي ٻنهي کمرن جي وچ واري ديوار تي پون ٿا . رتني مير کي ادب ، عاجزيءَ ۽ لالچ ڀريل نظرن سان پارو ڏانهن وڃڻ جو عرض ڪري ٿي. ميرُ پردي کي فاتحانہ انداز ۾ هٽائيندي ٻئي پاسي وڃي پارو سان گڏ پلنگ تي ويهي ٿو. شانتا اٿي پردو ڪراس ڪري ميرَ ۽ پارو جي سامهون ٻيهي چوڻ لڳي ٿي.

شانتا:

ڳنڍيو آ نينهن اوهان ساڻ سرمئي جوڀن
اوهان بہ آهي گذاري عمر شڪار ڪندي
حسين ايترو اڳ ۾ شڪار تو نہ ڪيو
جوان روح جي گرمي ۽ رنگ برفيلو

گلاب جسم ۾ جوڀن نفيس شرميلو
پلئہ هٿيو جي بدن تان تہ روشني ڦٽندي
اجاڙ جسم اوهان جي ۾ زندگي ايندي
اسان جو پيار ٿو پوپيان نوان مثال چڙهي
وفا اسان جي نشانبر سڄي زماني ۾
ڪلي ڏسو تہ رچي رنگ ٿو فساني ۾
اوهان جي ناںو جي پوپان وهي لٿايون ٿا
ڪبوتريءَ جي وفا ڪوڙ ڪير ڪوٺيندو
اوهان جي توڙ نيايو تہ معجزو ٿيندو
اجاڙ خواب بڪايل وهيون قبيلي جون
ڳڀي جي آڙ ۾ تنهنجي حوس لٿيون آهن
ڪروڙ لوپ ۾ ڍپ جون ڪهاڻيون آخر
بغاوتن جي سلن وانگيان ڦٽيون آهن
ڪٿي عياشي اوهان جي ڪٿي نڪور وهيون
پکن ڪي پاڳ اجان ڪيترو رلائيندو
ضمير قيد جي آڙاہ مان نہ ٿو نڪري
اسان ڪي درد گهٽا دورَ ٻيا جلائيندو
اوهان جي جيت سدائين اسان جي هارَ رهي
اسان جي هارَ جا ڪئين هارَ تو ڳلي پاتا
سفر ڍگهو آ اجان دور آهيون منزل ڪان
سفر ۾ درد چلن وانگ فاصلي پاتا.

ائين چئي شانتا پردو ٽپي ٻاهر نڪري وڃي ٿي مير وڏل ۽ پارو پلنگ تي اڪيلا رهجي وڃن ٿا. پارو جي انگور جهڙي رسيلي جوڀن جي مهڪار ۾ مست ٿي ميرَ وڏل جو ڏڪندڙ هٿ پارو جي ڪاڌيءَ تي پهچي ٿو ۽ سندس ماڪ ڀنل گلاب جهڙي مکَ ڪي مٿي کڻي ڳالهائي ٿو.

مير وڏل:

چا ڪامڻي وهيءَ ڪي وڄ جي ورن مان آندئي
ايڏو حسين جوڀن ڪهڙي چمن مان آندُئي
ڪارا هي وار تنهنجا ڪنهن غار جو انڌيرو
منزل تي ڪيئن رسندا ، اونداهه جا مسافر
رخسار جڻ تہ چلڪن ٿا کير جا ڪٽورا
مون وٽ بہ اچ آهي، ڪنهن ٻار جي چپن جي
هي نيڻ پياس آهن مئنوش عاشقن جي
ڳارين ۾ جڻ تہ آهي جوڙي ڪبوترن جي
مرڪين تہ تنهنجي مک جي آڪاش تي او جانان
ايري پوي ٿي انڊلٺ جاڙي سنڌءِ چپن جي
ڪنهن بت تراش ٺاهي تنهنجي سڊول هانءِ
جوڀن ڪراڙپڻ مان ٻڌجي سرور اڀريو
اوتي نشو اکين ۾ آهي غرور اڀريو
۽ پوڙهپڻ ۾ تنهنجو چاندي بدن سهارو
آيو بهار آهي ويندو رهيو سيارو
چانيل هئي وهيءَ تي ڪا سرد رات ليڪن

تنهنجي لڳن جي گرميءَ ارپي ڇڏيو اونهارو
پُرِجنسَ تي چميئي جي منهنجي پتي بدن کي
هر انگ سون هوندئي ۽ پير ڏوڪڙن تي.

پارو:

ڏاڍ سان يا پيار سان قيدي ڪري
تو مهارت سان ڇڏيون منهنجي سڀيءَ،
عمر جي آنچل مٿان آڪون پري
جسم جو مالڪ ٿئين جنهن موٽ ۾
مان تہ ان جي ڪين گهرجائو هيس
جي هتي روزي نہ هئي تب خير هو
مان لڏيان هان، ڇو تہ لاڏائو هيس
مهربانين جا اڏيا تو ڄار جي
نيٺ منهنجا پَر منجهن ڦاسي پيا
قيد جا لمحا مقدر ۾ مليا
بخت جا ڪاڳر منجهن ڦاسي پيا
هاڻي منهنجيءَ دل اڏامڻ کي ڇڏيو
درد جا پچرا ڇلانگڻ کي ڇڏيو
بادشاهي تن مٿان تنهنجي قبول
من مٿان تنهنجي اميري ڏوڙ آ
روح سيني رهگزارن تي رڙيو
مهڪ مرڪن جي نسورو ڪوڙ آ
مير صاحب! ڇا اهو ممڪن نہ آ؟

منهنجي راهن کي گلابن سان پرين
مئي جوانيءَ جي اگر تو وٽ نہ آ
پيگَ نوٽن جي شرابن سان پرين
مئي پنل محفل سجي هر رات جو
مٽ پري مدهوشيون ٽڪرائجن
سپ وساري گهاوَ پوئينءَ عمر جا
هارَ ڪوري پيارَ کي پارائجن.

---

1. ڪيجو: آشنا
2. پيڙ: ويڙهو
3. پيڙڪي: سريت
4. نٽ راج: ڪبوترا قبيلي جو اصلوڪي قبيلو

○

فياض ڏاهري جا نظم ڪنهن نہ ڪنهن طرح سنڌ جي انٽليڪچوئل شعور ڪي ڇهڻ جو ست سارين ٿا هن پنهنجي نظمن وسيلي نہ صرف سنڌي ادب جي مزاحمتي شعور کي نئين جدت سان اڳتي وڌايو آهي پر عقل ۽ شعور جي قوت سان جديدت جي سرد خاني ۾ پيل پراجيڪٽ کي بہ اڳتي وڌائڻ جا سعيا پئي ڪيا آهن موجوده پوسٽ ماڊرن صورتحال جا عڪس بہ سندس نظمن ۾ موضوعاتي گهرائيون جنمين ٿا فياض جي نظمن ۾ ڪنهن هڪ ادبي تحريڪ لاڙي رجحان کي فوڪس ڪرڻ جي برعڪس مختلف تحريڪن لاڙن رجحانن کي يڪجاءِ ڪري موضوعاتي ڊائيورسٽي ڏني وئي آهي هو سنڌ جي جديد شاعريءَ ۾ هڪ اهڙو مطالعاتي شاعر بنجي اڀريو آهي جنهن وٽ جدت جي تڙپ سان گڏ روايت جي پاسداري آهي ڇو تہ روايت جي جوهر ۾ موجود اتهاس قومن جي انفراديت ۽ ساڃهہ جو ساکي هوندو آهي نواڻ جي سلوگن واري سطحي پٽي جي ساک پٽ هو پنهنجي نظم بعنوان ”نواڻ“ ۾ واڪي ڪري ٿو سندس هي نظم نواڻ بابت ڪئين فڪري سوال اڀاري ٿو ۽ نظم ۾ ارتقا جي سائنس کي شاعراڻي ويزن سان ڏسڻ جي بهترين ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ ڪلائيمڪس ۾ راحساس جي نئين هجڻ واري ڳالهہ لکان دي مٽ آهي فياض جو نظم ”شاعري“ هڪ اهڙو بهترين نظم آهي جنهن ۾ ”دانشورانہ اڪيلائي“ کي فوڪس ڪيو ويو آهي. نظم ۾ تخليقڪار جي منفرد راهن وارن لقائن کي پڌاريو ويو آهي نظم تخليقڪار جي جڙ تہ هڪ اهڙي خود ڪلامي آهي جنهن ۾ نہ صرف

سطحيت پٺيان بيزاري آهي پر تخليقي انفراديت ڏانهن وڌڻ جو سعيو پڻ آهي ڪرفيو سندس هڪ اهڙو نظم آهي جيڪو علامتي نظم آهي هي نظم استعارتي ٻوليءَ جي هنرمندي سان سنواريل آهي هن نظم ۾ ڪنهن وقت شعور جي روءِ نظر اچي ٿي پر ڪنهن سمي ائين ٿو ڀائنجي تہ زميني حقيقتن کي سمبلزم ڏئي وري لاشعوري وهڪري کي لاٿو ويو آهي فياض جو نظم ”پوڙهو انقلابي“ ماڻهو کي جديد دور ۾ عدم حاصلات ڏانهن وٺي اچي ٿو جديد پوسٽ ماڊرن سرواٽن چيو آهي تہ هاڻي هارائڻ لاءِ ڪجهہ ڪونهي رڳو ڪنٽوئي آهي پر هي نظم حاصلات جي مد مقابل لاحاصل جي ٽريجڊيز کي وائکو ڪري ٿو ۽ وري ان وجودي سوال کي دهرائي ٿو تہ ماڻهوءَ کي زندگيءَ ۾ چونڊ ڪيئن ڪرڻ گهرجي؟ هي نظم ٻڌائي ٿو تہ ماڻهو پنهنجي اندر ۾ ڇا آهي؟ ۽ حالتن جو وهڪرو ڪيس ڪيئن لوڙهي ڇڏي ٿو؟ فياض ليجنڊ پرسنلٽيز تي جيڪي نظم لکي ٿو سي بايو ڊيٽا ڏيڻ جي برعڪس ليجنڊ پرسنلٽيز جي فلاسافي کي ڪٺي نئين دور سان فڪري هم آواز بنائين ٿا جيئن سندس نظم ”ٽلٽيءَ مٿان چنڊ“ آهي نظم ۾ محاڪات ۽ تلميحون اتهاس کي خوبصورتيءَ سان ڇهن ٿيون نظم پڙهڻ سان مخدوم بلال جو درد ريفرش ٿي پئي ٿو فياض ڪلاسڪ ڪردارن کي ماضي کان حال تائين ڪٺي اچڻ جو هنر ڄاڻي ٿو هي نظم ان ڳالهہ جي گواهي ڏيندڙ آهي ائين سندس نظم ڊجيٽل دور جا ٻار جدت ۽ جديت کان پوءِ جي دور وارن ٻارن جي بهترين عڪاسي ڪندڙ نظم آهي جنهن ۾ ڪالهہ۽اڄ جي ٻارن جو فرق زبر دست نموني واضع ڪيو ويو آهي اوپيرا کان وٺي ڊگهن نظمن تائين فياض ڏاهريءَ جي شاعري بک بدحالي بيروزگاري ڪرپشن ۽ ناخواندگيءَ جي خلاف سراپا احتجاج ڪندڙ شاعري آهي، بيباڪي سندس شاعريءَ جو جوهر آهي ۽ بين الاقوامي موضوعاتي ويراٽي ڪيس هن دور جو اهم جديد شاعر ثابت ڪري ٿي.

**خليق ٻگهيو**

مورو

## ڪتابن جي فهرست

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | ميرا درد (اردو شاعري) | لال چند لال | (ختم ٿيل) |
| (2) | پپهريءَ جا ٻه پل (آتم ڪٿا) | ريتا شهاڻي | (ختم ٿيل) |
| (3) | بارش سوچي ٿي (نثري ٽُڪرا) | ايوب ڪوسو | (ختم ٿيل) |
| (4) | جمال ابڙو ۽ جديد.... (مونوگراف) | ادريس جتوئي | 100/_ روپيا |
| (5) | آنسو (اردو شاعري) | لال چند لال | 120/_ روپيا |
| (6) | رشتن جو رقص (ڪهاڻيون) | ريتا شهاڻي | (ختم ٿيل) |
| (7) | زندگي هڪ وار وري (شاعري) | شريڪانت صدف | 150/_ روپيا |
| (8) | ميگهه ونس اتهاس (تاريخ) | تيرٿداس اُميداڻي | 300/_ روپيا |
| (9) | ڪلجُڳ جو ڪاپڙي (شخصيت) | ليکراج ڪي. راماڻي | (ختم ٿيل) |
| (10) | ويد اُپديش (اردو) (مذهب) | تيرٿداس اُميداڻي | 50/_ روپيا |
| (11) | ڪوتا ـ ڦُلواڙي (شاعري) | ولي رام ولڀ | 200/_ روپيا |
| (12) | ٽانڊن مٿي ٿهڪ (شاعري) | منصور ملڪ | 120/_ روپيا |
| (13) | آلا نيڻ بهارن جا (شاعري) | فياض ڏاهري | (ختم ٿيل) |
| (14) | در کُليو ئي رهيو (ريڊيائي افسانا) | امين ارباب | 150/- روپيا |
| (15) | صاحبو! (اردو شاعري) | دانش مهدي | (ختم ٿيل) |
| (16) | سڄاڻ جون سمرتيون (يادگيريون) | ريتا شهاڻي | 120/_ روپيا |
| (17) | سنڌو لکت جي ياچ (تاريخ) | عطا محمد ڀنڀرو | (ختم ٿيل) |

| | | | |
|---|---|---|---|
| (18) | ووڙيم سپ وڻاڻ (مهم جوئي) | اشتياق انصاري | (ختم ٿيل) |
| (19) | پاڻ هُر تڙيون مايون (ناول) | گوبند خوشحالاڻي | _/120 روپيا |
| (20) | ٻارن جون بيماريون (ميڊيڪل سائنس) | ڊاڪٽر بشير احمد | _/50 روپيا |
| (21) | ڊسمبر جي اڪيلائي (شاعري) | بخشل باغي | _/130 روپيا |
| (22) | جيجي (فن ۽ شخصيت) | مرتب: نصير مرزا | (ختم ٿيل) |
| (23) | فاتح ڪربلا (تاريخ) | ترجمو: حسين بخش لغاري | (ختم ٿيل) |
| (24) | اور گُنگنائون اُسي (اردو شاعري) | شاهد قريشي | _/160 روپيا |
| (25) | سمي صحرا، سمي دريا (نثري مضمون) | مرتب: آزاد انور ڪانڌڙو | _/ 200 روپيا |
| (26) | منڙا ياءُ (ڪهاڻيون) | ولي رام ولڀ | _/180 روپيا |
| (27) | چلي گئي وه آڪر بهي (اردو شاعري) | شاهد قريشي | _/160 روپيا |
| (28) | Globalization viz a viz Pakistan | Prof. Fakhrunisa Talpur | _/80 روپيا |
| (29) | (Reviews) The Glorious Past | Dr. Kazi Khadim | _/400 روپيا |
| (30) | ڇا لاڙ سڄي ۾ آهي امن!؟ (شاعري) | ابراهيم ڪوسو | _/100 روپيا |
| (31) | آئرويدڪ آسان علاج (صحت) | ترجمو: ڪيمپال شرما | (ختم ٿيل) |
| (32) | گيتا ٻوڌ (ڌرمي پُستڪ) | مهاتما گانڌي | _/60 روپيا |
| (33) | بوتيڪ ڪان بيڊ روم تائين (ڪهاڻيون) | اڪبر سومرو | _/150 روپيا |
| (34) | ٿي نہ سگهيس شاعر (شاعري) | نصير مرزا | _/150 روپيا |
| (35) | پتڪي ويل سپنا (ناول) | عزيز پنيرو | _/175 روپيا |
| (36) | ميري شاعري ميري صليب (اردو ۾) | شيخ اياز | _/75 روپيا |
| (37) | شهيدن جي علمدار (بينظير پتو تي شاعري) | قاضي اياز مهيسر | (ختم ٿيل) |
| (38) | انيس انصاري: فن ۽ شخصيت (شخصيت) | اشتياق انصاري | _/200 روپيا |
| (39) | گهاريل گهڙيون (آتم ڪٿا) | عبدالحميد ميمڻ | _/250 روپيا |
| (40) | شاهہ جو گنج شاهہ لطيف جا بيت) | سهيڙيندڙ: سگهڙ الهداد جنجهي | _/1000 روپيا |
| (41) | ڪويءَ جي ڪٿا (آتم ڪٿا) | سوز هالائي | _/250 روپيا |
| (42) | مٽيءَ ۾ ملاوٽ (ڪهاڻيون) | قاضي خادم | _/200 روپيا |
| (43) | وِڪريل ماڻهو (ناول) | فاروق سولنگي | _/250 روپيا |
| (44) | اڪڙيون ڏيل ڏيئا (شاعري) | عامر سيال | _/150 روپيا |
| (45) | اڪت ڪهاڻي۔ڪبير (ناول) | ريٽا شهاڻي | _/140 روپيا |
| (46) | سفر در سفر (سفرنامو) | ريٽا شهاڻي | _/250 روپيا |
| (47) | اڙڪا پنڌ پيار جا (ناول) | ڪلا پرڪاش | _/150 روپيا |
| (48) | سامي سِج وڙاءُ (ناول) | مراد علي مرزا | _/300 روپيا |
| (49) | اُجهاميو ٻرن (ڪهاڻيون) | ماڪن شاهہ رضوي | _/250 روپيا |
| (50) | سنڌو تهذيب ۽ سنڌو ڌرم جا....(تاريخ) | عطا محمد پنيرو | _/250 روپيا |
| (51) | منهنجي ڪهاڻي، ڪجهہ نئين (آتم ڪٿا) | گٽيش ٻالاڻي | _/130 روپيا |
| (52) | شهر جي ڳالهہ (ناول) | اڪبر سومرو | _/250 روپيا |

(53) گورک: فطري حُسن جو تفريحي ماڳ (سياحت ۽ تاريخ) اشتياق انصاري 240/- روپيا
(54) دل جي دفتر مان (ساروڻيون) قاضي خادم 450/- روپيا
(55) سائل ڪوش (سنڌي - سنڌي لغت) پروفيسر سترامداس سائل 850/- روپيا
(56) چنڊ، سمنڊ ۽ پٽر اڪيون (شاعري) سليمان سولنگي (ختم ٿيل)
(57) وچڙي ويل زندگي (شاعري) گلشن لغاري 150/- روپيا
(58) ائين ڀلا ڪيئن هوندو؟ (مضمون) عبدالقادر جوڻيجو 140/- روپيا
(59) ساروڻيون (يادگيريون) قاضي خادم 350/- روپيا
(60) چنڊ چهرا (خاڪا) ماهتاب محبوب 250/- روپيا
(61) سچ جي ڳولا (تصوف ۽ انسانيت) ٽيڪم متائي 150/- روپيا
(62) هلي ڏسجي هندوستان (سفرنامو) الطاف شيخ 450/- روپيا
(63) ويجها ٿيا وصال ڪي (شاعري) غلام محمد جنجهي 275/- روپيا
(64) ڪوڪيئن چوي ڪوڪيئن چوي: امر جليل ترتيب: مختيار احمد ملاح 300/- روپيا
(65) پيار جي هڪ ٻي صدي (ناويلا، ڪهاڻيون ۽ تاثر) رفيق سومرو 250/- روپيا
(66) Gorakh: Beautiful Resort of Sind Ishtiaq Ansari (Trourism) 300/- روپيا
(67) اندر روحَ رهيام (يادگيريون) قاضي خادم 350 /- روپيا
(68) سنڌ جون ڊنڊيون (تاريخ، سياحت ۽ ماحوليات) عزيز رانجهاڻي (ختم ٿيل)
(69) اندر اُڃ اُڪير (شاعري) اسير ڏاهري 150/- روپيا
(70) فاني جڳ لافاني ماڻهو (سوانحي خاڪا) حميد سبزوئي 250/- روپيا
(71) جوئي آهيان سوئي آهيان_امر جليل ترتيب: مختيار احمد ملاح 300/- روپيا
(72) رُوبرو (جيون سنبنڌي مضمون) ريتا شهاڻي 150/- روپيا
(73) سنت تريڪم صاحب (ڌرمي چاڻ) سهيڙيندڙ: راڻا رام چوهاڻ 100/- روپيا
(74) پترڻ جون پُڪارون (شاعري) ع.غ. تبسم 200/- روپيا
(75) رابيل مُڪڙي (نثري ٽڪرا) محمد انور بلوچ 180/- روپيا
(76) رڻ تي چانڊوڪي (شاعري) ايوب کوسو 200/- روپيا
(77) خوبصورت ادبی چہرے (ادبی شخصیات) محمد تقی راجپوت 200/- روپيا
(78) پير اجا مون پنڌ ۾ (يادگيريون) قاضي خادم 500/- روپيا
(79) لڙيو پئي لاڙ تان سورج (استوريز) امين ارباب 150/- روپيا
(80) اُوچا پنڌ پهاڙ جا (آتم ڪٿا) عبدالستار ڪورائي 200/- روپيا
(81) عُمر اوتي اباڻن جا (خاڪا) عزيز گوپانگ 300/- روپيا
(82) جهڙو ساڻ سُگنڌ جو (شخصيت) مرتب: موهن مدهوش 750/- روپيا
(83) خواب اکين ۾ پلجن (شاعري) اسير ملاح 200/- روپيا
(84) ڳالهڙيون ڪُٽيون ناهن (يادگيريون) قاضي خام 500/- روپيا
(85) ديس نماڻو ارڏا ماڻهو (ڪالم) محمد انور بلوچ 180/- روپيا
(86) زيرِ عِشق پيشِ حُسن (خاڪا ۽ تاثر) عزيز گوپانگ 250/- روپيا

(87) ريتا شهاڻي-سنڌ هند جي ڪهاڻي (شخصيت) مرتب: موهن مدهوش _/300 روپيا
(88) هٺ يوگي (ناول) تارا ميرچنداڻي _/300 روپيا
(89) ادب جا معيار ۽ سنڌي ادب (تنقيدي مضمون) هيرو شيوڪاڻي _/250 روپيا
(90) علمِ عروض (شاعري فن جو گيان) ستر امداس ’سائل _/80 روپيا
(91) سنڌ هيرن ڪاڻ (خاڪا) رسول بخش درس _/250 روپيا
(92) سنڌ جون سون ورنيون دليون (هندو ليڪڪ) پروفيسر عبدالستار بلوچ _/350 روپيا
(93) سنڌ ۽ پاڪستان جو رياستي نظام (تحقيق) قاضي فضل سليمان _/350 روپيا
(94) حياتِ ڪوثر (آتم ڪٿا) مرزا علي بخش ڪوثر _/100 روپيا
(95) آچيي جي اُجري باک: محمد ابراهيم جويو تاج جويو _/150 روپيا
(96) رقص منهنجي روح جو (شاعري) سجاد مهر _/200 روپيا
(97) شاهہ جو رسالو (بمبئي وارو ڇاپو) ڪلياڻ آڏواڻي _/600 روپيا
(98) سعودي سعادت (حج جو سفرنامو) محمد خان جروار _/200 روپيا
(99) ايلشبا (ناول) محمد انور بلوچ _/200 روپيا
(100) پونا ايڪسپريس (سفرنامو) موهن مدهوش _/350 روپيا
(101) پکا ۽ پنهوار ڏٺي مون ڏينهن ٿيا (سنڌ جو سفرنامو) وينا شرنگي _/250 روپيا
(102) اُسات (ناول) هري همٿاڻي _/150 روپيا
(103) پوءِ بہ چنڊ اڪيلو (شاعري) زبير سومرو _/300 روپيا
(104) ٽي ننڍا ناول (ناول) موتيلال جوتواڻي _/200 روپيا
(105) ياد ياد هڪ زندگي (يادگيريون) قاضي خادم _/300 روپيا
(106) ڪڏهن بهار تہ ڪڏهن خزان (ڪهاڻيون) تارا ميرچنداڻي _/400 روپيا
(107) ادبي سفر (مضمون، مقالا، افسانا ۽ شاعري) قاضي خادم _/400 روپيا
(108) وڃايل وارث (ناول) ايوب کوسو _/250 روپيا
(109) پهرين جنوري (ڪهاڻيون) انور ابڙو _/250 روپيا
(110) اُجهاميو ٻران (ناول) ظفر جوڻيجو _/300 روپيا
(111) هاءِ وي (شاعري) موهن همٿاڻي _/300 روپيا
(112) حشو ڪيولراماڻي: ..شخصيت (ساروڻيون) مدد علي سنڌي _/100 روپيا
(113) ادبي سفر-ڀاڱو ٻيو (پيش لفظ، مهاڳ، تنقيد) قاضي خادم _/400 روپيا
(114) گِنان شناسي (تحقيق: اساسي سنڌي ادب) ڊاڪٽر غلام علي الانا _/500 روپيا
(115) درد جو سفر (ڪهاڻيون) عزيز ڪينجهرائي _250 روپيا
(116) برف سی لڑکی (شاعری) جاوید سوز ہالائی _/150 روپيا
(117) سنڌي لکت جا اصول (تعليم) پروفيسر رستم خاصخيلي _/130 روپيا
(118) ليڇمڻ ڪومل جا خط (خط) مرتب: رڪيل مورائي _/150 روپيا
(119) هئنگ اوور (شاعري) فياض ڏاهري _/200 روپيا